ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN

هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار

THE DAILY IBRAT Hyderabad

روزاني عبرت حيدرآباد

68 Years 1958 - 2025

Regd: NO-2430-B

Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8

سال (94) اربع 18 مارچ 2026ع 28 رمضان المبارڪ 1447هه صفحا 6 - ملهه 30 وپيه شمارو (214)

website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

Daily Ibrat Karachi Wednesday 18 March 2026

سال (18) اربع 18 مارچ 2026ع 28 رمضان المبارڪ 1447هه صفحا 6 - ملهه 30 وپيه شمارو (177)

Daily Ibrat Hyderabad Wednesday 18 March 2026

ايران ۾ اسرائيل جي شديد بمباري، علي لاريجاني ۽ ڪمانڊر غلام رضا سليماني کي نشانو بڻائڻ جي دعويٰ، تهران جي ترديد

ايران طرفان اسرائيل تي نون حملن ۾ سائبر ٽيڪ مرڪزن ۽ پوليس جي هٿيار ٺاهڻ واري ڪارخاني کي نشانو بڻايو ويو، حملي وقت علي لاريجاني سان سندس پٽ به گڏ هو: اسرائيلي اختيارين

علي لاريجاني کي گڏيل رلٽ وارن حملن دوران نشانو بڻايو ويو، پاسداران انقلاب جي پيراملٽري فورس بسيج جي ڪمانڊر غلام رضا سليماني به هڪ فضائي حملي ۾ مارجي ويو: اسرائيل جي دعويٰ

صبح ڪلن جاري ٻرون حملن دوران صيهوني حڪومت جي هٿيار ٺاهڻ واري ڪمپليڪس کي نشانو بڻايو، علي لاريجاني جي ٽيليگرام ۽ ايڪس اڪائونٽن تي شايع ٿيل تصويري پيغام ۾ وقت ۽ تاريخ لکيل ناهي

ايراني حڪومت جو تختو رڳو ايراني عوام ذريعي ئي اونڌو ڪري سگهجي ٿو، اسان ڪٿي چڪا آهيون، ايران ڊرامائي طور هيٺ ٿي چڪو آهي، ايران سان جنگ اسان جو مشن مڪمل ٿيڻ تائين جاري رهندي: اسرائيلي پرڏيهي وزير

تل ابيب/ تهران (مانيٽرنگ ڊيسڪ) اسرائيلي فوج دعويٰ ڪئي آهي ته هن ايران جي سپريم نيشنل سيڪيورٽي ڪائونسل جي سيڪريٽري علي لاريجاني ۽ بسيج فورس جي ڪمانڊر غلام رضا سليماني کي نشانو بڻايو آهي جڏهن ته ايراني اختيارين طرفان اڃا تائين ڪو به باضابطا ردعمل

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

بلاول ڀٽو زرداري سان نثار کهڙو ۽ وقار مهدي جي ملاقات

ملاقات دوران تنظيم جي سرگرمين ۽ سياسي صورتحال تي تفصيلي ڳالهه ٻولهه

فاروق اعوان، نبيل گبول ۽ نادر گبول عوامي مسئلن بابت چيئرمين کي ڄاڻ ڏني

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري سان پ پ سنڌ جو صدر نثار کهڙو ۽ جنرل سيڪريٽري وقار مهدي ملاقات ڪري رهيا آهن

ايراني انٽيليجنس وزارت طرفان سوين اسٽار لنڪ ڊوائيسز ضبط ڪرڻ جي دعويٰ

تهران (م د) ايران جي انٽيليجنس وزارت طرفان سوين اسٽارلنڪ ڊوائيسز ضبط ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي وئي آهي ايران جي

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

حزب الله تل ابيب ۾ اسرائيلي فوجي اڏي تي حملي جي وڊيو جاري ڪري ڇڏي

بيروت (م د) لبنان جي مزاحمتي تنظيم حزب الله تل ابيب جي ڏاکڻي علائقي ۾ قائم اسرائيلي فوجي اڏي تي ميزائل حملن

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

افغانستان ۾ پاڪستاني فورسز جون ڪامياب ڪارروايون، فضائي حملن ۾ دهشتگردن جا ڪيئي ٺڪاڻا تباهه

آپريشن غضب للحق تحت افغانستان تي فضائي حملا، جنهن ۾ طالبان حڪومت جي انهن عسڪري جاين کي نشانو بڻايو ويو، جيڪي دهشتگردي لاءِ استعمال ٿي رهيون هيون: وزير اطلاعات

ننگرهار ۾ به طالبان حڪومت جي انهن هنڌن کي نشانو بڻايو ويو، جن کي دهشتگردي جي مقصدن لاءِ استعمال ڪيو ويو ۽ لاجسٽڪس، گولي بارود ۽ ٽيڪنيڪي انفرا اسٽرڪچر کي تباهه ڪيو ويو

ڪابل ۾ ٻن هنڌن تي موجود فني مدد جي بنيادي ڍانچي ۽ هٿيار ذخيرو ڪرڻ جي سهولتن کي مؤثر انداز ۾ تباهه، حملن کانپوءِ نظر ايندڙ ثانوي ڌماڪا هٿيارن جي وڏن ذخيرن جي موجودگي جي نشاندهي ڪن ٿا

لاڳاپيل لاجسٽڪ سهولتون، هٿيار ۽ فني بنيادي ڍانچو تباهه، انهن ٺڪاڻن کي پڻ نشانو بڻايو ويو جيڪي افغان طالبان حڪومت پنهنجي ڪيترن ئي دهشتگرد پراڪسيز جي حمايت ڪن ٿا

افغان طالبان حڪومت جي پروپيگنڊا ڪندڙن جون ڪوڙيون دعوائون خطي ۾ دهشتگردي جي حمايت ۽ سرپرستي جي ڪٽي قدمن سان افغان عوام ۽ دنيا کي بيوقوف نٿا بڻائي سگهن: وزير وزير عطاءُ الله تارڙ

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) اطلاعات واري وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ چيو آهي ته

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

جتي به پيپلز پارٽي جي حڪومت رهي آهي، اتي ترقي واضح نظر اچي ٿي: شرجيل ميمڻ

رمضان المبارڪ جي برڪت واري مهيني ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي پنهنجي عوام سان ڪيل واعدا پورا ڪري رهي آهي

ميئر ڪراچي سان گڏجي شهر جي ترقي، سالڊ ويسٽ مئنيجمينٽ، پاڻي جي فراهمي ۽ انفراسٽرڪچر جي بهتري تي خاص ڌيان ڏنو پيو وڃي

سنڌ حڪومت پهريون ڀيرو پاڪستان ۾ اي وي بس سروس ۽ عورتن لاءِ پنڪ بس سروس متعارف ڪرائي آهي

ڪراچي (رپورٽ : راهب ڳاهو) سنڌ ٽرانسپورٽ کاتي جي انتظام هيٺ اي وي بس جي نئين روٽ جي افتتاحي تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ سنڌ جي سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ ميئر

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: سينيئر صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ ميئر مرتضيٰ وهاب ۽ ايم اين اي شاهده رحماني پيپلز بس جي نئين روٽ جو افتتاح ڪري رهيا آهن

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت ۾ پي اي آر سي جي بيهر جوڙجڪ بابت گڏجاڻي ٿي رهي آهي

وزيراعظم پاران پاڪستان زرعي تحقيقاتي ڪائونسل جي نئين سر جوڙجڪ جي اصولي منظوري

قومي غذائي تحفظ ۽ تحقيق واري وزارت ۽ پي اي آر سي جي معاملن بابت وزيراعظم جي صدارت ۾ اجلاس ٿيو

چين جي اڪيڊمي آف ايگريڪلچرل سائنسز جي طرز تي زرعي تحقيق جي حوالي سان تحقيقي ادارو بڻائڻ جي هدايت

ٽائيم لائين سان پي اي آر سي جي نئين سر تنظيم سازي جي لاءِ ٺوس پلان تيار ڪيو وڃي: وزيراعظم شهباز شريف

اجلاس کي پي آر سي کي زرعي تحقيق جي جديد دور جي گهرجن سان هم آهنگ هڪ فعال ادارو بڻائڻ جي حوالي سان تفصيلي بريفنگ

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف پاڪستان زرعي تحقيقاتي

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

آمريڪي اڏن جو استعمال پاڙيسري ملڪن سان لاڳاپن کي نقصان پهچائي رهيو آهي: ايراني صدر

ايران موجوده جنگ جي شروعات ناهي ڪئي پر پنهنجي دفاع جو حق استعمال ڪري رهيو آهي: مسعود پزشڪيان

امن ۽ استحڪام ان وقت تائين ممڪن ناهي جيستائين آمريڪا ۽ اسرائيل پاران ايران خلاف ڪارروايون جاري آهن

جنگ بندي جون اپيلون ان وقت تائين اثرائتيون ناهن جيستائين ايران خلاف وڌيڪ حملن جي ضمانت نه ٿي ڏني وڃي: ايراني صدر

تهران (اي پي پي) ايران جي صدر مسعود پيزشڪيان خطي ۾ آمريڪي فوجي اڏن جي استعمال کي ختم ڪرڻ جو مطالبو ڪندي چيو آهي ته اهو قدم ايران جي پاڙيسري ملڪن سان لاڳاپن کي نقصان پهچائي رهيو آهي پرڏيهي ميڊيا موجب سوشل ميڊيا پليٽ فارم ايڪس تي جاري بيان ۾ ايران جي صدر چيو ته ايران موجوده

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

قومي ڏهاڙي تي پريڊ ۽ تقريبون نه ڪرڻ جو فيصلو

تيل بحران ۽ حڪومتي بچت مهم تحت قدمن سبب اهڙو فيصلو ڪيو ويو

سموريون وزارتون ۽ ادارا سادگي ۽ پروقار طريقي سان پاڪستان جو ڏهاڙو ملهائين: وزيراعظم

اسلام آباد (اي پي پي) تازي صورتحال جي ڪري تيل جي بحران ۽ حڪومت پاران اعلان ڪيل ڪفايت شعاري قدمن جي ڏس

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

بغداد ۾ آمريڪي سفارتخاني تي ڊرون ۽ راڪيٽن سان حملو

آمريڪي سفارتخاني تي صبح جو ٽي ڊرون ۽ چار راڪيٽ فائر ويا: ايران

ٽيون سفارتخاني جي احاطي سان ٽڪرائجي ويو، علائقو سرڪاري تحويل ۾ ڏني ويندي

بغداد (اي پي پي) عراق جي گادي واري شهر بغداد جي گرين زون ۾ واقع آمريڪي سفارتخاني تي حملو ڪيو ويو آهي پرڏيهي ميڊيا مطابق عراق جي سيڪيورٽي اهلڪار جي حوالي سان ٻڌايو آهي ته

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

نيويارڪ ۾ باهه، ٻار سميت 4 ماڻهو اجل جو شڪار

نيويارڪ سٽي ۾ هڪ رهائشي عمارت ۾ اوچتو باهه لڳي

واقعي ۾ هڪ ٻار سميت چار ماڻهو فوت ۽ ڪيترائي زخمي ٿيا

نيويارڪ (اي پي پي) آمريڪي شهر

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

کوالٹی کی روایت
کفایت کے ساتھ
SUFI
دسترخوان

شهر	اهلسنت		اهل تشيع	
	افطاري	سحري	افطاري	سحري
ڪراچي	6:42	05:23	06:51	05:15
حيدرآباد	06:37	05:18	06:46	05:09
سکر	06:34	05:15	06:43	05:06

صوفي
شربتِ مسرّت
خالص اجزاء
رمضان میں فرحت بخش
SUFI
Sharbat-e-Mussarat
SUFI QUALITY GUARANTEED
☎ UAN: (042) 111 100 786

پاڪستان پاران ڪابل ۾ منشيات جي بحالي جي اسپتال کي نشانو بڻائڻ جو الزام بي بنياد قرار

رڳو افغان طالبان رجيم جي بنيادي ڍانچي کي نشانو بڻائي رهيو آهي، جيڪي دهشتگرد حملن جي منصوبابندي ۾ هوندا

ڪنهن اسپتال، ڪنهن منشيات جي بحالي جي مرڪز ۽ ڪنهن شهري سهولت جي عمارت کي نشانو نه بڻايو ويو

موجوده حڪومتي عهديدار بار بار ڪوڙن بيانن، ڪوڙين دعوائن، اڳ جي پوسٽن کي چونڊي ڊيليٽ ڪرڻ ۽ ٻڌندڙن کي گمراهه ڪرڻ

اسلام آباد (اي پي پي) اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ افغان طالبان رجيم پاران پاڪستان تي ڪابل ۾ منشيات جي بحالي جي اسپتال کي نشانو بڻائڻ جي الزام ۽ ڪوڙي دعويٰ

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

فيصل آباد: هڪ پينٽر ديوارن تي خوبصورت چٽ چٽي رهيو آهي

پ پ پاران 4 اپريل تي ڳڙهي خدابخش ڀٽو ۾ رٿيل جلسو نه ڪرڻ جو فيصلو

ملڪ جي سڀني ضلعن ۾ قرآن خواني جون تقريبون منعقد ڪرڻ جو فيصلو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلزپارٽي پاران 4 اپريل تي ڳڙهي خدابخش ڀٽو ۾ رٿيل ورسي وارو جلسو نه

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

ڪيوبا سان جيڪو چاهيون ڪري سگهون ٿا :آمريڪي صدر

مان ڪيوبا کي حاصل ڪرڻ جو اعزاز حاصل ڪري وٺندس: ٽرمپ

واشنگٽن (اي پي پي) آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ ڪيوبا خلاف پنهنجي زباني جنگ کي وڌيڪ تيز ڪندي چيو آهي ته هو اميد ڪري ٿو ته کيس ڪيوبا ڪنهن نه شڪل ۾ حاصل ڪرڻ جو اعزاز ملندو ۽ هو

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

سنڌ سميت سڄي ملڪ ۾ 17 کان 20 مارچ تائين برفباري، برسات ۽ طوفان جي اڳڪٿي

اولهندي علائقن ۾ داخل ٿيندڙ نئون اولهندي سلسلو 20 مارچ تائين ملڪ جي اڪثر حصن کي پنهنجي وڪڙ ۾ آڻيندو

عيد ڏينهن ملڪ جي مٿانهين علائقن ۾ موسم جهڙالي رهندي، بلوچستان ۽ پرپاسي علائقن ۾ برسات ۽ گجگوڙ جو امڪان

اسلام آباد (اي پي پي) موسميات کاتي سنڌ سميت سڄي ملڪ ۾ 17 کان 20 مارچ تائين برفباري، برسات ۽ طوفان جي اڳڪٿي ڪئي آهي موسميات کاتي موجب 17 مارچ کان ملڪ جي اولهندي علائقن ۾ داخل ٿيندڙ نئون اولهندي سلسلو 20 مارچ تائين ملڪ جي اڪثر حصن کي پنهنجي وڪڙ ۾ آڻيندو جنهن سبب مختلف علائقن

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

شوال 1447هجري جو چنڊ ڏسڻ لاءِ چنڊ ڏسڻي ڪميٽي جو اجلاس اڄ اسلام آباد ۾ طلب

اسلام آباد (اي پي پي) شوال 1447هجري جو چنڊ ڏسڻ لاءِ مرڪزي چنڊ ڏسڻي ڪميٽي جو اجلاس (سڀاڻي) خميس 19 مارچ تي اسلام آباد ۾ طلب ڪيو ويو

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ ممڪن وڏي دهشتگرد حملي جو منصوبو ناڪام بڻايو ويو

ڪائونٽر ٽيررازم ڊپارٽمينٽ هڪ انتهائي گهربل دهشتگرد کي ماري ڇڏيو

دهشتگرد جي سڃاڻپ سهيل بلوچ عرف گرگ بلوچ جي نالي سان ٿي

مارجي ويل دهشتگرد پابندي مڙهيل بلوچ لبريشن آرمي جو هڪ اهم ڪمانڊر هو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ ممڪن وڏي دهشتگرد حملي جو منصوبو ناڪام بڻايو ويو 17 فيبروري تي سي ٽي ڊي سنڌ سان مقابلي ۾ مارجي ويل دهشتگرد انتهائي گهربل دهشتگرد نڪتو تفصيل

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

فنانس ڪميٽي جو مقصد ادارن جا مالي مسئلا وقت تي حل ۽ ترقياتي منصوبن ۾ رڪاوٽن کي ختم ڪرڻ آهي: ناصر شاهه

فنڊز جي منظوري مڪمل شفافيت ۽ گڏيل صلاح مشوري سان ڏني وڃي ٿي ته جيئن وسيلن جو صحيح استعمال ٿئي

بلاول ڀٽو زرداري ۽ وزيراعليٰ سنڌ جي هدايتن موجب ترقياتي منصوبن جي وقت تي تڪميل حڪومت جي اولين ترجيح آهي

منظور ٿيل منصوبن تي فوري عمل ڪيو وڃي ٿو ته جيئن عوام کي جلدي فائدو ملي ۽ صوبي ۾ ترقي جو عمل تيز ٿئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) بلديات، هائوسنگ ۽ ٽائون پلاننگ سنڌ جي وزير سيد ناصر حسين شاهه جي صدارت هيٺ ڪابينا جي فنانس بابت ذيلي ڪميٽي جو تفصيلي

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

دادو: بس حادثي جي زخمين کي طبي امداد ڏني پئي وڃي

چين پاران اسلاموفوبيا خلاف زيرو ٽالرنس اختيار ڪرڻ جي اپيل

انتهاپسند نظرين ۽ تهذيبي ٽڪراءَ جي سختي سان مخالفت ڪئي وڃي: چين

هم آهنگي ۽ هڪ جامع معاشري جي جوڙجڪ کي يقيني بڻائڻ ضروري آهي: سون لي

بيجنگ (اي پي پي) چين سڄي دنيا ۾ اسلامو فوبيا خلاف زيرو ٽالرنس اختيار ڪرڻ جي اپيل ڪئي آهي پرڏيهي ميڊيا موجب

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

آمريڪي فورسز پاران پنهنجي شهرين کي عراق ڇڏڻ جي هدايت

بغداد (اي پي پي) عراق ۾ آمريڪي سفارتخاني سيڪيورٽي خدشن کي نظر ۾ رکندي آمريڪي شهرين کي فوري طور تي

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

سرڪاري دستاويزن کي ڊجيٽل بڻائڻ، جعلي اسٽامپ پيپر ختم ڪرڻ ۽ خدمتون آسان ڪرڻ جو ارادو آهي: وڏو وزير

گذريل پنج مهينن ۾ 7 لک 30 هزار کان وڌيڪ چالان پراسيس ٿيا آهن ۽ 12.8 ارب رپيا شفاف طريقي سان وصول ڪيا ويا آهن

اي-اسٽيمپنگ سسٽم سان جعلي اسٽامپ پيپر مافيا جو خاتمو، بئنڪ ڊيٽ دستاويزن جي روايت جو خاتمو ۽ ماڻهن کي ڊگهن قطارن کان نجات ملي رهي آهي

وڏي وزير "سنڌ پي" نالي ڊجيٽل ادائيگي پليٽفارم جو اعلان ڪيو، شهري موبائل فون تان ٽيڪس، فيسون ۽ ٻيون ادائيگيون ڪري سگهندا

ڪراچي (رپورٽ : راهب ڳاهو) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه صوبي ۾ ڊجيٽل گورننس کي هٿي ڏيڻ لاءِ اپاءَ تيز ڪندي چيو آهي ته ٽيڪنالاجي تي ٻڌل سڌارا شفاف، موثر ۽ عوام دوست حڪومت

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد: حسين آباد ۾ ٻارڙيون نلڪي تان پاڻي ڀري رهيون آهن

آءِ جي سنڌ جي صدارت هيٺ منشيات ۽ گٽڪي خلاف ڪارروايون جو جائزو اجلاس

اي پلس ڪيٽيگري منشيات فروشن ۽ آن لائين وڪرو ڪندڙن خلاف تفصيلي بريفنگ

گٽڪو ۽ ماوا وڪرو ڪندڙن خلاف ڪارروايون تيز ڪرڻ، سائبر مانيٽرنگ ۽ انٽيليجنس کي فعال بڻائڻ تي زور

ڪراچي (بيورو رپورٽ) انسپيڪٽر جنرل آف پوليس سنڌ جاويد عالم اوڍو جي صدارت هيٺ سينٽرل پوليس آفيس ڪراچي ۾ اي

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ ماروي ميمڻ جو تاريخي سڃاڻپ ۽ ٻولي جي تحفظ لاءِ نئين فورم جو اعلان

فورم طرفان سنڌ جي تاريخي عمارتن ۽ ماڳن مڪانن جي تحفظ لاءِ آواز اٿاريو ويندو: ماروي ميمڻ

سنڌ جي جهنگلي جيوت، ماحول، لوڪ ادب، شاعري ۽ ٻولي لاءِ حڪومت طرفان مناسب بجيٽ رکرائڻ لاءِ دٻاءُ وڌو ويندو

ڪراچي (رپورٽ : راهب ڳاهو) اڳوڻي وفاقي وزير ماروي ميمڻ ڪالهه شام جو ڪراچي پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي سنڌ جي تاريخي سڃاڻپ ۽ ٻولي کي درست انداز ۾ بيان ڪرڻ پيش ڪرڻ لاءِ

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

ڪراچي مسئلن تي ميئر ڪراچي سان ڳالهه ٻولهه ٿي آهي: نهال هاشمي

ايم ڪيو ايم قيادت ۽ ڪامران ٽيسوري سان به رابطو برقرار آهي

گورنر هائوس عوام جو گهر آهي ۽ اهو هميشه عوام لاءِ کليل رهندو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) گورنر سنڌ محمد نهال هاشمي چيو آهي ته هن شهر جي مسئلن تي ميئر ڪراچي مرتضيٰ وهاب سان تفصيلي ڳالهه ٻولهه ڪئي آهي جڏهن ته ايم ڪيو ايم جي قيادت ۽ اڳوڻي گورنر

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

بهاولپور: هڪ اسٽال تي افطاري لاءِ ماڻهو سموسا پڪوڙا خريد ڪري رهيا آهن

جماعت اسلامي رڳو سياسي پوائنٽ اسڪورنگ ڪري رهي آهي: ترجمان ميئر

جماعت اسلامي ڪراچي جي ترقي ۾ سڀ کان وڏي رڪاوٽ بڻجي چڪي آهي

روڊ، انڊر پاس، اوور هيڊ برج، پارڪ، گرائونڊ ۽ ڪميونٽي سينٽرن جا ڪم شروع ڪيا آهن

جماعت اسلامي جي 9 ٽائونز ۾ ڪرپشن عام آهي ۽ ڪو به نمايان ترقياتي منصوبو نظر نٿو اچي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ميئر ڪراچي جي ترجمان ۽ ڪي ايم سي ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي جي پارلياماني ليڊر ڪرم الله

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

مسيحي ذاتي قانونن ۾ تبديلي لاءِ نئين ڪميٽي قائم، هندو وراثتي قانون پڻ جڙندو

سنڌ اسيمبلي ۾ اقليتي حقن تي پارلياماني ورڪنگ گروپ جو هڪ اهم اجلاس ڪنوينر گيان چند ايسراڻي جي صدارت ۾ منعقد ٿيو

سنڌ اسيمبلي جي ڊپٽي اسپيڪر انٿوني نويد، راڻا همير سنگهه، ڪنور مل، مهيش ڪمار هاسيجا، انيل ڪمار رتناڻي شرڪت ڪئي

قومي اقليتي لابنگ وفد جي وفد جي ميمبرن ڪرشن شرما، رومانه بشير، عاطف جميل ۽ ٻين ورڪنگ گروپ کي بريفنگ ڏني

مسيحي شادي جي قانون تي سفارشون تيار ڪرڻ لاءِ انٿوني نويد، مهيش هاسيجا ۽ ڊاڪٽر شام سندر آڏواڻي تي مشتمل هڪ ڪميٽي ٺاهي وئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ اسيمبلي ۾ اقليتي حقن تي پارلياماني ورڪنگ گروپ جو هڪ اهم اجلاس، سنڌ جي وڏي وزير جي بحالي کاتي جي صلاحڪار ۽ اقليتي حقن تي پارلياماني ورڪنگ گروپ جي ڪنوينر

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

ڀارت سڀ کان وڏو اسلاموفوبڪ ملڪ آهي جتي مذهبي اقليتن تي تشدد ڪيو وڃي ٿو: پاڪستان

ڀارت ٻين مذهبي اقليتن خلاف تشدد ۽ مسجدن جي تباهي جهڙن قدمن ۾ ملوث ماڻهن کي سزا ڏيڻ ۾ ناڪام رهيو آهي

سمورن ملڪن ۾ مسلمانن خلاف وڌندڙ نفرت کي ختم ڪرڻ انساني حقن جي اصولن تي عمل ڪرڻ جي اپيل ڪئي آهي: انتونيو گوتيرس

نسلي تعصب، تعصب، اجنبي دشمني، عدم برداشت ۽ نفرت خلاف انسانيت جي گڏيل جدوجهد ئي اصل جاکوڙ آهي

گڏيل قومون (اي پي پي) پاڪستان گڏيل قومن جي اعليٰ سطحي اجلاس ۾ ڀارت تي تنقيد ڪندي چيو آهي ته هو

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

گڏيل عرب امارتن ۾ حملن هڪ وڌيڪ پاڪستاني مارجي ويو

ايئر ڊفينس سسٽم بيلسٽڪ ميزائل کي ناڪام بڻايو: اماراتي اختياريون

ياس ۾ ميزائل جا ٽڪرا ڪرڻ سبب هڪ پاڪستاني شهري حياتي وڃائي ويٺو

دبئي (م د) گڏيل عرب امارتن ۾ حملن دوران هڪ ٻيو پاڪستاني شهري مارجي ويو آهي، اماراتي اختيارين موجب، ايئر

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ فائرنگ ۾ سخت زخمي ٿيل نوجوان علاج دوران فوت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) اورنگي ٽائون ايم پي آر ڪالوني ۾ نامعلوم هٿياربندن جي فائرنگ ۾ سخت زخمي ٿيل نوجوان علاج

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

راولپنڊي: هڪ گهوڙيو چنگچي تي ٻارن جا رانديڪا وڪري لاءِ کڻي وڃي رهيو آهي

چنيوٽ: هڪ هاري زيتون جي باغ مان زيتون چونڊي رهيو آهي

عيدالفطر جي پهرين ڏينهن سموريون ريزرويشن آفيسون بند رهنديون: ريلوي ترجمان

لاهور (اي پي پي) عيدالفطر جي پهرين ڏينهن سموريون ريزرويشن آفيسون بند رهنديون ريلوي جي ترجمان پاران جاري اعلان موجب عيد جي ٻئي ڏينهن به ريزرويشن آفيسون صبح جو 8 وڳي کان

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

سنڌ جو واحد فئملي ڊائجسٽ هزارداستان مارچ 2026ع جو شمارو

هن شماري ۾ پڙهندا

هن شماري ۾ خاص خاص...

عالمي ادب مان
- عورتن جي اوطاق - مرسيا ايلياڊ
- پردي جي پٺيان - ڪئٿرائن مئنسفيلڊ
- شهزادي سوسن - پوسٽنگ لِنگ

سنڌي ادب جي خزاني مان
ڌرتيءَ جي ڌوڙ، آسمان جا تارا - امر جليل

طبعزاد نکور ڪهاڻيون
- ٿلهي دل جا ڪندي!؟ - پرويز
- مارئيءَ جا ڳوڙها - يارمحمد چانڊيو
- ويران وسندي - نور حسن هوت
- پاڳل - ذلفي زنئور
- لاوارث لاش- بخت ٻرڙو
- محبت جي پناهه - سردار خاتون
- غلط فهميون - غلام فريد شر

ماهوار سلسلا
- نيٺ گونگي ڳالهايو - قسطوار ناول
- موراڪو جا ماڳ - مراڪش جو سفرنامو

ڪوتانگر

وسيم سومرو، ساحر راهو، الطاف انصاري، احساس ابڙو، شبانه عالماڻي، امتياز عادل سومرو، شيدا شعبان چنجڻي، وفا جانوري، نويد ناز پٽي، عبدالجبار عاجز منگي، طارق امام جوڻيجو، وفا رياض احمد لورڙ، اڪبر عارباڻي، مظهر علي جروار، نقش ناياب منگي، اقرار جوڻيجو، گل حسن ساگر ڪوري، سميع ساجد جوڻيجو، لِيلا رام لوهاڻو، خيال ڪتري، محمد ياسين ڪنير، علي اڪبر چانگ، آثم ارباب، وفا گل محمد جمالي، ارباب عادل چوهاڻ، حسيب رجيرو، آڪاش ميراڻي، خير محمد گهنيو، ضمير ڏامراهه، معشوق محسن ابڙو، انور سانول، اختيار علي خاصخيلي، امداد عاجز نصيراڻي، اطهر منگي، تنها سخاوت شيخ، ممتاز علي ٿر واسي، حيدر مهراڻي، ڪونج بلوچ، راشد گل گاڏهي، عبدالرزاق خاصخيلي، قاضي ساگر، دوست علي احمداڻي، ذاڪر جروار، قاصر اياز ميمڻ، شمير سومرو، حڪيم پريم چانڊواڻي، عبدالحميد جسڪاڻي، آءِ ڊي سومرو، غلام علي ڪانڊڙو، گلزار احمد درس، مجيد نواز مغل، سڪندر سرواڻ، صوفي مجاهد، گهايل مغيري، آزاد خاصخيلي، شاهد حسين نظامر، عبد الغفار ميمڻ، اُتم ٿرواسي، شيخ نياز، وسند چوهاڻ، اداسي عبدالقادر ننڊواڻي، پرويز علي چاچڙ، غلام رسول گل، ديدار ديوانو گاڏهي، صادق لاشاري، ستار شاهه 'بادل' بخاري، غلام آدرش، غفور گل تنيو، شاد شڪور چنو، جيئند علي مهر، باغي محسن، عبدالغني شر، شير محمد دلڪش، جلال شيخ، صائمه سومرو، ناز ريڏنو خاصخيلي، عبدالغفور ٻڙدي، مهر فقير، نادر ڪولاچي، آفتاب ڪپري، فقير محمد سنڌي، جان محمد شيخ قبائي، شيراز زينڊپور، علي نواز زينڊپور ۽ ٻين جي نکور شاعري.

پنهنجي ڪاپي روزاني عبرت جي هاڪر کان اڄ ئي خريد ڪري وٺو نه ته پوءِ ميار ڪار نه آهي
هر هنڌ موجود
MONTHLY HAZAR DASTAN DIGEST HYDERABAD
ماهوار هزارداستان حيدرآباد
March-2026 Year:37 Issue:05- Rs 60/-

بقايا 1 ملاقات

پيپلزپارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري سان پي پي پي سنڌ جي صدر نثار کهڙو ۽ جنرل سيڪريٽري وقار مهدي بلاول هائوس ۾ ملاقات ڪئي. ملاقات دوران تنظيم جي سرگرمين ۽ سياسي صورتحال تي تفصيلي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي. ساڳئي ڏينهن، فاروق اعوان، نبيل گبول ۽ نادر گبول پنهنجن پنهنجن حلقن جي عوامي مسئلن ۽ حل بابت بلاول هائوس ۾ چيئرمين سان ملاقات ڪئي. نادر گبول سان گڏ اسد گبول پڻ موجود هو ۽ لياري جي سياسي ۽ سماجي صورتحال تي به گفتگو ٿي. ان کان علاوه، پي پي پي ضلع ڪشمور ڪندهه ڪوٽ جي اڳواڻ رحمت الله ٻومڪي ۽ صنعتڪار ۽ ڪاروباري اڳواڻ محمد علي ٽبه پڻ بلاول هائوس ۾ چيئرمين سان ملاقات ڪئي. ملاقاتن دوران سياسي صورتحال، صنعتي ۽ تاجر برادري کي درپيش چئلينجز ۽ انهن جي حل بابت تفصيلي تبادلو خيال ڪيو ويو.

بقايا 2 ٺڪاڻا تباهه

پاڪستان آپريشن غضب للحق تحت سومر جي رات افغانستان تي فضائي حملا ڪيا، جنهن ۾ طالبان حڪومت جي انهن عسڪري جاين کي نشانو بڻايو ويو جيڪي دهشتگردي لاءِ استعمال ٿي رهيون هيون. اڱاري جي صبح ايڪس تي هڪ پوسٽ ۾ عطاءِ الله تارڙ لکيو ته ڪابل ۾ ٻن جاين تي حملا ڪيا ويا، جنهن ۾ ٽيڪنيڪل سپورٽ جي انفرا اسٽرڪچر ۽ گولي بارود جي ذخيرن کي تباهه ڪيو ويو. حملن ڪانپوءِ انهن ٻنهي جاين تي ٿيندڙ ڌماڪا نشاندهي ڪن ٿا ته اتي گولي بارود جو وڏو ذخيرو موجود هو. هن چيو ته ننگرهار ۾ به طالبان حڪومت جي انهن هنڌن کي نشانو بڻايو ويو جن کي دهشتگردي جي مقصدن لاءِ استعمال ڪيو ويو ۽ لاجسٽڪس، گولي بارود ۽ ٻئي ٽيڪنيڪي انفرا اسٽرڪچر کي تباهه ڪيو ويو. اسان پنهنجي شهرين جي دفاع، دهشتگردي جي صلاحيت کي گهٽ ڪرڻ ۽ سرحد پار کان پاڪستان جي خلاف دهشتگردي ڪندڙن کي محفوظ پناهگاهن کان محروم ڪرڻ جي لاءِ هر ضروري قدم کڻندا رهنداسين. ٻئي طرف پاڪستان جي هٿياربند فوجن آپريشن غضب للحق جي تحت 16 مارچ 2026ع جي رات ڪاميابي سان انتهائي صحيح هوائي حملا ڪندي ڪابل ۽ ننگرهار ۾ افغان طالبان حڪومت جي دهشتگردي جي سرپرستي ڪندڙ فوجي ٺڪاڻن کي نشانو بڻايو. اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي وزير عطاءالله تارڙ اڱاري ڏينهن سماجي رابطن واري پليٽ فارم "ايڪس" تي پنهنجي هڪ پوسٽ ۾ ٻڌايو ته ڪابل ۾ ٻن هنڌن تي موجود فني مدد جي بنيادي ڍانچي ۽ هٿيار ذخيرو ڪرڻ جي سهولتن کي مؤثر انداز ۾ تباهه ڪيو ويو. حملن ڪانپوءِ نظر ايندڙ ثانوي ڌماڪا واضح طور تي هٿيارن جي وڏن ڊپوئن جي موجودگي جي نشاندهي ڪن ٿا. ننگرهار ۾ پڻ پاڪستان جي هٿياربند فوجن افغان طالبان حڪومت جي دهشتگردي کي اسپانسر ڪندڙ ڇهن فوجي ٺڪاڻن کي نشانو بڻايو جنهن جي نتيجي ۾ لاڳاپيل لاجسٽڪ سهولتون، هٿيار ۽ فني بنيادي ڍانچو تباهه ٿي ويو. صرف انهن ٺڪاڻن کي نشانو بڻايو ويو جيڪي افغان طالبان حڪومت پنهنجي ڪيترن ئي دهشتگرد پراڪسيز جن ۾ فتنہ الخوارج ۽ فتنہ الهندستان جي حمايت لاءِ استعمال ڪري رهي آهي، جيڪو جاري ڪيل فوٽيج ۾ واضح طور تي ڏسي سگهجي ٿو. اطلاعات واري وفاقي وزير چيو ته افغان طالبان حڪومت جي پروپيگنڊا ڪندڙن جون ڪوڙيون دعوائون خطي ۾ دهشتگردي جي حمايت ۽ سرپرستي جي ڪڌي قدمن سان افغان عوام ۽ دنيا کي بيوقوف نٿا بڻائي سگهن. ماسٽر ٽيرر پراڪسي پاران مڙهيل دهشتگردي سان پاڪستاني شهرين کي تحفظ فراهم ڪرڻ جي لاءِ آپريشن غضب للحق تحت ڪارروايون ان وقت تائين جاري رهنديون جيستائين گهربل مقصد مڪمل طور تي حاصل نٿا ٿي وڃن.

بقايا 3 شرجيل ميمڻ

ڪراچي مرتضيٰ وهاب، ڊپٽي ميئر سلمان مراد، ايم اين اي ڊاڪٽر شاهده رحماڻي سميت ٻين اهم شخصيتن شرڪت ڪئي. ان موقعي تي خطاب ڪندي سنڌ جي سينيئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته رمضان المبارڪ جي برڪت واري مهيني ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي پنهنجي عوام سان ڪيل واعدا پورا ڪري رهي آهي، ۽ اهي سڀ قدم آصف علي زرداري، بلاول ڀٽو زرداري، فريال ٽالپور ۽ سنڌ حڪومت جي گڏيل ويزن جو حصو آهن. هن چيو ته جڏهن به پيپلز پارٽي جي حڪومت رهي آهي، اتي ترقي واضح نظر اچي ٿي. هن وڌيڪ چيو ته ملڪ هن وقت دهشتگردي خلاف جنگ ۾ مصروف آهي ۽ اسان جون فوجون بهادري سان دشمن جو مقابلو ڪري رهيون آهن. جڏهن ته ڪنهن کي به اها جرئت ناهي ته پاڪستان ڏانهن خراب نظر سان ڏسي سگهي. هن شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ۽ شهيد بينظير ڀٽو جي خدمتن کي ڀيٽا پيش ڪندي چيو ته انهن جي قيادت ملڪ کي دفاعي طور مضبوط بڻايو. شرجيل انعام ميمڻ وڌيڪ چيو ته ڪراچي ۾ ميگا پروجيڪٽس تي تيزي سان ڪم جاري آهي ۽ ميئر ڪراچي سان گڏجي شهر جي ترقي، سالڊ ويسٽ مينيجمينٽ، پاڻي جي فراهمي ۽ انفراسٽرڪچر جي بهتري تي خاص ڌيان ڏنو پيو وڃي. هن دعويٰ ڪئي ته سنڌ حڪومت طرفان صحت جون بهترين ۽ مفت سهولتون فراهم ڪيون پيون وڃن، جيڪي ملڪ جي ٻين حصن ۾ موجود ناهن. تقريب کي خطاب ڪندي هن چيو ته سنڌ حڪومت پهريون ڀيرو پاڪستان ۾ اي وي بس سروس ۽ عورتن لاءِ پنڪ بس سروس متعارف ڪرائي آهي، جڏهن ته عورتن کي بااختيار بڻائڻ لاءِ پنڪ اسڪوٽيز پڻ ڏنيون پيون وڃن. هن چيو ته گلشن معمار جي ماڻهن کي هن نئين اي وي بس سروس مان نمايان فائدو ٿيندو. جڏهن ته هن علائقي جي تاريخ ۾ پهريون ڀيرو پنڪ بسون شروع ڪيون ويون آهن ۽ عورتن کي مفت پنڪ بائيڪون پڻ ڏنيون وينديون. هن چيو ته اي وي بسن جو حاصل ڪرڻ آسان نه هو، انهن کي پورٽ تي روڪيو ويو هو ۽ ٻين جي مقابلي ۾ سنڌ حڪومت کي 18 سيڪڙو ٽيڪس ادا ڪرڻو پيو جڏهن ته ٻين کي صرف هڪ سيڪڙو ٽيڪس تي سهولت ڏني وئي. شرجيل انعام ميمڻ چيو ته عوامي خدمت اهڙي جذبي سان ڪئي ويندي آهي، ۽ جيڪي ماڻهو عوام جي ووٽن سان چونڊجي ايندا آهن، اهي ئي حقيقي معنيٰ ۾ خدمت ڪندا آهن. هن صوبائي ۽ وفاقي روڊن جو مقابلو ڪندي چيو ته صوبائي حڪومت بهتر ۽ معياري روڊ تعمير ڪيا آهن، جڏهن ته وفاقي روڊن جي حالت افسوسناڪ آهي. هن وڌيڪ اعلان ڪيو ته 30 اپريل تي شاهراهه ڀٽو کي ٽرئفڪ لاءِ کوليو ويندو ۽ ڪراچي جي ترقي لاءِ ڏينهن رات ڪم جاري آهي. ميئر ڪراچي مرتضيٰ وهاب هن موقعي تي خطاب ڪندي چيو ته جڏهن پاڪستان پيپلز پارٽي واعدو ڪندي آهي ته ان کي پورو به ڪندي آهي، ۽ پارٽي قيادت جي ويزن تحت هر ڪارڪن پنهنجي ذميواري نڀائيندو آهي. هن چيو ته عوام جيڪو مينڊيٽ ڏنو آهي، ان مطابق پيپلز پارٽي عملي طور ڪم ڪندي نظر ايندي. ايم اين اي ڊاڪٽر شاهده رحماڻي گلشن معمار جي ماڻهن کي مبارڪباد ڏيندي چيو ته اڄ عوام سان ڪيل واعدو پورو ٿي ويو آهي. هن چيو ته ٽرانسپورٽ جا مسئلا حل ڪرڻ هن علائقي جي ماڻهن جو پراڻو مطالبو هو جنهن کي اڄ حقيقت بڻايو ويو آهي. هن وڌيڪ ٻڌايو ته علائقي ۾ 20 بسترن تي مشتمل هڪ اسپتال پڻ تعمير ڪيو ويو آهي، جنهن جو افتتاح عيد کان پوءِ ڪيو ويندو.

بقايا 4 منظوري

ڪائونسل (پي اي آر سي) جي نئين سر جوڙجڪ جي اصولي منظوري ڏيندي ان کي چين جي اڪيڊمي آف ايگريڪلچرل سائنسز جي طرز تي زرعي تحقيق جي حوالي سان تحقيقي ادارو بڻائڻ جي هدايت ڪئي ۽ چيو ته زرعي تحقيق جو زراعت ۽ غذائي تحفظ جي شعبي جي فروغ ۾ اهم ڪردار آهي. ڪالهه اڱاري ڏينهن وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب وزيراعظم محمد شهباز شريف جي صدارت ۾ قومي غذائي تحفظ ۽ تحقيق واري وزارت ۽ پي اي آر سي جي معاملن تي اجلاس ٿيو. اجلاس ۾ نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير محمد اسحاق ڊار، اقتصادي معاملن واري وفاقي وزير احد خان چيما، قومي غذائي تحفظ ۽ تحقيق واري وفاقي وزير راڻا تنوير حسين، موسمياتي تبديلي واري وفاقي وزير مصدق ملڪ، وزيراعظم جي صلاحڪار راڻا ثناءالله، ناڻي واري مملڪتي وزير بلال اظهر ڪياني، وزيراعظم جي خاص معاون هارون اختر ۽ طارق باجوه، وزيراعظم جي زراعت بابت ڪوآرڊينيٽر احمد عمير ۽ لاڳاپيل اعليٰ سرڪاري آفيسرن شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ وزيراعظم پاڪستان زرعي تحقيقاتي ڪائونسل (پي اي آر سي) جي نئين سر جوڙجڪ جي اصولي منظوري ڏني. وزيراعظم هدايت ڪئي ته ٽائيم لائين سان پي اي آر سي جي نئين سر تنظيم سازي جي لاءِ نئون پلان تيار ڪيو وڃي. هن چيو ته زرعي تحقيق جو زراعت ۽ غذائي تحفظ جي شعبي جي فروغ ۾ اهم ڪردار آهي. **اجلاس کي پي آر سي کي زرعي تحقيق جي جديد دور جي گهرجن سان هم آهنگ هڪ فعال ادارو بڻائڻ جي حوالي سان تفصيلي بريفنگ** ڏني وئي. قومي غذائي ضرورتون پوريون ڪرڻ ۽ زرعي شعبي جي برآمدات وڌائڻ جي حوالي سان پي اي آر سي کي هڪ فعال ادارو بڻائڻ جي لاءِ گورننس ڍانچي ۾ سڌارا، بهترين تحقيقي عملي جون خدمتون، عالمي حصيداري، صوبائي حڪومتن سان بهتر رابطا ۽ ڪارڪردگي جا واضح هدف سڌاراجاتي ايجنڊا جو حصو آهن. پي اي آر سي تحت ڪم ڪندڙ سمورن تحقيقي مرڪزن کي هڪ هنڌ گڏ ڪري پنج سينٽر آف ايڪسيلينس ناهيا ويندا. اهي سينٽرز وڌيڪ پيداوار وارا ٻج، اعليٰ نسل جو چوپايو مال، پريسيشن ايگريڪلچر فارم مڪينائيزيشن ۽ ان ۾ اي آءِ جو استعمال ۽ زرعي شعبي جي برآمدات وڌائڻ جي لاءِ فوڊ پروسيسنگ جي شعبن ۾ تحقيق جو ڪم ڪندا. زرعي تحقيق کي انڊسٽري سان ڳنڍيو ويندو.

بقايا 5 شڪار

نيوپارڪ جي رهائشي عمارت ۾ باهه لڳڻ سبب ٻار سميت چار ماڻهو اجل جو شڪار ٿي ويا ۽ ڪيترائي زخمي ٿي پيا . پرڏيهي ميڊيا مطابق نيوپارڪ سٽي ۾ هڪ رهائشي عمارت ۾ اوچتو باهه لڳي وئي جنهن ڏسندي ئي ڏسندي عمارت جي ڪجهه حصي کي پنهنجي لپيٽ ۾ وٺي ڇڏيو . ريسڪيو اهلڪارن ۽ فائر برگيڊ موقعي تي پهچي ضابطو آڻڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ زخمين کي فوري طورتي اسپتال منتقل ڪيو . اختيارين مطابق واقعي ۾ هڪ ٻار سميت چار ماڻهو فوت ٿي ويا ۽ ڪيترائي زخمي ٿيا آهن . باهه جو سبب معلوم ڪرڻ لاءِ جاچ جاري آهي .

بقايا 6 حملو

آمريڪي سفارتخاني تي صبح جو ٽي ڊرون ۽ چار راڪيٽ فائر ڪيا ويا جن مان گهٽ ۾ گهٽ هڪ سفارتخاني اندر وڃي ڪريو . هڪ اتي موجود شاهد ٻڌايو ته هن گهٽ ۾ گهٽ ٽي ڊرون آمريڪي سفارتخاني طرف ويندي ڏٺا ، ٻه ڪيرايا ويا جڏهن ته ٽيون سفارتخاني جي احاطي سان ٽڪرائجي ويو . سيڪيورٽي ذريعن مطابق اها حملن جي شروعات کان هيستائين جو سڀ کان شديد حملو هو . ان کان اڳ سومر ڏينهن به بغداد جي سخت سيڪيورٽي واري گرين زون ۾ ڊرون حملي بعد هتي واقع هڪ لگزري هوٽل ۾ باهه لڳي وئي هئي . هي اهو علائقو آهي جتي سرڪاري عمارتون ۽ پرڏيهي سفارتخانا آهن .

بقايا 7 فيصلو

۾ فيصلو ڪيو ويو آهي ته 23 مارچ 2026ع تي پاڪستان ڏهاڙي جي پريڊ ۽ ان سان واڳيل سموريون تقريبون منعقد نه ڪيون وينديون جڏهن ته ان ڏينهن کي وقار ۽ احترام سان سادي جهنڊي ڦوڪائڻ جي تقريبن جي ذريعي ملهايو ويندو. وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران ڪالهه اڱاري ڏينهن جاري بيان موجب اهو قدم ان ڳالهه کي يقيني بڻائڻ جي لاءِ کنيو پيو وڃي ته قوم جي پاڪستان ڏهاڙي جي نظرين سان وابستگي، استقامت ۽ اڻٽٽ عزم سان گڏوگڏ وسيع تر ڪفايت شعاري پاليسي کي پڻ برقرار رکيو وڃي. بيان موجب سمورين وزارتن، ڊويزن ۽ ادارن کي هدايت ڪئي وئي آهي ته اهي سادگي ۽ پروقار طريقي سان پاڪستان ڏهاڙو ملهائين ته جيئن محدود تقريبن جي باوجود ان ڏينهن جي اهميت ۽ ان جو حقيقي پيغام برقرار رکي سگهجي.

بقايا 8 ايراني صدر

جنگ جي شروعات ناهي ڪئي پر پنهنجي دفاع جو حق استعمال ڪري رهيو آهي. سندس موجب امن ۽ استحڪام ان وقت تائين ممڪن ناهي جيستائين آمريڪا ۽ اسرائيل پاران ايران خلاف ڪارروايون جاري آهن. هن چيو ته ايران ڪنهن دٻاءَ يا ڌمڪي آڏو نه جهڪندو ۽ عالمي برادري کان مطالبو ڪيو ته اها ان جارحيت جي مذمت ڪري ۽ لاڳاپيل ڌرين کي عالمي قانون جي پاسداري تي مجبور ڪري. مسعود پيزشڪيان چيو ته جنگ بندي جون اپيلون ان وقت تائين اثرائتيون ناهن جيستائين ايران خلاف وڌيڪ حملن جي ضمانت نه ٿي ڏني وڃي.

بقايا 9 جاري

جي وڊيو جاري ڪئي آهي. حزب الله موجب، اسرائيل جي پالماخيم ايئربيس تي 3 مارچ تي ڪروز ميزائل سان حملو ڪيو ويو جڏهن ته 15 مارچ تي ساڳئي ايئربيس تي بيلسٽڪ ميزائل سان حملو ڪيو ويو.

بقايا 10 دعويٰ

سرڪاري ميڊيا، موجب انٽيليجنس وزارت طرفان جاري ڪيل بيان ۾ چيو آهي ته هن "دشمن جي طرفان موڪليل سوين اسٽارلنڪ ڊوائيسز ضبط ڪيون آهن." بيان ۾ چيو ويو آهي ته ملڪي قانون تحت اسٽارلنڪ ڊوائيسز حاصل ڪرڻ ۽ استعمال ڪرڻ ڏوهه آهي ۽ جنگ دوران انهن ڪندڙن کي سڀ کان سخت سزا ڏني ويندي. ياد رهي ته جنگ جي شروعات سان گڏوگڏ ايران ۾ انٽرنيٽ اٽڪل بليڪ آئوٽ آهي. انٽرنيٽ بند هئڻ سبب رپورٽنگ لاءِ ايران تائين پهچ مشڪل ٿي وئي آهي. ڪجهه ماڻهو انٽرنيٽ سان جڙڻ لاءِ اسٽارلنڪ جو استعمال ڪن ٿا. ٻئي پاسي ايران ۾ اسٽارلنڪ استعمال ڪرڻ تي ٻن سالن تائين قيد جي سزا ٿي سگهي ٿي.

بقايا 11 ترديد

سامهون ناهي آيو تل ابيب اسرائيلي بچاءَ واري وزير اسرائيل ڪاٽز دعويٰ ڪئي آهي ته اسرائيلي حملن ۾ ايران جي سيڪيورٽي چيف علي لاريجاني کي قتل ڪيو ويو آهي. اسرائيلي بچاءَ واري وزير موجب، علي لاريجاني کي گذريل رات وارن حملن دوران نشانو بڻايو ويو. ان کان اڳ اسرائيلي ميڊيا به دعويٰ ڪئي هئي ته اسرائيلي فوج علي لاريجاني کي نشانو بڻايو آهي، جڏهن ته فوري طور تي اهو واضح ناهي ته هو مارجي ويو يا زخمي ٿيو. ٻئي پاسي ايراني ميڊيا اهڙي قسم جون دعوائون رد ڪندي چيو آهي ته جلد علي لاريجاني جو پيغام جاري ڪيو ويندو. ايراني ميڊيا جو چوڻ آهي ته علي لاريجاني جلد ئي هڪ پيغام جاري ڪندو. ايران طرفان اسرائيل تي نئون حملن ۾ سائبر ٽيڪ مرڪزن ۽ پوليس جي هٿيار ناهڻ واري ڪارخاني کي نشانو بڻايو ويو آهي. ايراني فوج موجب، صبح کان جاري ڊرون حملن دوران صهيوني حڪومت جي هٿيار ناهڻ واري ڪمپليڪس کي نشانو بڻايو ويو. ايران موجب اسرائيلي ميڊيا دعويٰ ڪري رهي آهي ته" علي لاريجاني تي حملو ان وقت ڪيو ويو جڏهن هو پنهنجي پٽ سان گڏ هڪ ڳجهي اپارٽمينٽ ۾ موجود هو". اسرائيل طرفان ايراني سڪيورٽي ڪائونسل جي سربراهه اڳواڻ علي لاريجاني جي قتل واري دعويٰ کانپوءِ هاڻي ايراني ميڊيا ۽ علي لاريجاني جي سوشل ميڊيا اڪائونٽن تي هٿ سان لکيل هڪ پيغام گردش ڪري رهيو آهي. علي لاريجاني جي ٽيليگرام ۽ ايڪس اڪائونٽن تي شايع ٿيل هن تصويري پيغام ۾ وقت ۽ تاريخ لکيل ناهي، جڏهن ته ايران جي سرڪاري ميڊيا دعويٰ ڪئي آهي ته هي اڄ جو پيغام آهي. اسرائيلي پرڏيهي وزير گيڊون سار چيو آهي ته ايراني حڪومت جو تختو رڳو ايراني عوام ذريعي ئي اونڌو ڪري سگهجي ٿو. هن چيو ته اسان اڳ ئي ڪٽي چڪا آهيون، ايران ڊرامائي طور هيٺ ٿي چڪو آهي، ايران سان جنگ اسان جو مشن مڪمل ٿيڻ تائين جاري رهندي. اسرائيلي پرڏيهي وزير وڌيڪ چيو ته لبناني حڪومت مان اميد آهي ته هو لبنان مان اسرائيل تي ٿيندڙ حملا روڪيندي.

بقايا 12 قرار

کي بي بنياد قرار ڏيندي چيو آهي ته افغان طالبان رجيم اهو الزام هڻي وڌيڪ ڪوڙ ڳالهائي رهيو آهي ته پاڪستان ڪابل ۾ منشيات جي بحالي جي اسپتال کي نشانو بڻايو. پاڪستان دهشتگردي جي خلاف پنهنجي جاري جنگ ۾ رڳو انهن عسڪري ۽ دهشتگرد هدفن بشمول افغان طالبان رجيم جي بنيادي ڍانچي کي نشانو بڻائي رهيو آهي جيڪي پاڪستان جي اندر دهشتگرد حملن جي منصوبابندي، سهولتڪاري، پناهگاهه، تربيت يا حوصلي افزائي جي لاءِ سڌوسنئون يا اڻ سڌي طرح استعمال ٿي رهيا آهن. ڪالهه اڱاري ڏينهن سماجي رابطي جي پليٽ فارم "ايڪس" تي پنهنجي هڪ پوسٽ ۾ هن چيو ته ڪابل ۽ ننگرهار ۾ 16 مارچ 2026ع جي رات تي ڪيل حملا قطعي، سوچيل سمجهيل ۽ پيشيوارانا هئا، ڪنهن اسپتال، ڪنهن منشيات جي بحالي جي مرڪز ۽ ڪنهن شهري سهولت جي عمارت کي نشانو نه بڻايو ويو. هدفن ۾ فوجي ۽ دهشتگردي جو بنيادي ڍانچو هو جنهن ۾ گولا بارود ۽ ٽيڪنيڪي اوزارن جي ذخيرو ڪرڻ جي جڳهه ۽ پاڪستان جي خلاف دشمني جي سرگرمين سان واڳيل ٻيا ٺڪاڻا شامل هئا. هن چيو ته جيئن ته روايت آهي ته سمورن ڇهن حملن کي فوري طور تي اطلاعات واري وزارت پاران وڊيو فوٽيج سان گڏ ميڊيا کي فراهم ڪيو ويو جنهن سان هدفن جي نوعيت سڀني جي لاءِ واضح ٿي وئي. فراهم ڪيل وڊيوز ۽ تصويرون شڪ جي ڪا گنجائش نه ٿيون ڇڏين. ڪابل ۾ باهه جا شعلا ۽ لڳاتار ڌماڪا وڌيڪ ان ڳالهه جي تصديق ڪن ٿا ته گولا بارود جو ذخيرو ڪرڻ جي جڳهه کي درستگي سان نشانو بڻايو ويو. هن چيو ته موجوده پروپيگنڊه هڪ اهڙي حڪومت پاران اچي رهي آهي جنهن جا عهديدار بار بار ڪوڙن بيانن، ڪوڙين دعوائن، اڳ جي پوسٽن کي چونڊي ڊيليٽ ڪرڻ، ٻڌندڙن کي گمراهه ڪرڻ ۽ سچائي کي لڪائڻ جي لاءِ پراڻي تصويرن جي گردشن تي ڀاڙيو آهي، انهن جو تازو الزام دوکيبازي جي بوسيده روايت جو حصو آهي. وفاقي وزير چيو ته اصل مسئلو جيئن جو تيئن برقرار آهي، پاڪستان، خطي ۽ دنيا کي افغان طالبان حڪومت جي اثر هيٺ علائقي مان دهشتگردي جا سنگين خطرا درپيش آهن، اهو خطرو اڃا وڌيڪ وحشياڻو ٿي ويو آهي، منشيات جي عادي ماڻهن ۽ معصوم ٻارن جو خودڪش بم حملن سميت ڪڌي مقصدن جي لاءِ استعمال ڪيو پيو وڃي. هن چيو ته پاڪستان جو موقف واضح آهي ته اسان پنهنجي شهرين جي دفاع، دهشتگردي جي صلاحيت کي گهٽ ڪرڻ ۽ سرحد پار کان پاڪستان جي خلاف دهشتگردي ڪندڙن کي محفوظ پناهگاهن کان محروم ڪرڻ جي لاءِ هر ضروري قدم کڻندا رهنداسين.

بقايا 13 فيصلو

ڪرڻ جو فيصلو پاڪستان پيپلز پارٽي پاران خطي جي وچ اوڀر ۾ جنگي صورتحال کي نظر ۾ رکندي شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي شهادت جي ڏهاڙي تي 4 اپريل تي ڳڙهي خدا بخش ۾ مرڪزي جلسو نه ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي. پيپلز پارٽي شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي شهادت جي ڏهاڙي تي ملڪ جي سڀني ضلعن ۾ قرآن خواڻي جون تقريبون منعقد ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي. چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي هدايتن تي، پيپلز پارٽي جي سيڪريٽري جنرل همايون خان اعلان ڪيو آهي ته هن سال شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي شهادت جي ڏهاڙي 4 اپريل تي ضلعي سطح تي ملهائي ويندي. ان سلسلي ۾ سڀني ضلعي تنظيمن کي هدايتون جاري ڪيون ويون آهن ته اهي پنهنجي پنهنجي ضلعن ۾ قرآن خواڻي جا انتظام ڪيا وڃن.

بقايا 14 آمريڪي صدر

ڪيوبا بابت جيڪو چاهي ڪري سگهي ٿو . پرڏيهي ميڊيا مطابق صدر ٽرمپ وائيٽ هائوس ۾ صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته مون کي يقين آهي ته مان ڪيوبا کي حاصل ڪرڻ جو اعزاز حاصل ڪري وٺندس . اهو تمام وڏو اعزاز آهي . هن چيو ته چاهيان ته ان کي آزاد ڪيان ، يا حاصل ڪيان ، منهنجي خيال ۾ ان سان جيڪو چاهيان ڪري سگهان ٿو . ٽرمپ جي ان بيان بعد آمريڪي ڳالهيون ڪندڙن مبينه طورتي ڪيوبا جي اڳواڻ ميگوئل ڊيازڪينيل کي عهدي تان هٽائڻ کي به ڳالهين جو هڪ اهم مقصد ٻڌايو ، جيتوڻيڪ ڳالهيون اڃان جاري آهن . اهي بيان اهڙي وقت تي سامهون آيا آهن جڏهن ڪيوبا سخت معاشي ۽ توانائي بحران کي منهن ڏئي رهيو آهي . جڏهن ته آمريڪا ان کي تيل جي فراهمي به روڪي ڇڏي آهي جنهن صورتحال کي وڌيڪ خراب ڪري ڇڏيو آهي . ٻنهي ملڪن وچ ۾ ڇڪتاڻ 67 سالن جي بدترين سطح تي آهي . ٽرمپ جي اثر رسوخ ، سخت بيانن ۽ امڪاني پاليسين عالمي سطح تي ڇڪتاڻ ۾ به اضافو ڪري ڇڏيو آهي .

بقايا 15 اڳڪٿي

۾ برسات، طوفان ۽ گجگوڙ جا امڪان آهن، جڏهن ته مٿاهين علائقن ۾ برفباري جي به اميد آهي. کاتي موجب عيد ڏينهن ملڪ جي مٿاهين علائقن ۾ موسم جزوي کان مڪمل جهڙالي رهندي جڏهن ته بلوچستان ۽ ڀرپاسي علائقن ۾ برسات ۽ گجگوڙ جو امڪان آهي. سنڌ ۾ ڪراچي، حيدرآباد، جيڪب آباد، نوشهروفيروز، ڪشمور، لاڙڪاڻو، سانگهڙ، سکر، گهوٽڪي، خيرپور، شهيد بينظير آباد، ٺٽو، بدين، ميرپورخاص، عمرڪوٽ ۽ ٿرپارڪر ۾ 18 ۽ 19 مارچ تي برسات ۽ گجگوڙ جو امڪان آهي. ان کان علاوه بلوچستان جي علائقن ڪوئيٽا، زيارت، چمن، پشين، قلعه عبدالله، قلعه سيف الله، چاغي، نوشڪي، هرنائي، زوب، قلات، مستونگ، بارکان، سبي، لورالائي، خضدار، ڪيچ، گوادر، پنجگور ۽ آواران ۾ 17 مارچ تائين وقفي وقفي سان برسات، طوفان ۽ گجگوڙ جو امڪان آهي، جڏهن ڪجهه علائقن ۾ برفباري جي به اميد آهي. ڪي پي ڪي جي علائقن چترال، دير، سوات، ڪالام، شانگلا، ڪوهستان، بونير، بٽگرام، مانسهره، ايبٽ آباد، هري پور، مردان، پشاور، صوابي، چارسده، ڪوهاٽ، ڪرم، بنون، باجوڙ، مهمند، خيبر اورڪزئي، ڊيرا اسماعيل خان ۽ وزيرستان ۾ 17 کان 20 مارچ دوران برسات ۽ گجگوڙ جو امڪان آهي، جڏهن ته پهاڙي علائقن ۾ برفباري ۽ ڪجهه هنڌن تي برفباري به ٿي سگهي ٿي. جڏهن ته پنجاب ۾ مري، گلگت، اسلام آباد، راولپنڊي، اٽڪ، چڪوال، جهلم، سرگودا، ميانوالي، فيصل آباد ۽ ٻين علائقن ۾ 17 مارچ 20 مارچ تائين برسات ۽ گجگوڙ جي اميد آهي. امڪاني اثرن ۽ احتياطي تدبيرن کي نظر ۾ رکندي مٿاهين علائقن ۾ لينڊ سلائيڊنگ جو خدشو آهي. ڪجهه ماڳن تي ڪنوڻ جو امڪان آهي ۽ برفباري ۽ تيز هوائون فصلن کي نقصان پهچائي سگهن ٿيون. سياحن ۽ مسافرن کي غير ضروري سفر کان پاسو ڪرڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي.

بقايا 16 طلب

آهي. مرڪزي چنڊ ڏسڻي ڪميٽي پاران جاري پڌرائي موجب اجلاس جي صدارت ڪميٽي جو چيئرمين مولانا محمد عبدالخبير آزاد ڪندو. سڄي ملڪ ۾ زونل ۽ ضلعي چنڊ ڏسڻي ڪميٽين جا اجلاس پنهنجي پنهنجي لاڳاپيل هنڌن تي ٿيندا. چنڊ نظر اچڻ جي حوالي سان اعلان مرڪزي چنڊ ڏسڻي ڪميٽي سڄي ملڪ مان مليل شاهدين کي نظر ۾ رکندي ڪندي.

بقايا 17 بڻايو ويو

موجب ڪائونٽر ٽيررازم ڊپارٽمينٽ سنڌ ڪراچي کي وڏي تباهي کان بچايو ۽ هڪ انتهائي گهربل دهشتگرد کي ماري ڇڏيو. سي ٽي ڊي سنڌ چيو ته 17 فيبروري تي مقابلي ۾ مارجي ويل دهشتگرد انتهائي گهربل دهشتگرد ٽڪس جنهن جي سڃاڻپ سهيل بلوچ عرف گرگ بلوچ جي نالي سان ٿي. ترجمان چيو ته مارجي ويل دهشتگرد پابندي مڙهيل بلوچ لبريشن آرمي (بي ايل اي) جو هڪ اهم ڪمانڊر هو ۽ بولان ايريا فتح اسڪواڊ جو انچارج هو سي ٽي ڊي چيو ته سهيل بلوچ بي ايل اي جي اهم ڪمانڊر رحمان گل، ڊاڪٽر مکهو ۽ ملا امين سان سڌو رابطو ۾ هو ۽ نيٽ ورڪ هلائي رهيو هو ترجمان وڌيڪ چيو ته ملزم 2022 ۾ بي ايل ايف ۾ شامل ٿيو هو ۽ ڪمانڊر جي حيثيت سان ڪيترن ئي دهشتگرد ڪاررواين ۾ ملوث هو سي ٽي ڊي اختيارين موجب مارجي ويل دهشتگرد 50 کان وڌيڪ سيڪيورٽي اهلڪارن ۽ عام ماڻهن جي قتل ۾ ملوث هو. جوابدار 12 مارچ تي کهڊ ڪوچا ۾ ڊي سي پنجگور ذاڪر بلوچ تي حملي ۽ سندس شهادت جو مکيه ڪردار هو.ان کان علاوه هن 11 مارچ 2025 تي جعفر ايڪسپريس ٽرين کي نشانو بڻائڻ لاءِ 5 خودڪش بمبار موڪليا. ملزم هاءِ ويز کي بلاڪ ڪرڻ ۽ مختلف هنڌن تي مسافرن کي تنگ ڪرڻ ۾ پڻ ملوث هو.ترجمان وڌيڪ چيو ته سهيل بلوچ پنهنجي ٻين ساٿين جليل عرف نويد، نياز عرف گينگ ۽ حمدان عرف فريد سان گڏ شاهه لطيف ٽائون ۾ هن مقابلي ۾ مارجي ويا. سي ٽي ڊي اختيارين جو چوڻ آهي ته هن آپريشن سان ڪراچي ۾ هڪ وڏي دهشتگردي جي منصوبي کي ناڪام بڻايو ويو آهي.اختيارين مارجي ويل دهشتگردن جي ٻين سرپرستن، ساٿين ۽ سهولتڪارن کي گرفتار ڪرڻ لاءِ خاص ٽيمون ناهيون آهن ته جيئن هن نيٽ ورڪ کي مڪمل طور تي ختم ڪري سگهجي.

بقايا 18 ناصر شاهه

اجلاس ٿيو هن اجلاس ۾ صوبائي وزير ضياءِ الحسن لنجار سعيد غني، لاڳاپيل کاتن جا سيڪريٽريز ۽ ٻيا اعليٰ آفيسر شامل ٿيا اجلاس ۾ سڄي صوبي ۾ هلندڙ ۽ نون ترقياتي منصوبن، مالي معاملن ۽ ادارن جي ضرورتن جو جائزو ورتو ويو ۽ مختلف شعبن لاءِ اهم فنڊز جي منظوري ڏني وئي. اجلاس ۾ اسپورٽس ۽ يوٿ افيئرز کاتي تحت 35هين نيشنل گيمز 2025 جي ڪامياب انعقاد لاءِ گهربل فنڊز منظور ڪيا ويا، جنهن جو مقصد صوبي ۾ رانديڪن کي وڌائڻ ۽ نوجوانن کي صحتمند سرگرمين ڏانهن آڻڻ آهي. ان کان علاوه، ورڪس اينڊ سروسز کاتي جي ايمرجنسي فلڊ اسسٽنس پروگرام ۾ ضروري تبديليون منظور ڪيون ويون، ۽ متاثر علائقن ۾ بحالي ۽ ٻيهر تعمير لاءِ فنڊز جاري ڪرڻ جي به منظوري ڏني وئي. اجلاس ۾ ٿر انسٽيٽيوٽ آف انجنيئرنگ، سائنس اينڊ ٽيڪنالاجي جي ٻئي مرحلي (فيس ٽو) جي قيام جي به منظوري ڏني وئي، جنهن سان پوئتي پيل علائقن ۾ اعليٰ تعليم جا موقعا وڌندا. گڏوگڏ يونيورسٽي ۾ فيس معافي سبب پيدا ٿيل بقاياجات جي ادائيگي لاءِ به فنڊز منظور ڪيا ويا، جيئن تعليمي سرگرميون بنا رڪاوٽ جاري رهي سگهن. وڌيڪ، ڪميٽي مختلف نئين اي ڊي پي اسڪيمز جي منظوري ڏني ۽ بلدياتي سطح تي ترقياتي ڪم تيز ڪرڻ لاءِ يونين ڪائونسلن کي فنڊز ڏيڻ جو فيصلو ڪيو ويو. سکر ۾ به نئين اي ڊي پي منصوبن لاءِ فنڊز منظور ڪيا ويا ته جيئن بنيادي سهولتون مهيا ڪري سگهجن. اجلاس دوران انهن منصوبن جو به جائزو ورتو ويو، جيڪي قانوني گهرجون پوريون نه ڪري سگهيا هئا. اهڙن منصوبن جي فنڊنگ ايندڙ اجلاس تائين ملتوي ڪئي وئي، ۽ لاڳاپيل عملدارن کي هدايت ڪئي وئي ته اهي جلدي سڀ قانوني گهرجون پوريون ڪن. اجلاس کي خطاب ڪندي سيد ناصر حسين شاهه چيو ته فنانس ڪميٽي جو مقصد ادارن جا مالي مسئلا وقت تي حل ڪرڻ ۽ ترقياتي منصوبن ۾ رڪاوٽن کي ختم ڪرڻ آهي. هن چيو ته فنڊز جي منظوري مڪمل شفافيت ۽ گڏيل صلاح مشوري سان ڏني وڃي ٿي ته جيئن وسيلن جو صحيح استعمال ٿئي. هن وڌيڪ چيو ته چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ وزيراعليٰ سنڌ جي هدايتن موجب ترقياتي منصوبن جي وقت تي تڪميل حڪومت جي اولين ترجيح آهي، ۽ ڪنهن به قسم جي لاپرواهي برداشت نه ڪئي ويندي. هن لاڳاپيل کاتن کي هدايت ڪئي ته منظور ٿيل منصوبن تي فوري عمل ڪيو وڃي ته جيئن عوام کي جلدي فائدو ملي ۽ صوبي ۾ ترقي جو عمل تيز ٿئي.

بقايا 19 جڙندو

گيان چند ايسراڻي جي صدارت ۾ منعقد ٿيو جنهن ۾ اقليتي برادري کي درپيش قانوني مسئلن، خاص طور تي مسيحي ذاتي قانون ۽ هندو وراثت ۽ شادي جي قانونن ۾ سڌارن تي تفصيل سان بحث ڪيو ويو. اجلاس ۾ سنڌ جي وڏي وزير جي اقليتي معاملن بابت خاص مددگار ڊاڪٽر شام سندر آڏواڻي، سنڌ اسيمبلي جي ڊپٽي اسپيڪر اينٿوني نويد، سنڌ اسيمبلي جي ميمبرن راڻا همير سنگهه، ڪٿو مل، مهيش ڪمار هاسيجا، انيل ڪمار رتناڻي، اقليتي معاملن واري کاتي جي سيڪريٽري انجم اقبال، قانون کاتي جي ايڊيشنل سيڪريٽري، قومي اقليتي لابنگ وفد جي وفد جي ميمبرن ڪرشن شرما، رومانه بشير، عاطف جميل ۽ ٻين اعليٰ آفيسرن شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ مسيحي ذاتي قانون تي تفصيلي بحث ٿيو جنهن ۾ چيو ويو ته پاڪستان ۾ مسيحي برادري جو شادي جو قانون 1872 ۾ ناهيو ويو جڏهن ته طلاق جو قانون 1869 ۾ ناهيو ويو. موجوده قانون ۾ ڇوڪرين لاءِ شادي جي عمر 13 ۽ ڇوڪرن لاءِ 16 سال مقرر ڪئي وئي آهي. سج لهڻ کان پوءِ شادي نٿي ڪري سگهجي، جيڪا اڄ جي دور سان مطابقت نٿي رکي ۽ ماضي جي حالتن جي مطابق آهي. وڌيڪ چيو ويو ته قانون ۾ صرف ٽي فرقن کي تسليم ڪيو ويو، جڏهن ته پاڪستان ۾ ڪيترائي مسيحي فرقا آهن جن کي قانوني حيثيت ڏيڻ جي ضرورت آهي. قومي اقليتي لابنگ وفد موقف اختيار ڪيو ته موجوده قانونن ۾ شادي جي رجسٽريشن جو واضح نظام موجود ناهي، جيڪو اقليتي برادري لاءِ مشڪلاتون پيدا ڪري رهيو آهي. طلاق جي قانون ۾ ڪيترين ئي شقون برطانوي دور جون آهن، جنهن جي ڪري ڪجهه حالتن ۾ مسيحين کي طلاق لاءِ ٻئي مذهب ۾ تبديل ٿيڻ جهڙن پيچيده مرحلن مان گذرڻو پوندو آهي، جيڪو هڪ مذهبي ۽ قانوني طور تي حساس مسئلو آهي. تنهن ڪري، قانون جديد گهرجن مطابق ناهڻ گهرجن جيڪي اقليتي برادري کي سهولت فراهم ڪن. هن موقعي تي، شرڪت ڪندڙن تجويز ڏني ته ذميوار بشپس کي باضابطه طور تي ايندڙ اجلاس ۾ دعوت ڏني وڃي ته جيئن انهن جي ضرورتن ۽ خدشن کي سڌو سنئون ٻڌو وڃي. 18 هين آئيني ترميم کان پوءِ، هي معاملو صوبائي اختيار ۾ اچي ويو آهي، تنهن ڪري، سنڌ اسيمبلي کي قانون سازي جو اختيار آهي. جنهن تي گيان چند ايسراڻي مسيحي شادي جي قانون تي سفارشون تيار ڪرڻ لاءِ اينٿوني نويد، مهيش هاسيجا ۽ ڊاڪٽر شام سندر آڏواڻي تي مشتمل هڪ ڪميٽي ناهي، جيڪا 30 ڏينهن اندر رپورٽ پيش ڪندي ۽ ان دوران گرجا گهرن ۽ بشپس سان مشاورتي ملاقاتون ڪيون وينديون ته جيئن مسئلن جو مستقل حل ڳولي سگهجي. گيان چند اسراڻي چيو ته سنڌ اسيمبلي هميشه اقليتن جي حقن جي تحفظ ۾ اڳڀري رهي آهي ۽ سنڌ هندو شادي ايڪٽ پاس ڪرڻ ۾ به پهرين هئي. سنڌ حڪومت اقليتن جي حقن جي تحفظ ۽ انهن جي خانداني ۽ سماجي مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ سنجيده آهي ۽ صلاح مشوري، اتفاق راءِ ۽ زميني حقيقتن کي غور سان قانون سازي ڪئي ويندي ته جيئن اهڙا قانون ناهيا وڃن جيڪي قابل عمل ۽ ڊگهي عرصي تائين قائم رهن. اجلاس جي ٻئي ايجنڊا ۾ هندو وراثت قانون ۽ سنڌ هندو شادي رجسٽريشن ايڪٽ تي به بحث ڪيو ويو جتي شرڪت ڪندڙن نشاندهي ڪئي ته هندو برادري ۾ ڌيءَ جي ملڪيت جي حق لاءِ ڪو واضح قانوني بنياد ناهي، جڏهن ته شادي رجسٽريشن سسٽم ۾ پنڊت يا رجسٽرار جي باضابطه رجسٽريشن جو طريقو واضح ناهي، جنهن جي ڪري يونين ڪائونسل سطح تي مختلف طريقن سان سرٽيفڪيٽ جاري ڪيا پيا وڃن. شرڪت ڪندڙن زور ڏنو ته جيستائين پنڊت يا رجسٽرار جي رجسٽريشن لاءِ ڪو واضح نظام نه هوندو، شادين جو قانوني رڪارڊ مضبوط نه هوندو. اجلاس ۾ اهو به زور ڏنو ويو ته سڄي ملڪ ۾ اقليتي پاليسي جي کوٽ آهي، تنهن ڪري سنڌ اسيمبلي کي هڪ جامع اقليتي پاليسي دستاويز تيار ڪرڻ گهرجي. هندو وراثت قانون تي بحث دوران مختلف تجويزون سامهون آيون، جن ۾ ملڪيت جي ورهاست جو طريقو ڌيئرن جا حق ۽ ممڪن قانوني بدسلوڪي کي روڪڻ لاءِ تحفظ شامل آهن. سنڌ جي وڏي وزير جي صلاحڪار گيان چند ايسراڻي چيو ته قانون سازي جو مقصد ماڻهن لاءِ سهولت پيدا ڪرڻ آهي ۽ پيچيدگي وڌائڻ نه، تنهن ڪري، هڪ اهڙو نظام ناهيو ويندو جيڪو عام ماڻهو لاءِ سمجهڻ لائق ۽ استعمال لائق هجي. هن قانون کاتي کي هدايت ڪئي ته هڪ ورڪنگ پيپر ۽ قانوني مسودو تيار ڪري ايندڙ اجلاس ۾ پيش ڪيو وڃي ته جيئن باضابطه قانون سازي ڏانهن اڳڀرائي ٿي سگهي.

بقايا 20 ترجمان ميئر

وقاصي، جماعت اسلامي ڪراچي جي امير منعم ظفر خان جي بيانن کي سختي سان رد ڪندي چيو آهي ته جماعت اسلامي رڳو سياسي پوائنٽ اسڪورنگ لاءِ بلاول ڀٽو ۽ ميئر ڪراچي جو نالو استعمال ڪري پنهنجو قد مٿي ڪرڻ جي ناڪام ڪوشش ڪري رهي آهي. پنهنجي بيان ۾ ڪرم الله وقاصي چيو ته جماعت اسلامي ڪراچي جي ترقي ۾ سڀ کان وڏي رڪاوٽ بڻجي چڪي آهي ۽ ان جي سياست رڳو تنقيد، الزام ۽ پريس ڪانفرنسن تائين محدود ٿي وئي آهي. هن چيو ته شهر جي مسئلن جي حل لاءِ عملي قدم کڻڻ بدران جماعت اسلامي عوام کي گمراهه ڪرڻ ۽ سياسي انتشار پيدا ڪرڻ ۾ مصروف آهي. هن وڌيڪ چيو ته ماضي ۾ ڪراچي ۾ جماعت اسلامي جا ڪيترائي ميئر رهي چڪا آهن ۽ انهن جي ڪارڪردگي سڀني جي سامهون آهي. هاڻي هن شهر ۾ بلاول ڀٽو زرداري جي ويزن مطابق ڪم ٿي رهيو آهي ۽ ميئر ڪراچي روز نوان منصوبا شروع ڪري رهيو آهي. ڪراچي لاءِ هڪ جامع منصوبي تحت مختلف شعبن ۾ روڊ، انڊر پاس، اوور هيڊ برج، پارڪ، گرائونڊ ۽ ڪميونٽي سينٽرن جا ڪم شروع ڪيا پيا وڃن، جنهن سبب جماعت اسلامي ۽ ٻين مخالف پارٽين ۾ پريشاني وڌي وئي آهي. شهر هاڻي ترقي طرف وڌي رهيو آهي پر اها ترقي انهن لاءِ ناقابل برداشت آهي. ڪرم الله وقاصي چيو ته جماعت اسلامي جي 9 ٽائونز ۾ ڪرپشن عام آهي ۽ ڪو به نمايان ترقياتي منصوبو نظر نٿو اچي، جنهن سبب ڪراچي ۾ جماعت اسلامي جو سياسي مستقبل مخدوش نظر اچي رهيو آهي. هن چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي جي قيادت ۽ سنڌ حڪومت ڪراچي جي بهتري لاءِ سنجيده قدم کڻي رهي آهي، جڏهن ته جماعت اسلامي هميشه تعميري ڪردار ادا ڪرڻ بدران رڪاوٽون پيدا ڪيون آهن. هن جو چوڻ هو ته شهر جي وڏن منصوبن تي سياست ڪرڻ ۽ بي بنياد الزام لڳائڻ جماعت اسلامي جو معمول بڻجي چڪو آهي. هن وڌيڪ چيو ته جماعت اسلامي جا اڳواڻ رڳو تنقيد ۽ شڪايتن کان سواءِ ڪجهه ڪرڻ جي صلاحيت نٿا رکن. جيڪڏهن انهن وٽ ڪو قابل عمل منصوبو آهي ته اهو سامهون آڻين، جو ته صرف الزامن سان ڪراچي جا مسئلا حل نه ٿيندا. هن چيو ته عوام هاڻي باشعور ٿي چڪي آهي ۽ اهي کوکلا نعرا ۽ منفي سياست رد ڪري ڇڏيندا. هن واضح ڪيو ته ميئر ڪراچي ۽ سندس ٽيم شهر جي بهتري لاءِ ڏينهن رات ڪم ڪري رهي آهي ۽ مخالفن جي تنقيد کان متاثر ٿيڻ بدران پنهنجي ڪارڪردگي سان جواب ڏيندي. هن چيو ته ميئر ڪراچي جنهن نموني شهر جي ترقي لاءِ ڪم ڪري رهيو آهي ۽ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي خدمت واري فلسفي تي عمل ڪري رهيو آهي، انشاءالله ڪراچي هاڻي تيزي سان ترقي طرف وڌندو.

بقايا 21 نهال هاشمي

سنڌ ڪامران خان ٽيسوري سان به رابطو برقرار آهي. اهڙن خيالن جو اظهار هن گورنر هائوس ۾ منعقد رمضان افطار جي موقعي تي اسڪول جي ٻارن ۽ استادن ۽ ميڊيا سان ڳالهائيندي ڪيو. تقريب ۾ شهر جي معززين ۽ خاص ماڻهن جي وڏي انگ شرڪت ڪئي. گورنر سنڌ چيو ته هو گورنر هائوس ۾ آيل سڀني مهمانن جو شڪرگذار آهي. هن اسلامي ڪئلينڊر جي مطابق پاڪستان جي آزادي جي ڏينهن تي مبارڪباد پڻ ڏني. ميڊيا سان ڳالهائيندي گورنر سنڌ محمد نهال هاشمي چيو ته اڳوڻو گورنر سنڌ ڪامران خان ٽيسوري هن وقت پرڏيهه ۾ آهي ۽ واپسي تي سندس شاندار استقبال ڪيو ويندو. هن چيو ته گورنر هائوس پهچڻ تي سندس گرمجوشي سان استقبال ڪيو ويندو. گورنر سنڌ وڌيڪ چيو ته گورنر هائوس عوام جو گهر آهي ۽ اهو هميشه عوام لاءِ کليل رهندو. تقريب جي آخر ۾ شرڪت ڪندڙ ٻارن ۾ عيدي پڻ ورهائي وئي، جنهن تي ٻارن پنهنجي خوشي جو اظهار ڪيو.

بقايا 22 اعلان

مظبوط ۽ اختيار بڻائڻ جي لاءِ تاريخدانن کي سرحدن کان لامحدود حد تائين ڪردار ڪرڻ لاءِ هڪ نئين فورم جو بنياد رکڻ جو اعلان ڪيو آهي. ان موقعي تي فورم جا ٻيا اڳواڻ سنڌ حڪومت جو رٽائرڊ ڪاموري شمس جعفراڻي ،ليکڪ انعام شيخ، سماجي ڪارڪن سورٺ سنڌو، ڪالم نويس غازي صلاح الدين ۽ ٻيا به موجود هئا. . ماروي ميمڻ چيو ته تاريخي غلط بياني قومن جي اتحاد کي ڪمزور ڪري ڇڏيندي آهي ۽ افسوس ته سنڌ جي تاريخي بياني کي درست ۽ توازن ۾ رکڻ جيڪو ڪم سياسي پارٽين ۽ پاليسي ساز ادارن کي ڪرڻ گهربو هو جيڪو اڃان نه ٿي سگهيو شهر سنڌ جو تاريخي حصو آهي، ان کي باقي سنڌ کان الڳ ڪرڻ جي سازش برداشت نه ڪبي ۽ سنڌي ٻوليءَ تاريخي وجود رکندڙ ٻولي آهي، جنهن کي قومي ٻوليءَ جو درجو ڏياريندو ويندو .ان ڪري فورم جي سنڌ باب جي ڪم جي شروعات ڪراچي مان ڪري رهيا آهيون، جنهن جو بنياد شاهه لطيف جي شاعري آهي ماروي ميمڻ چيو ته فورم طرفان سنڌ جي تاريخي عمارتن ۽ ماڳن مڪانن جي تحفظ لاءِ آواز اٿاريو ويندو هن چيو ته سنڌ جي جهنگلي جيوت، ماحول، لوڪ ادب، شاعري، ۽ ٻولي جي حفاظت لاءِ سنڌ حڪومت طرفان مناسب بجيٽ رکرائڻ لاءِ دٻاءِ وڌو ويندو ۽ سنڌ جي ماڳن مڪانن،روڊن رستن ۽ شهرن جا قديم تاريخي نالا بحال ڪرايا ويندا، هن وڌيڪ چيو ته سنڌ جي تاريخي بياني سان زيادتين جي ازالي سان نه فقط سنڌ جو پر پاڪستان جو به ڀلو ٿيندو ۽ ان لاءِ هن فورم کي وڌيڪ ڦهلايو ويندو

بقايا 23 جاڙو اجلاس

پلس ڪيٽيگري جي منشيات ۽ گٽڪو/ماوا مافيا خلاف جاري پوليس ڪارروائين بابت جاڙو اجلاس منعقد ٿيو. اجلاس ۾ ايڊيشنل آءِ جيز ڪراچي ۽ اسپيشل برانچ، ڊي آءِ جيز هيڊڪوارٽرز ۽ اسپيشل برانچ، زونل ڊي آءِ جيز ڪراچي، ڊي آءِ جي سي آءِ اي ڪراچي، حيدرآباد، ميرپورخاص، شهيد بينظير آباد، لاڙڪاڻو ۽ سکر، سمورن ضلعن جا ايس ايس پيز ايس ايس پيز/ايس پيز انويسٽيگيشن ڪراچي، ايس ايس پي ايس آءِ يو ۽ اي آءِ جيز آپريشنز ۽ ايڊمن شرڪت ڪئي.ڊي آءِ جي اسپيشل برانچ اجلاس کي آءِ پلس ڪيٽيگري جي منشيات ۽ گٽڪو/ماوا مافيا جي نئين تيار ڪيل فهرستن ۽ انهن خلاف پوليس قدمن بابت تفصيلي بريفنگ ڏني. اجلاس دوران صوبي ڀر ۾ ضلعي سطح تي گرفتار ٿيل منشيات فروشن، خاص طور تي تعليمي ادارن ۽ آن لائين وڪري ۾ ملوث عنصرن خلاف ڪارروائين جو تفصيلي جائزو ورتو ويو. گٽڪو ۽ ماوا وڪرو ڪندڙن خلاف جاري قدمن تي به غور ڪندي وڌيڪ هدايتون جاري ڪيون ويون. آءِ جي سنڌ مؤثر ڪارڪردگي تي ايس ايس پيز شهيد بينظير آباد، ميرپورخاص ۽ حيدرآباد کي شاباس ڏني. هن چيو ته اسٽريٽ ڪرائيم جي روڪٿام تي عوامي پذيرائي خوش آئند آهي، جڏهن ته منشيات بابت شڪايتون پوليس جي ڪارڪردگي تي منفي اثر ڇڏين ٿيون. آءِ جي سنڌ هدايت ڪئي ته ضلعي سطح تي منشيات فروشن خلاف ڪريڪ ڊائون کي وڌيڪ اثرائتو ۽ منظم بڻايو وڃي. سي آءِ اي کي هدايت ڪئي وئي ته تعليمي ادارن ۽ آن لائين منشيات فروشي ۾ ملوث عنصرن خلاف سخت ۽ بنا امتياز ڪارروائيون يقيني بڻايون وڃن. آن لائين منشيات جي خريد ۽ فروخت روڪڻ لاءِ سائبر مانيٽرنگ ۽ انٽيليجنس کي وڌيڪ فعال بڻائڻ تي زور ڏنو ويو اجلاس ۾ گٽڪو ۽ ماوا وڪرو ڪندڙن خلاف ڪارروائين کي وڌيڪ تيز ۽ مؤثر بڻائڻ جو فيصلو پڻ ڪيو ويو. آءِ جي سنڌ زور ڀريو ته منشيات ۽ ٻين ڏوهن جي خاتمي لاءِ گڏيل حڪمت عملي تحت مضبوط ۽ نتيجا ڏيندڙ قدم کنيا وڃن.

بقايا 24 وڏو وزير

لاءِ بنيادي حيثيت رکن ٿا. هن اها ڳالهه اي-اسٽيمپنگ سسٽم جي معاهدي واري تقريب جي صدارت ڪندي ڪئي. سي ايم هائوس ۾ ٿيل تقريب ۾ صوبائي وزيرن ڊاڪٽر عذرا فضل پيچوهو ۽ سيد سردار شاهه، صلاحڪار علي راشد، سنڌ حڪومت جي ترجمانن بلند خان جوڻيجو ۽ نادر نبيل گبول، چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاهه، رٿابندي ۽ ترقي کاتي جو چيئرمين نجم شاهه، بورڊ آف روينيو جو سينيئر ميمبر خالد حيدر شاهه، ناڻي وارو سيڪريٽري فياض جتوئي ۽ ٻين اعليٰ عملدارن شرڪت ڪئي. تقريب دوران بورڊ آف روينيو سنڌ ۽ سنڌ انفارميشن ٽيڪنالاجي ڪمپني (ايس آءِ ٽي سي) وچ ۾ ماسٽر سروس ليول ايگريمينٽ ۽ سروس آرڊر تي صحيحون ڪيون ويون، جنهن جو مقصد اي-اسٽيمپنگ پليٽفارم جي توسيع ۽ جاري رکڻ آهي. هن اپاءَ سان سرڪاري دستاويزن کي ڊجيٽل بڻائڻ، جعلي اسٽامپ پيپر ختم ڪرڻ ۽ شهري خدمتون آسان ڪرڻ جو ارادو آهي. تقريب کي خطاب ڪندي وڏي وزير چيو ته اهي سڌارا سنڌ ۾ گورننس کي جديد بڻائڻ جي وڏي حڪمت عملي جو حصو آهن. هن ٻڌايو ته گذريل پنج مهينن ۾ 7 لک 30 هزار کان وڌيڪ چالان پراسيس ٿيا آهن ۽ 12.8 ارب رپيا شفاف طريقي سان وصول ڪيا ويا آهن. سيد مراد علي شاهه چيو ته اي-اسٽيمپنگ سسٽم سان جعلي اسٽامپ پيپر مافيا جو خاتمو يقيني بڻجي سگهندو ۽ دستاويزن جي روايت جو خاتمو ۽ ماڻهن کي سرڪاري آفيسن جي ڊگهن قطارن کان نجات ملي رهي آهي. هن وڌيڪ چيو ته ايندڙ مرحلي ۾ مڪمل پيپر ليس نظام متعارف ڪرايو ويندو جنهن سان شهري پنهنجي موبائل يا ليپ ٽاپ ذريعي آن لائين اسٽامپ دستاويز حاصل ڪري سگهندا. وڏي وزير چيو ته هي رڳو ٽيڪنالاجي اپگريڊ ناهي پر حڪومت ۽ عوام وچ ۾ اعتماد جي بحالي آهي. هن چيو ته سنڌ ملڪ جو سڀ کان وڌيڪ شهري ۽ معاشي طور متحرڪ صوبو آهي، ان لاءِ جديد گورننس ضروري آهن. هن مقصد لاءِ ايس آءِ ٽي سي قائم ڪئي وئي آهي ته جيئن مختلف کاتن ۾ ڊجيٽل تبديلي آندي وڃي. وڏي وزير ايس آءِ ٽي سي جي ڪارڪردگي جي واکاڻ ڪئي ۽ کاتن کي هدايت ڪئي ته هو پنهنجي نظام کي جديد بڻائڻ لاءِ اداري سان ڀرپور سهڪار ڪيو وڃي. هن گورنمينٽ ٽو گورنمينٽ (G2G) فريم ورڪ جو حوالو ڏيندي چيو ته هاڻي کاتا سڌوسنئون ايس آءِ ٽي سي سان معاهدا ڪري سگهن ٿا، جنهن سان منصوبن جي رفتار وڌندي. سيد مراد علي شاهه "سنڌ پي" نالي هڪ ڊجيٽل ادائيگي پليٽفارم جو اعلان پڻ ڪيو جنهن ذريعي شهري موبائل فون تان ٽيڪس، فيسون ۽ ٻيون ادائيگيون ڪري سگهندا. هن چيو ته صوبي ۾ ڊيٽا سينٽر پڻ قائم ڪيو پيو وڃي ته جيئن حساس ڊيٽا ملڪ اندر محفوظ رهي. هن ٻڌايو ته حڪومت هنرادو ذهانت (آرٽيفيشل انٽيليجنس) جي استعمال تي به غور ڪري رهي آهي ته جيئن شهري 24 ڪلاڪ سنڌي، اردو ۽ انگريزي ۾ سرڪاري خدمتن بابت رهنمائي حاصل ڪري سگهن. تعليم ۽ انتظامي ادارن ۾ پڻ ڊجيٽل سڌارا آندا پيا وڃن، جن ۾ يونيورسٽين اندر شاگردن جي رڪارڊ جي ڊجيٽل تصديق، پراپرٽي ٽيڪس سسٽم جي ڊجيٽلائيزيشن، ڊوميسائل ۽ پي آر سي سرٽيفڪيٽن جو آن لائن جاري ڪرڻ شامل آهي. تقريب دوران صلاحڪار علي راشد چيو ته ڊجيٽل ٽيڪنالاجي مستقبل جي گورننس آهي، جيڪا تيز شفاف ۽ آسان خدمتون مهيا ڪندي. ان موقعي تي ايس آءِ ٽي سي جي سي اي او زين العابدين شاهه چيو ته اي- اسٽيمپنگ سسٽم سان جعلي اسٽامپ پيپر ۽ مالي بيضابطگين جو خاتمو ممڪن ٿيندو. هن ٻڌايو ته هنرادو ذهانت (اي آءِ) چيٽ بوٽ پڻ متعارف ڪرايو ويو آهي. بريفنگ ۾ "سنڌ سٽيزن سپر ايپ" جو پڻ ذڪر ڪيو ويو، جنهن ۾ 130 کان وڌيڪ سرڪاري خدمتون هڪ پليٽفارم تي فراهم ڪيون وينديون. آخر ۾ بورڊ آف روينيو ۽ ايس آءِ ٽي سي وچ ۾ اي-اسٽيمپنگ جي توسيع لاءِ معاهدي تي صحيحون ڪيون ويون، جنهن کي سنڌ ۾ شفاف ۽ ٽيڪنالاجي تي ٻڌل گورننس ڏانهن اهم قدم قرار ڏنو ويو.

بقايا 25 هدايت

ملڪ ڇڏڻ جي هدايت ڪري ڇڏي آهي. پرڏيهي ميڊيا موجب آمريڪي سفارتخاني جي ويب سائيٽ تي جاري بيان ۾ چيو ويو آهي، ته سيڪيورٽي خدشن سبب آمريڪي شهري فورن عراق ڇڏي وڃن ۽ بغداد ۾ واقع سفارتخاني يا اربيل ۾ موجود قونصل خاني وڃڻ کان پاسو ڪن. سفارتخاني آمريڪي شهرين کي عراق جو سفر ڪرڻ کان به منع ڪيو آهي. واضح رهي ته عراقي گادي واري هنڌ بغداد جي هاءِ سيڪيورٽي علائقي گرين زون ۾ آمريڪي سفارتخاني ۽ ٻين عمارتن تي راڪيٽ، ميزائيل ۽ ڊرون حملن ۾ ڪجهه ماڻهن جي زخمي ٿيڻ جا اطلاع به آهن.

بقايا 26 اپيل

گڏيل قومن ۾ چين جي نائب مستقل نمائندي سون لي جنرل اسيمبلي ۾ اسلامو فوبيا خلاف عالمي ڏينهن جي مناسبت سان منعقد اعليٰ سطحي اجلاس کي خطاب ڪندي ڪيو. ان ڳالهه تي زور ڀريو ته سمورن ملڪن کي اسلامو فوبيا خلاف زيرو ٽالرنس جي پاليسي اختيار ڪرڻ گهرجي. هن چيو ته انتهاپسند نظرين ۽ تهذيبي ٽڪراءَ جي رجحانن جي سختي سان مخالفت ڪرڻ گهرجي، جڏهن ته مذهب يا عقيدي جي بنياد تي نفرت ۽ عدم برداشت کي هوا ڏيڻ وارن قدمن تي پابندي لڳائڻ گهرجي. ان سان گڏوگڏ امن کي هٿي ڏيڻ هم آهنگي ۽ هڪ جامع معاشري جي جوڙجڪ کي يقيني بڻائڻ ضروري آهي. سون لي واضح ڪيو ته چين دهشتگردي کي ڪنهن مخصوص ملڪ، قوم يا مذهب سان جوڙڻ جي سختي سان مخالفت ڪري ٿو. سندس موجب چين ۽ اسلامي ملڪن وچ ۾ هميشه گڏيل احترام ۽ اعتماد تي ٻڌل لاڳاپا قائم رهيا آهن جن ذريعي مختلف تهذيبن وچ ۾ پرامن گڏيل بقا ۽ گڏيل فائدن تي ٻڌل تعاون جو هڪ اثرائتو مثال قائم ٿيو آهي.

بقايا 27 پاڪستان

دنيا جو سڀ کان وڏو اسلاموفوبڪ ملڪ آهي ۽ مسلمانن سميت پنهنجي اقليتن خلاف نفرت انگيز قدمن جي حمايت ڪري ٿو اهو اجلاس اسلامو فوبيا کي منهن ڏيڻ واري عالمي ڏهاڙي جي موقعي تي منعقد ٿيو پاڪستان جي مستقل نمائندي عاصم افتخار احمد جنرل اسيمبلي ۾ خطاب ڪندي چيو ته ڀارت مسلمانن سان گڏوگڏ ٻين مذهبي اقليتن خلاف تشدد، مسجدن جي تباهي ۽ عوامي قتل جهڙن قدمن ۾ ملوث ماڻهن کي سزا ڏيڻ ۾ ناڪام رهيو آهي. هن ڀارت کان مطالبو ڪيو ته هو ان "گندي عمل" ۾ ملوث ماڻهن خلاف ڪارروائي ڪري. هن چيو ته ڀارت ۾ اسلامو فوبيا رڳو ڪجهه حاشيي تي موجود ماڻهن جو نه پر رياست ۽ حڪومت جي سرپرستي ۾ جاري آهي ۽ سڄي دنيا ۾ اسلاموفوبڪ واقعا سڀ کان وڌيڪ ڀارت ۾ ڏٺا ويا آهن. مثال طور سرينگر ۾ مسلمانن کي مسلسل ستين سال جمعي جي نماز دوران شرڪت کان روڪيو ويو. گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل انتونيو گوتريش خطاب ۾ سمورن ملڪن ۾ مسلمانن خلاف وڌندڙ نفرت کي ختم ڪرڻ، انساني حقن جي اصولن تي عمل ڪرڻ جي اپيل ڪئي آهي. هن چيو ته سڄي دنيا ۾ اقليتن مان مسلمانن جي روزمره جي زندگي اڪثر تعصب، سماجي ۽ معاشي نفرت، غير ضروري نگراني ۽ پروفائيلنگ سبب متاثر ٿيندي آهي. هن زور ڀريو ته اسلاموفوبيا خلاف جدوجهد صرف مسلمانن جي دفاع تائين محدود نه پر اها نسلي تعصب، تعصب، اجنبي دشمني، عدم برداشت ۽ نفرت خلاف انسانيت جي گڏيل جدوجهد آهي. هن ملڪن تي زور ڀريو ته اهي قانوني فريم ورڪ مضبوط ڪن، نفرت انگيز ڍانچن کي ختم ڪن، شعور اجاگر ڪن ۽ مذهب جي آزادي کي يونيورسل حق طور يقيني بڻائين.

بقايا 28 مارجي ويو

ڊفينس سسٽم بيلسٽڪ ميزائل کي ناڪام بڻايو جڏهن ته ابوظهبي جي علائقي بني ياس ۾ ميزائل جا ٽڪرا ڪرڻ سبب هڪ پاڪستاني شهري حياتي وڃائي ويٺو. يو اي اي ۾ جاري ڇڪتاڻ دوران هينئر تائين مارجي ويلن جو انگ 7 ٿي ويو آهي، جن ۾ 3 پاڪستاني شهري پڻ شامل آهن.

بقايا 29 فوت

دوران فوت ٿي ويو. تفصيل موجب سومر ۽ اڱاري جي وچ واري رات جو اورنگي ٽائون ٿاڻي جي علائقي اورنگي ٽائون ايم پي آر ڪالوني ۾ فاروق اعظم مسجد جي ويجهو نامعلوم هٿيارٻندن جي فائرنگ ۾ نوجوان سخت زخمي ٿي پيو ۽ کيس فوري طور تي اسٽيڊيم روڊ تي هڪ خانگي اسپتال منتقل ڪيو ويو. سخت زخمي نوجوان ڪجهه ڪلاڪ تائين اسپتال ۾ زندگي ۽ موت جي جنگ ۾ هو ۽ اڱاري جي صبح علاج دوران فوت ٿي ويو. فوت ٿيل نوجوان جي سڃاڻپ 17 سالن جي مجاهد خان ولد اعجاز عرف رحمان جي نالي سان ٿي آهي. نوجوان اورنگي ٽائون ايم پي آر ڪالوني جو رهواسي هو ۽ فائرنگ جو واقعو شايد سندس گهر جي ٻاهران ٿيو هو ايس ايڇ او اورنگي ٽائون خميسو خان چيو ته فائرنگ جو واقعو سومر ۽ اڱاري جي رات جي وچ ۾ پيش آيو پر صبح جو پوليس کي اطلاع ڏنو ويو جڏهن نوجوان علاج دوران فوت ٿي چڪو هو ۽ هن چيو ته پوليس نوجوان جي خاندان جو بيان رڪارڊ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر خاندان انڪار ڪيو خاندان چيو ته اهي جنازي جي نماز ۽ تدفين کان پوءِ پوليس سان رابطو ڪندا.

بقايا 30 ريلوي ترجمان

ٻنپهرن جو 2 وڳي تائين بند رهنديون، جنهن ڪانپوءِ سمورين آفيسن پنهنجي معمول واري وقت موجب ڪم جي شروعات ڪري ڇڏينديون.

Oil & Gas Development Company Limited
ogdcl the energy

INVITATION TO E-BIDS
THROUGH SAP ARIBA DISCOVERY

E-Bids are invited through SAP-Ariba Discovery for the service/material given below under competitive bidding procedure as per Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) rules:

SR #	TENDER NO	DESCRIPTION	CLOSING DATE & TIME
1.	OGDCL-SCM-FB-CB-PROD-316260614-2026	PROCUREMENT OF 8 INCH PIPELINE	13.04.2026 AT 1100 Hrs

2. All bids will be opened 30 minutes after the bids closing date/ time.
3. Tender Notice/ detailed instructions are available on PPRA website at **www.ppra.org.pk.**
4. Tender documents are available online and bids are also required to be submitted online through e-procurement portal at **https://ogdcl.com/sap-ariba-tenders** or **https://discovery.ariba.com/profile/AN01562899621.** For details see "Instruction for Bidders Section" of the tender documents.
5. OGDCL reserves the right to accept or reject any bid and to annul the bidding process and reject all the bids as per Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) Rule-33.

General Manager
(Supply Chain Management)
Oil & Gas Development Company Limited
OGDCL House, Plot 03, F-6/G-6, Jinnah
Avenue, Blue Area Islamabad-Pakistan
Tel: +92 (51) 920023652/3780

ogdcl.com
No. 122/26

LARGEST TAX PAYER COMPANY OF THE NATION
WE EXPLORE PROSPERITY

آفيس آف دي
ايگزيڪيوٽو انجنيئر
هاءِ ويز ڊويزن، عمرڪوٽ

فون (آفيس)
0238-500052

No. TC/G-55/ 545 /of 2026
Dated: 16 - 03 -2026

تصحيح

هن آفيس پاران جاري ڪيل NIT نمبر TC/G-55/540، تاريخ: 02-03-2026، جيڪو مختلف اخبارن ۾ شايع ٿيو، ان جي تحت ٽينڊر شيڊول 26-03-2026 تي هو، ان جي بدران هاڻي اهو ڪنهن به ڪم ڪار واري ڏينهن 06-04-2026 شام 05:00 وڳي تائين جاري ڪري سگهجي ٿو ۽ ٽينڊر واپس وصول ڪرڻ جي تاريخ 07-04-2026 ۽ وقت صبح 09:30 وڳي تائين هوندو.

باقي تمام شرط ۽ ضابطا ساڳيا ئي رهندا.

ايگزيڪيوٽو انجنيئر
هاءِ وي ڊويزن
عمرڪوٽ

INF/KRY/1124/2026
I WORK FOR SINDH www.iwork4sindh.com
JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT

Wednesday 18 March 2026

اربع 18 مارچ 2026ع

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل

آمريڪا لاءِ هيءُ جنگ مهانگي ثابت ٿيندي!

صفحو 4

محمد خان ابڙو

تيل ۽ خوراڪ جا قومي ذخيرا وقت جي اهم ضرورت!

صفحو 4

چتو هاتي هاٽي پڏجڻ گهرجي

وشال امير

صفحو 4

مختيار انڙ

اڄوڪو ڏينهن - 18 مارچ

صفحو 4

ڪوٽڙي جي هاري ڪيمپ ۾ رهندڙ ڀيل برادري جي گهرن تي ٻاريڇا برادري جي ماڻهن جو حملو

گهرن ۾ گهڙي ڏنڊن سان حملو ڪري ٻن عورتن سميت ٽن ڄڻن کي زخمي ڪري ڇڏيو، هڪ جي حالت خراب

ڏتراج ڀيل جي حالت نازڪ هئڻ ڪري بلاول ميڊيڪل اسپتال ۽ بعد ۾ ايل ايم سي اسپتال حيدرآباد نيو ويو

ڀيل ڪراچي واهه تي ڌرڻو هڻي ويهي رهيا 4 ڪلاڪ روڊ بند هجڻ ڪري ٻنهي پاسن کان گاڏين جون وڏيون قطارون لڳي ويون

ڪوٽڙي(ن ع) ڪوٽڙي ۾ هاري ڪيمپ ۾ رهندڙ ڀيل برادري جي ماڻهن عورتن ۽ ٻارن سميت ٻاريڇا برادري جي ماڻهن پاران سندن گهرن ۾ گهڙي ڏنڊن سان حملو ڪري ٻن عورتن سميت ٽن ڄڻن کي زخمي ڪري ڇڏيو جن مان هڪ ڄڻي ڏتراج ڀيل جي حالت نازڪ هئڻ ڪري ڪوٽڙي ٿاڻي تي ڪيس داخل ڪرڻ بعد ڪيس بلاول ميڊيڪل اسپتال نيو ويو ڀر ڊاڪٽرن پاران جواب ڏيڻ سبب ڪيس ايل ايم سي اسپتال حيدرآباد موڪليو ويو ڀر اتي پڻ ڊاڪٽرن کين واپس ڪري چيو ته مريض جي حالت خراب آهي جنهن بعد وارث ڪيس کڻائي ڪوٽڙي پهتا ۽ ڪراچي واهه تي ڌرڻو هڻي ويهي رهيا 4 ڪلاڪ روڊ بند هجڻ ڪري ٻنهي پاسن کان گاڏين جون وڏيون قطارون لڳي ويون ڌرڻو هڻندڙ ٻار ڀيل رامچند ۽ عورتن چيو ته اسان جي جهڳين جي پلاٽ تي قبضي لاءِ ٻاريڇن اهڙو قدم کنيو مٿن ايف آءِ آر داخل ڪري گرفتار نه ڪيو ويو ته هو احتجاج جاري رکندا جنهن بعد پوليس ساڻن ڳالهيون ڪري جوابدار گرفتار ڪرڻ جو يقين ڏياريو جنهن بعد احتجاج ختم ڪيو ويو

ڪوٽڙي: هاري ڪيمپ ۾ رهندڙ ڀيل برادري جي گهرن تي ٻاريڇا برادري جي ماڻهن جي حملي خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

سکر ۾ ميراڻي برادري جو بااثرن خلاف مظاهرو

بااثر ماڻهن جي مبينه ظلم ۽ ناانصافين جي خلاف مظاهرو ڪيو ويو

پوليس اڃا تائين ڪنهن به ملزم کي گرفتار نه ڪيو آهي: مظاهرين

سکر (بيورو رپورٽ) ميراڻي برادري سان تعلق رکندڙ مردن ۽ عورتن پنهنجي ئي برادري جي بااثر ماڻهن جي مبينه ظلم ۽ ناانصافين جي خلاف سکر پريس ڪلب جي اڳيان سخت احتجاج ڪيو مظاهرين جو چوڻ هو ته سي سيڪشن ٿاڻي جي حد ۾ بااثر ماڻهن هڪ بيوا عورت ۽ ٻين شهري تي ظالماڻو تشدد جا واقعو پيش آيا، جڏهن ته پوليس خاموش تماشائي بڻجي رهي آهي ۽ متاثرن کي انصاف ڏيڻ جي بجاءِ ملزمان جي پٺڀرائي ڪري رهي آهي.انسانيت سوز واقعو: بيوا عورت ۽ ان جي نواڻ کي وحشياڻو تشدد جو نشانو بڻايو ويو.تفصيل مطابق، 14 مارچ جي رات الله ڏنو مسمات روبينه ۽ اسد ۽ آصف ميراڻي جي وچ ۾ معمولي ڳالهه تي گهريلو تڪرار پيدا ٿيو. ان دوران پنهنجي گهر جي دروازي تي بيٺل بيوا عورت مسمات سسئي ميراڻي ۽ ان جي معصوم نواڻ کي رڳو جهڳڙي ڏسڻ جي ڏوهه ۾ اسد ۽ آصف ميراڻي نشانو بڻايو. متاثر عورت سان ايترو ناروا ۽ غيرانساني سلوڪ ڪيو ويو جو هوءَ ۽ ان جي نواڻ سخت زخمي ٿي ويون. پوليس تي سستي ۽ ملي ڀڳت جو الزام زخمي حالت ۾ متاثر عورت انصاف جي تلاش ۾ ٿاڻه ۽ پوليس آفيسن جا چڪر لڳائيندي رهي پر پوليس ڪا مدد نه ڪئي. ذريعن موجب، جڏهن متاثر ٿاڻي وڃي رهيا هئا ته اسد ميراڻي ۽ ان جا ساٿي رستي ۾ وري انهن کي گهيري ۾ وٺي وڌيڪ تشدد ڪيو ته جيئن هو قانوني ڪارروائي نه ڪري سگهن. آخرڪار متاثرن سي سيڪشن ٿاڻه ۾ اسد، آصف، ظفر، اسلم، اڪرم ۽ جاني خلاف اين سي (NC) درج ڪرائي، پر پوليس اڃا تائين ڪنهن به ملزم کي گرفتار نه ڪيو آهي. متاثر خاندان جو الزام آهي ته پوليس مجرمن خلاف ڪارروائي ڪرڻ جي بجاءِ انهن جي پٺڀرائي ڪري رهي آهي.جوابدار سرعام گهمي رهيا آهن ۽ متاثرن کي لڳاتار هراسان ڪندا رهيا آهن.پريس ڪلب جي اڳيان احتجاج ڪندڙ متاثرن چيو ته انهن کي هر روز تشدد ۽ ڌمڪين جو سامنا آهي. انهن چيو ته پوليس جي خاموشي ثابت ڪري ٿي ته اها جوابدارن سان مليل آهي.مظاهرو ڪندڙ اعليٰ اختيارين سميت چيف جسٽس آف پاڪستان، وزيراعليٰ سنڌ، آئي جي سنڌ، ڊي آئي جي سکر ۽ ايس ايس پي سکر کان فوري نوٽيس وٺندي ملزمان اسد، امير بخش ۽ آصف ميراڻي کي گرفتار ڪرڻ ۽ متاثرن کي تحفظ فراهم ڪرڻ جو مطالبو ڪيو آهي.

سکر: ميراڻي برادري جا ماڻهو پوليس ۽ بااثر خلاف احتجاجي مظاهرو ڪندي

مسوپرگڙي ۽ ڀرپاسي ۾ ڪڻڪ جو بمپر فصل لهڻ باوجود اٽو سستو نه ٿيو، غريب طبقو پريشان

ڪڻڪ جو بمپر فصل لهڻ باوجود دڪاندار ۽ اٽي چڪين وارا غريب عوام کي ٻنهي هٿن سان ڦرڻ لڳا

دڪاندار، واپاري ۽ اٽي چڪي مالڪ ڪڻڪ 80 رپيا خريد ڪري اٽو 130 رپيا ڪلو وڪڻي رهيا آهن: رهواسي

مسوپرگڙي ۾ ايتري مهانگائي باوجود مارڪيٽ ڪميٽي ۽ ڊي سي طرفان ڪاروائي نه ڪرڻ سواليا نشان آهي

مسوپرگڙي (ن ع) مسوپرگڙي ۽ ڀرپاسي ۾ ڪڻڪ جو بمپر فصل لهڻ باوجود اٽو سستو نه ٿيو دڪاندار ۽ اٽي چڪين وارا غريب عوام کي ٻنهي هٿن سان ڦرڻ لڳا، ان حوالي سان هتان رهواسين گلزار علي، نثار احمد، علي محمد خاصخيلي، فتح لغاري ۽ ٻين احتجاج ڪندي صحافين کي ٻڌايو ته هر طرف ڪڻڪ جو نئون فصل لهي مارڪيٽ ۾ اچي چڪو آهي دڪاندار واپاري ۽ اٽي چڪي مالڪ ڪڻڪ 80 رپيا خريد ڪري اٽو 130 رپيا ڪلو وڪڻي رهيا آهن ان حساب سان في ڪلو تي 50 رپيا وڌيڪ پيا وٺن جيڪو سراسر ظلم آهي هنن چيو ته مسوپرگڙي ۾ ايتري مهانگائي باوجود مارڪيٽ ڪميٽي ۽ ڊي سي طرفان ڪاروائي نه ڪرڻ سواليا نشان آهي هنن وڌيڪ چيو ته اسان خوراڪ کاتي،مارڪيٽ ڪميٽي ۽ ڊي سي حيدرآباد کان مطالبو ٿا ڪيون ته مسوپرگڙي ۾ ڇاپا هڻي اٽي چڪي ۽ دڪانن تي اٽي جو سرڪاري اگهه مقرر ڪيو وڃي ته جيئن غريب ماڻهن کي ڪجهه رليف ملي سگهي.

مسوپرگڙي: پروهيت ٿريشر هلي رهيو آهي ٻئي طرف ڪڻڪ کي بورن ۾ ڀريو پيو وڃي

اليڪشن ڪميشن ۾ رجسٽرڊ پارٽين جو انگ 171 ٿي ويو، هڪ الائنس به فهرست ۾ شامل

اسلام آباد (اي پي پي) اليڪشن ڪميشن ۾ رجسٽرڊ پارٽين جو انگ 171 ٿي ويو جڏهن ته هڪ الائنس به فهرست ۾ شامل آهي، رجسٽرڊ پارٽين ۾ 12 مسلم ليگ، 4 پيپلز پارٽيون شامل آهن انهن پارٽين مان وڏي انگ ڪڏهن به ڪنهن اسيمبلي جي رڪنيت حاصل نه ڪئي آهي اليڪشن ڪميشن کان حاصل دستاويزن مطابق اليڪشن ڪميشن ۾ رجسٽرڊ مسلم ليگ ۾ چوڌري شجاعت حسين جي سربراهي ۾ پاڪستان مسلم ليگ، پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل، پاڪستان مسلم ليگ جونيجو، پاڪستان مسلم ليگ نواز، پاڪستان مسلم ليگ (شير بنگلا) اي جي فضل حق، پاڪستان مسلم ليگ (ڪائونسل)، پاڪستان مسلم ليگ (آرگنائزيشن)، پاڪستان مسلم ليگ (ضيا)، پاڪستان مسلم ليگ (ڪيو اوڪي)، پاڪستان مرڪزي مسلم ليگ، عوامي مسلم ليگ، آل پاڪستان مسلم ليگ (جناح) شامل آهن جڏهن ته انهن مان 9 مسلم ليگز جي قومي اسيمبلي ۾ نمائندگي ئي ناهي اهڙي طرح بلاول ڀٽو جي سربراهي ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي، آصف علي زرداري جي سربراهي ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي پارليامينٽيرينز رجسٽرڊ آهي ان کان علاوه پاڪستان پيپلز پارٽي (شهيد ڀٽو)، پاڪستان پيپلزپارٽي (ورڪرز) به رجسٽرڊ آهن پاڪستان تحريڪ انصاف ۽ پاڪستان انصاف نظرياتي جي نالي سان به پارٽيون، جميعت علماء اسلام جي نالي سان ٽي پارٽيون، جميعت علماء پاڪستان جي نالي سان به پارٽيون رجسٽرڊ آهن مولانا فضل الرحمان جي سربراهي ۾ جميعت علماء اسلام پاڪستان، جميعت علماء اسلام سميع الحق، جميعت علماء اسلام نظرياتي جي نالي سان رجسٽرڊ آهن جڏهن ته هن وقت قومي اسيمبلي ۾ انهن 171 رجسٽرڊ پارٽين مان ڪيترن ئي پارٽين جي نمائندگي موجود آهي اليڪشن ڪميشن ۾ رجسٽرڊ وڏو انگ اهڙين پارٽين جو آهي جيڪي ڪڏهن به اسيمبلي جي رڪنيت حاصل نه ڪري سگهيون آهن

سنڌڙي جي صاحب جو ڳوٺ جي رهواسڻ جو ميرپورخاص ۾ احتجاج

شراب جي نشي ۾ ڌت ٿي اڪثر تشدد جو نشانو بڻائي ٿو: پارسان ڪولهڻ

گهران بي دخل ڪري ڇڏيو، اغوا سميت موتمار ڌمڪيون ملي رهيون آهن

ميرپورخاص(بيورو رپورٽ) مڙس شراب جي نشي ۾ ڌت ٿي اڪثر تشدد جو نشانو بڻائي ٿو 15 ڏينهن اڳ وحشياڻي تشدد جو نشانو بڻائي گهران بي دخل ڪري ڇڏيو اغوا سميت موتمار ڌمڪيون ملي رهيون آهن اهڙو اظهار سنڌڙي جي صاحب جو ڳوٺ جي رهواسڻ پارسان ڪولهڻ پنهنجي والد ڀٽو ڪولهي سان گڏ ميرپورخاص پهچي صحافين اڳيان دانهيندي ڪيو پارسان ڪولهڻ وڌيڪ چيو ته ماڻس پاران هڪ سال اڳ هرچند ڪولهي سان شادي ڪرائي جيڪو شراب جو مقابلي آهي روز شراب واپرائڻ بعد تشدد جو نشانو بڻائيندو هو سندس شراب واپرائڻ واري عمل سبب اڳ 02 گهرواريون ڪيس ڇڏي ويون جنهن بعد هن مونسان 03 شادي ڪئي ۽ شادي بعد روز تشدد ڪندو هو جڏهن ته 15 ڏينهن اڳ وحشياڻي تشدد جو نشانو بڻائڻ بعد ماڻس پاران ڏاج ۾ ڏنل سامان ڦري گهران بي دخل ڪري ڇڏيو جنهن بعد ماڻس جي گهر رهندي آهيان جڏهن ته مڙس هرچند ڪولهي پاران زوري اغوا ڪرڻ بعد قتل ڪرڻ ۽ ماڻس مٿان ڪوڙا ڪيس داخل ڪرڻ سميت موتمار ڌمڪيون ملي رهيون آهن جاڻايل شخص مان زندگي جي خطرو آهي متاثر عورت ۽ سندس والد واسطيدار اختيارين کان ڀرزور مطالبو ڪندي چيو ته معاملي جو نوٽس وٺي هرچند ڪولهي خلاف قانوني ڪاروائي ڪري تحفظ فراهم ڪيو وڃي

شاهه جي مشين جي پرسان قومي شاهراهه تي ڳوٺاڻن کان ڦر

ڦورو هٿيارن جي زور تي موٽر سائيڪل روڪ رقم ڦر ڪري آساني سان فرار

قومي شاهراهه تي ڦر جا واقعا روز جو معمول بڻجي ويا آهن پوليس ايڪشن ڪئي: رهواسي

گڏيجي(ن ع) شاهه جي مشين جي پرسان قومي شاهراهه تي نامعلوم هٿيارٻندن ڳوٺ ملهيراڻي سولنگي جي رهواسين شرجيل احمد سولنگي،شڪوراحمد سولنگي،آفاق احمد سولنگي کان هٿيارن جي زور تي موٽر سائيڪل روڪ رقم ڦر ڪري آساني سان فرار ٿي ويا ڳوٺ ملهيراڻي سولنگي ڳوٺ پهلوان سولنگي جي رهواسين اميرعلي سولنگي،ضميرحسين سولنگي، عبدالستار سهتو،شرجيل احمد سولنگي۽ ٻين جي اڳواڻي ۾قومي شاهراهه تي رڪاوٽون قائم ڪري قومي شاهراهه ٻنهي طرف کان مڪمل طور تي بند ڪري ڇڏيو جنهن سبب ٻنهي طرفن کان گاڏين جون قطارون لڳي ويون ۽ ڳوٺاڻن احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هڻيو مظاهرو ڪندڙن پوليس خلاف سخت نعريبازي ڪري رهيا هئا ان موقعي تي هنن چيو ته هنگورجا ٿاڻي جي حد شاهه جي مشين جي پرسان قومي شاهراهه تي ڦر جا واقعا روز جو معمول بڻجي ويا آهن ۽ سولنگي برادري کي ٽارگيٽ نشانو بڻائي ڦريو ٿو وڃي پوليس ڌوهارين جي خلاف ڪاروائيءَ ڪرڻ کان لنوائي رهي آهي ۽ ڪين سان ٻٽ ٻڌيل آهي هنن چيو ته ڦر ٿيل موٽرسائيڪل روڪ رقم واپس ڪرائي ڏني وڃي ۽ ڌوهارين خلاف ڪاروائيءَ ڪئي وڃي نه ته احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو ٻئي طرف اطلاع ملڻ تي مختلف ٿاڻن جي پوليس گڏيجي جي پرسان پهچي تي پوليس ۽ ڌوهارين وچم فائرنگ ڌوهارين کان موٽر سائيڪل هٿ ڪري ورتي ۽ هڪ ڄڻي کي گرفتار ڪري ورتو

ٽنڊوالهيار جي ايم اين اي جي فريال ٽالپر سان ملاقات

ذوالفقار ستار بچاڻي پاران ضلعي جي سياسي صورتحال بابت آگاهي

ضلعي ٽنڊو الهيار جي ترقي لاءِ موثر قدم جاري رکيا ويندا: فريال ٽالپر

ٽنڊوالهيار(ذ ر) ٽنڊوالهيار جي ايم اين اي ذوالفقار ستار بچاڻي پاڪستان پيپلز پارٽي ليڊيز ونگ جي مرڪزي اڳواڻ فريال ٽالپر سان ڪراچي زرداري هائوس ۾ اهم ملاقات ڪئي ملاقات دوران ضلعي ٽنڊو الهيار جي تنظيمي معاملن ۽ پارٽي کي وڌيڪ فعال ۽ مضبوط بڻائڻ بابت تفصيلي ڳالهيون ڪيون ويون ملاقات دوران پارٽي جي ايندڙ تنظيمي لائحه عمل، ترقياتي معاملن ۽ ڪارڪنن کي وڌيڪ متحرڪ ڪرڻ بابت به خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي ذوالفقار ستار بچاڻي فريال ٽالپر کي ضلعي ٽنڊوالهيار ۾ عوام کي درپيش مسئلن ۽ انهن جي حل لاءِ کنيل قدمن بابت پڻ آگاهه ڪيو ان کان علاوه نوجوانن جي روزگار ۽ عوامي ڀلائي بابت به تفصيلي ڳالهه ٻولهه ٿي فريال ٽالپر پارٽي کي گراس روٽ سطح تي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ ڪارڪنن سان لڳاتار رابطو رکڻ ۽ عوامي مسئلن جي حل لاءِ ڀرپور ڪردار ادا ڪرڻ جي هدايت ڪئي ملاقات دوران ان عزم جو اظهار ڪيو ويو ته پيپلز پارٽي جي قيادت جي ويزن مطابق عوام جي خدمت، نوجوانن جي بهتر مستقبل ۽ ضلعي ٽنڊو الهيار جي ترقي لاءِ موثر قدم جاري رکيا ويندا

طارق منظور چانڊيو ڊپٽي ڪمشنر لاڙڪاڻي طور چارج سنڀالي ورتي

لاڙڪاڻو - 17 مارچ (اي پي پي)طارق منظور چانڊيو ڊپٽي ڪمشنر لاڙڪاڻي طور چارج سنڀالي ورتي ۽ پنهنجون ذميواريون باقاعده طور تي نڀائڻ شروع ڪري ڇڏيون آهن نئين ڊپٽي ڪمشنر لاڙڪاڻو چارج وٺڻ کان پوءِ ضلعي جي مختلف سرڪاري کاتن جي آفيسرن سان تعارفي اجلاس جي صدارت پڻ ڪئي، جنهن ۾ آفيسرن پنهنجو تعارف پڻ ڪرايو ۽ پنهنجي کاتن جي ڪارڪردگي بابت پڻ بريفنگ ڏني ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر لاڙڪاڻو طارق منظور چانڊيو چيو ته ضلعي ۾ عوامي مسئلن جي حل ۽ ترقياتي ڪمن کي تيز ڪرڻ سندن اولين ترجيح هوندي هن آفيسرن کي هدايت ڪئي ته هو پنهنجي ذميوارين کي ايمانداري ۽ محنت سان نڀائين ۽ عوام کي بهتر سهولتون فراهم ڪن هن وڌيڪ چيو ته عوامي شڪايتن جي تڪڙي ازالي لاءِ عملي قدم کنيا ويندا ۽ سڀني کاتا پاڻ ۾ بهتر رابطي سان ڪم ڪن ته جيئن ضلعي جي ترقي کي يقيني بڻائي سگهجي اجلاس ۾ مختلف کاتن جي آفيسرن شرڪت ڪئي ۽ نئين ڊپٽي ڪمشنر لاڙڪاڻو کي پنهنجي مڪمل سهڪار جو يقين پڻ ڏياريو

هنگورجا مان 10 ڏينهن اڳ ڪنيي گم ڪيل شاگرد جي وارثن جو احتجاج

فرحان چانگ جي بازيابي لاءِ وارثن ۽ مختلف سماجي ڪارڪنن احتجاج ڪيو

پوليس فرحان چانگ جي گهر مان گرفتار ڪري گم ڪري ڇڏيو آهي: مظاهرين

هنگورجا(ن ع) هنگورجا مان 10 ڏينهن اڳ ڪنيي گم ڪيل شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور جي شاگرد فرحان چانگ جي بازيابي لاءِ وارثن ۽ مختلف سماجي ڪارڪن پاران ڇهين ڏهاڙي به احتجاجي بک هڙتالي ڪيمپ جاري رکي وئي هنگورجا مان 10 ڏينهن اڳ ڪنيي گم ڪيل شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور جي شاگرد فرحان چانگ جي بازيابي لاءِ وارثن پاران 6 ڏهاڙي به گلاب چانگ جمن چانگ، جهنڊل چانگ جي اڳواڻي ۾ احتجاج بک هڙتالي ڪيمپ جاري رکي وئي آهي احتجاج ڪندڙن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو آهي ته 10 ڏينهن اڳ مختلف ٿاڻن جي پوليس فرحان چانگ جي گهر مان گرفتار ڪري گم ڪري ڇڏيو آهي جنهن جي اڃان ظاهر نٿو ڪيو وڃي هنن چيو جيستائين گم فرحان چانگ جي جلد آزاد نه ڪيو وڃي ته سخت احتجاج ڪرڻ تي مجبور ٿينداسون

هنگورجا: فرحان چانگ جي بازيابي لاءِ وارث بک هڙتال ڪري رهيا آهن

سانا جي ايڊووڪيسي اينڊ رائٽس ڪميٽي پاران ”ڪراچي_سنڌ جو سورج مکي“ تي آن لائين سيمينار

آن لائين سيمينار ۾ ڪراچي جي تاريخي، سياسي ۽ سماجي اهميت تي بحث، سنڌ جو اڻٽٽ حصو قرار ڏنو ويو

ڪراچي سنڌ جي حياتي ۽ روح آهي ۽ هزارين سالن کان واپاري مرڪز طور ڪم ڪندو رهيو آهي: ڊاڪٽر اعجاز قريشي

ڪراچي بار ۾ سنڌي وڪيلن جو انگ وڌي رهيو آهي ۽ سنڌي ووٽن کانسواءِ ڪو به اميدوار چونڊن ۾ ڪامياب نٿو ٿي سگهي

ورجينيا (رپورٽ: ضياء قريشي) سنڌي ايسوسيئيشن آف نارٿ آمريڪا جي ايڊووڪيسي اينڊ رائٽس ڪميٽي ”ڪراچي — سنڌ جو سورج مکي“ جي موضوع تي هڪ آن لائين سيمينار منعقد ڪيو، هن تقريب ۾ عالمن سماجي ڪارڪنن صحافين ۽ سنڌي پرديسي برادري جي ميمبرن شرڪت ڪئي، جتي ڪراچي جي تاريخي سياسي ۽ سماجي اهميت تي بحث ڪيو ويو ۽ ان کي سنڌ جو اڻٽٽ حصو قرار ڏنو ويو سانا جي انفارميشن سيڪريٽري حبيب ميمڻ مهمانن کي ڀليڪار ڪيو ۽ سنڌ ۽ ڪراچي سان لاڳاپيل مسئلن تي ڳالهه ٻولهه جي اهميت تي زور ڏنو ايڊووڪيسي اينڊ رائٽس ڪميٽي جي چيئرمين ذوالفقار خواجه سيمينار جي موضوع جو تعارف ڪرائيندي چيو ته ”ڪراچي سنڌ آهي ۽ سنڌ ڪراچي آهي“ هن معزز مقررن جو پڻ تعارف ڪرايو جن ۾ ناميارو دانشور ۽ ليکڪ پروفيسر ڊاڪٽر اعجاز قريشي، مشهور سماجي ڪارڪن سيد خليل شاهه ۽ سينيئر صحافي ڊاڪٽر جبار خٽڪ شامل هئا. پروفيسر ڊاڪٽر اعجاز قريشي چيو ته ڪراچي سنڌ جي حياتي ۽ روح آهي ۽ هزارين سالن کان واپاري مرڪز طور ڪم ڪندو رهيو آهي. ڇاڪاڻ ته هتان جا ساموڊي رستا وچ اوڀر ۽ دنيا جي ٻين علائقن سان ڳنڍيل رهيا آهن. هن چيو ته عرب مؤرخن جي تاريخي حوالن مان به ڪراچي جي پراڻي واپاري اهميت ثابت ٿئي ٿي. هن ڪراچي مان سنڌين جي تاريخي بي دخلي جو پڻ ذڪر ڪيو ۽ چيو ته پاڪستان جي قيام کان جلد پوءِ لياقت علي خان جي حڪمن سبب اهڙا قدم کنيا ويا جن جي نتيجي ۾ سنڌين کي ڪراچي ڇڏڻي پئي ۽ سنڌ يونيورسٽي کي ڪراچي مان منتقل ڪري حيدرآباد آندو ويو هن پنهنجي ڪتاب ۾ بيان ڪيل مختلف واقعن جو پڻ حوالو ڏنو وڪيل سيد خليل شاهه چيو ته سنڌين کي ڪراچي ۾ سياست ۽ شهري زندگي ۾ سرگرم حصو وٺڻ گهرجي هن ٻڌايو ته ڪراچي يونيورسٽي ۾ لڳ ڀڳ 6 هزار سيٽن مان صرف 40 سيٽون مقامي سنڌي شاگردن لاءِ مخصوص هيون هن سنڌين کي اپيل ڪئي ته هو ڪراچي ۾ پنهنجا ووٽ رجسٽر ڪرائين ۽ چونڊن ۾ ڀرپور حصو وٺن هن اهو به چيو ته ڪراچي بار ۾ سنڌي وڪيلن جو انگ وڌي رهيو آهي ۽ سنڌي ووٽن کانسواءِ ڪو به اميدوار چونڊن ۾ ڪامياب نٿو ٿي سگهي. صحافي ڊاڪٽر جبار خٽڪ چيو ته ڪراچي سنڌ جو اڻٽٽ حصو آهي پر ماضي جي سياسي غلطين سبب ورهاسون پيدا ٿيون هن چيو ته ڪراچي ۾ بنگالي، برمي، سرائيڪي پشتون ۽ بلوچ سميت مختلف برادريون ڏهاڪن کان رهن ٿيون. جيڪڏهن انهن برادرين کي سنڌ جو حصو طور قبول ڪيو وڃي ها ته شايد سياسي صورتحال مختلف هجي ها. هن مختلف برادرين سان رابطا وڌائڻ ۽ ڪراچي ڪوٽا سسٽم جهڙن مسئلن کي متوازن طريقي سان حل ڪرڻ جي ضرورت تي زور ڏنو سانا جي جنرل سيڪريٽري اسد علي شيخ مقررن ۽ شرڪت ڪندڙن کي ڀليڪار ڪندي چيو ته ڪوٽا سسٽم اصل ۾ لياقت علي خان طرفان پاڪستان جي شروعاتي سالن ۾ لڏپلاڻ ڪري آيل ماڻهن جي سهولت لاءِ متعارف ڪرايو ويو هو هن وڌيڪ چيو ته جيڪڏهن ڪراچي ۾ موجود تعليم صحت ۽ ٻيون بنيادي سهولتون سنڌ جي ڏورانهن ضلعن ۾ پڻ مهيا ڪيون وڃن ته پوءِ وقت سان گڏ ڪوٽا سسٽم جي ضرورت ختم ٿي سگهي ٿي. سوال جواب واري ويهڪ جي نظامت ڊاڪٽر ناصر جماز ڪئي جنهن دوران شرڪت ڪندڙن مختلف سوال پڇيا ۽ مقررن پنهنجا خيال پيش ڪيا. سيمينار جي پڄاڻي تي ذوالفقار خواجه اعلان ڪيو سانا 25 اپريل تي لنڊن برطانيه ۾ هڪ سنڌي ڊائيسپورا ڪانفرنس منعقد ڪندي، جنهن ۾ دنيا جي مختلف ملڪن مان سنڌي شرڪت ڪرڻ جو امڪان آهي

شهدادڪوٽ ۾ اڳوڻي ايم اين اي اياز سومرو جي ورسي ملهائي وئي

مرحوم جي ڀاءُ ايڊووڪيٽ رياض سومرو ۽ ٻين آخري آرامگاهه تي گلن جون چادر چاڙهي

اياز سومرو ڪارڪنن کي عزت ۽ مان ڏيندڙ هيو اڄ به غريب ڪارڪن کيس ياد ڪندا آهن: اڳواڻ

شهدادڪوٽ(ذ ر) پ پ پ اڳواڻ ۽ اڳوڻي ايم اين اي مرحوم اياز سومرو جي اٺين ورسي سندس اباڻي گهر شهدادڪوٽ ۾ ملهائي وئي. ان موقعي تي پ پ پ جي اڳواڻن سپاف يوٿ جي ڪارڪنن وڪيلن شهرين سياسي سماجي اڳواڻن ۽ سول سوسائٽي جي نمائندن جي هڪ وڏي انگ پڻ شرڪت ڪئي ورسي جي تقريبن ۾ پ پ پ جي اڳواڻ سرائي قربان علي سومرو مرحوم جي ڀاءُ ايڊووڪيٽ رياض سومرو ايڊووڪيٽ رفيق احمد ابڙو ايڊووڪيٽ شفيع محمد ڪوسو ۽ ٻين اڳواڻن توڙي رشتيدارن سندس آخري آرام گاهه تي پهچي گلن جون چادرون چاڙهيون ۽ فاتحه خواني ڪئي جڏهن ته ورسي جي تقريب ۾ ڳالهائيندي اياز سومرو مزار ڪميٽي جي چيئرمين ۽ اياز سومرو جي ڀاءُ ايڊووڪيٽ رياض سومرو ايڊووڪيٽ رفيق احمد ابڙو ايڊووڪيٽ شفيع محمد ڪوسو پ پ اڳواڻن قربان علي سومرو ۽ صدام حسين سومرو مرحوم اياز سومرو کي ڀيٽا پيش ڪندي چيو ته پ پ پ جي اڳواڻوزير مرحوم اياز سومرو ڪارڪنن جو پرڇهلو هيو هن پارٽي لاءِ جيلن جون سختيون پڻ برداشت ڪيون ڪارڪنن کي عزت ۽ مان ڏيندڙ هيو اڄ به غريب ڪارڪن کيس ياد ڪندا آهن.

شهدادڪوٽ: پ پ اڳواڻ مرحوم اياز سومرو جي ورسي ملهائي پئي وڃي

ايران مٿان اسرائيلي ۽ آمريڪي دهشتگردي ۽ ملڪ ۾ وڌندڙ مهانگائي خلاف حيدرآباد ۾ احتجاج

عوامي تحريڪ ۽ سنڌياڻي تحريڪ پاران حيدرآباد پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو، نعريبازي

آمريڪا ۽ اسرائيل ايران مٿان حملا ڪري سموري دنيا جي امن ۽ معيشت کي تباهه ڪري ڇڏيو آهي: اڳواڻ

پاڪستان جا حڪمران ۽ سرمائيدار خوشين، غمين، قدرتي توڙي هٿرادو آفتن دوران عوام جي ڦرلٽ تيز ڪري ڇڏيندا آهن

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) ايران مٿان اسرائيلي ۽ آمريڪي دهشتگردي ۽ ملڪ ۾ وڌندڙ مهانگائي خلاف عوامي تحريڪ ۽ سنڌياڻي تحريڪ جي مرڪزي سينئر نائب صدر نور احمد ڪاتيان سنڌياڻي تحريڪ جي مرڪزي صدر عمره سمون عوامي تحريڪ جي مرڪزي ڊپٽي سيڪريٽري راحيل پنهو اسماعيل خاصخيلي اظهار داڻوپوٽو چانڊيو عوامي تحريڪ ضلعي حيدرآباد جي صدر سرمد راڄپر اشوڪ ڪمار سنڌياڻي تحريڪ جي اڳواڻ نورجهان ڪاتيان ڊاڪٽر آمنه لاشاري، شاهين خاصخيلي، نومارا نون ايس بي جي اڳواڻ فاضل بلاول قاضل ڪوسو سنڌي شاگرد تحريڪ جو اڳواڻ علي رضا جلباڻي عوامي تحريڪ جي اڳواڻ هاشم لغاري نياز بهراڻي، شيخ جمال سنڌي مزدور تحريڪ جي اڳواڻ حاجي خان سمون، اقبال عباسي، ايڊوڪيٽ انور خاصخيلي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ حيدرآباد پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي اڳواڻن چيو ته آمريڪا ۽ اسرائيل ايران مٿان حملا ڪري سموري دنيا جي امن ۽ معيشت کي تباهه ڪري ڇڏيو آهي آمريڪي ۽ اسرائيلي حڪمران جنگي ڏوهاري آهن جن معصوم ٻارڙن جو قتلام ڪيو آهي آمريڪا ۽ اسرائيل عالمي قانونن کي لتاڙي ڇڏيو آهي آمريڪا ۽ اسرائيل جي ايران مٿان بمباري پاڪستان ۾ به ائٽمي آلودگي جو سبب بڻجي رهي آهي جنهنڪري پاڪستان کي عالمي فورمن تي آمريڪا ۽ اسرائيل خلاف آواز بلند ڪرڻ گهرجي، پاڪستان جو موجوده ڪردار آمريڪا اڳيان جي حضوري وارو ڪردار آهي اڳواڻن وڌيڪ چيو ته پاڪستان جا حڪمران ۽ سرمائيدار خوشين، غمين، قدرتي توڙي هٿرادو آفتن دوران عوام جي ڦرلٽ تيز ڪري ڇڏيندا آهن هن وقت به جنگ جو جواز ڄاڻائي مهانگائي ۾ ڳاٽي ٽوڙ اضافو ڪيو ويو آهي، جڏهن ته هارين کي فصلن جا مناسب اگهه نٿا ملن مزدورن کي سرڪار طرفان مقرر ڪيل اجرت به نٿي ملي سنڌ ايجوڪيشن فائونڊيشن سميت سنڌ سرڪار سان لاڳاپيل ادارا به ان تي عمل نٿا ڪن جنهن ڪري سنڌ ۾ بک ۽ بدحالي ۾ اضافو ٿيو آهي، عيد ويجهو اينديئي ڪراون پاڻ کي بيٺو ڪيو ويو آهي جنهن سبب مزدور پنهنجي گهرن ۾ عيد به نٿا ڪري سگهن ٽرانسپورٽرن کي سنڌ سرڪار جي وزيرن ۽ مشيرن جي سرپرستي حاصل آهي موٽر وي پوليس سميت ڪراون پاڻ کي ڪنٽرول ڪرڻ وارا لاڳاپيل ادارا ڀتا وصول ڪرڻ ۾ مصروف آهن اڳواڻن وڌيڪ چيو ته ڪڻڪ جو مناسب اگهه هارين کي نٿو ملي پاڻ ۽ ٻج مهانگي اگهن تي خريد ڪندڙ هاري پڳهرن مٿ تي ڪڻڪ وڪڻڻ تي مجبور آهن ڪڻڪ جو اگهه گهٽ ۾ گهٽ 5 هزار روپيا مقرر ڪري ان تي سختي سان عمل ڪرايو وڃي، پيٽرول ۾ 55 روپيا ڪيل واڌ فوري طور ختم ڪئي وڃي

ايران مٿان آمريڪي ۽ اسرائيلي حملن ۽ دهشتگردي خلاف احتجاج

حيدرآباد: عوامي تحريڪ پاران ايران تي حملي خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو پيو وڃي

ميڪسيڪو پاران آمريڪا سان ڳالهين ۾ آزاد واپاري معاهدو برقرار رکڻ ۽ ٽيرف ختم ڪرڻ جي تجويز جو اعلان

ميڪسيڪو سٽي (اي پي پي) ميڪسيڪو آمريڪا سان ڳالهين ۾ آزاد واپاري معاهدو برقرار رکڻ ۽ ٽيرف ختم ڪرڻ جي تجويز جو اعلان ڪيو آهي. پرڏيهي ميڊيا مطابق ميڪسيڪو جي معيشت واري وزير چيو آهي ته سندس ملڪ آمريڪا سان ٿيندڙ ايندڙ ڳالهين ۾ اتر آمريڪا جو آزاد واپاري معاهدو برقرار رکڻ ۽ ٽيرف ختم ڪرڻ جي تجويز پيش ڪندو. معيشت واري وزير سوشل ميڊيا تي جاري بيان ۾ چيو ته اهو منصوبو ميڪسيڪو جي صدر جي منظوري سان تيار ڪيو ويو آهي. سندس چوڻ آهي ته سندس ملڪ ڳالهين ۾ آمريڪا، ميڪسيڪو ۽ ڪينيڊا وچ ۾ آزاد واپاري معاهدي (يو ايس ايم سي اي) برقرار رکڻ ۽ گڏيل ٽيرف ختم ڪرڻ جي تجويز پيش ڪندو.

عالمي حالتون تيزي سان تبديل ٿي رهيون آهن: اي جي انصاري

آمريڪا جو يوني پولر عالمي نظام هاڻي زوال پذير ٿي چڪو آهي

آمريڪا ۽ اسرائيل جي داداگير پاليسين سبب آمريڪا جو ورلڊ آرڊر ختم ٿي رهيو آهي

سکر (بيورو رپورٽ) جمعيت علماء اسلام سنڌ جي پريس سيڪريٽري ڊاڪٽر اي جي انصاري چيو آهي ته عالمي حالتون تيزي سان تبديل ٿي رهيون آهن ۽ دنيا هڪ نئين دور ۾ داخل ٿي رهي آهي هن چيو ته آمريڪا جو يوني پولر عالمي نظام هاڻي زوال پذير ٿي چڪو آهي ۽ دنيا ملٽي پولر نظام ڏانهن وڌي رهي آهي.هن وڌيڪ چيو ته آمريڪا ۽ اسرائيل جي داداگير پاليسين سبب آمريڪا جو ورلڊ آرڊر ختم ٿي رهيو آهي جڏهن ته مختلف ملڪن وچ ۾ نوان معاشي ۽ سياسي اتحاد قائم ٿي رهيا آهن جنهن سان عالمي سياست جو نقشو تيزي سان تبديل ٿي رهيو آهي.ڊاڪٽر اي جي انصاري انهن خيالن جو اظهار مڪي مسجد، مدني مسجد، رحمت اللعالمين مسجد ۽ الله واري مسجد سميت ٻين مسجدن ۾ منعقد ختم القرآن تقريبن دوران خطاب ڪندي ڪيو.هن وڌيڪ چيو ته موجوده عالمي صورتحال ۾ عالمي معيشت ۾ وڏيون تبديليون اچي رهيون آهن ۽ ڊالر جي بالادستي به حيثيت ختم ٿي رهي آهي. هن چيو سنڌ جي وحدت تي وار ڪنهن به صورت ۾ قبول ناهي ان لاءِ هر قرباني ڏيڻ لاءِ تيار آهيون.هن چيو ته رمضان المبارڪ جي آخري عشري جي اهميت تي زور ڏيندي چيو ته هي وقت عبادت، توبه ۽ خاص دعائن لاءِ انتهائي برڪت وارو آهي. هن امت کي اپيل ڪئي ته اهي انهن برڪت وارن ڏينهن ۾ اتحاد، امن ۽ مظلوم مسلمانن جي مدد لاءِ خاص دعائون ڪن.تقريبن جي پڄاڻي تي ملڪ ۽ ملت جي سلامتي، امت مسلمه جي اتحاد، فلسطين ۽ بيت المقدس جي آزادي ۽ عالم اسلام ۾ امن ۽ استحڪام لاءِ اجتماعي دعائون ڪيون ويون.

ڪڪڙ شهر جو ڊرينيج سسٽم ناڪارا هجڻ خلاف احتجاج

پوري شهر جو ڊرينيج سسٽم ناڪارا، زبون ٿي ويو آهي: رهواسي

گهٽين ۽ نالين جي صفائي نه ٿيڻ ڪري گندگي هر طرف ڦهلجي وئي آهي

ڪڪڙ (ن ع) ڪڪڙ شهر جو ڊرينيج سسٽم ناڪارا هجڻ گهٽين، نالين جي صفائي نه ٿيڻ ۽ رهيل پاڙن کي پيور بلاڪ ڊرينيج سسٽم نه ڏيڻ تي شهرين جو احتجاج ان موقعي تي نديم ملاح ارباب علي سومرو برڪت علي جويو نثار احمد، احسان مري، ممتاز علي ۽ ٻين ٻڌايو آهي ته پوري شهر جو ڊرينيج سسٽم ناڪارا زبون ٿي ويو آهي جڏهن ته ڪڪڙ يونين ڪائونسل انتظاميا جي نااهلي ۽ لاپرواهي سبب شهر جا سڀئي پاڙا جويا پاڙو سمون پاڙو ملاح نوحاڻي پاڙو سيد پاڙو خانزاده پاڙو ۽ ٻين پاڙن ۾ صفائي جو ڪو خاص بندوبست ناهي ٿيل گهٽين ۽ نالين جي صفائي نه ٿيڻ ڪري گندگي هر طرف ڦهلجي وئي آهي شهر جون نالين صفائي نه ٿيڻ ڪري اٿلي پيون ٿيون هنن وڌيڪ چيو ته شهر جا ڪيترائي پاڙا آهن جن ۾ غريب آباد پاڙن هنگورا پاڙو دينار شاهه پاڙو،ملاح پاڙو ۽ ٻين پاڙن ۾ پيور بلاڪ ۽ ڊرينيج سسٽم جي سهولت موجود ناهي جنهن سبب پاڙن ۾ گندگي جو انبار وڌي ويو آهي جڏهن ته گندگي جي ڪري شهر ۾ بيماريون پکڙجي رهيون آهن جنهن ۾ مليريا، هيپاٽائيٽس، ڊائريا ۽ ٻيون شامل آهن ان موقعي تي هنن چيو ته يونين ڪائونسل جي 10 لک مهانا بجيٽ آهي اها ڪاٿي ۽ ڪهڙي ڪم ۾ خرچ ٿي رهي آهي احتجاج ڪندڙن وزير اعليٰ سنڌ سيد مراد علي شاهه بلديات جي صوبائي وزير ڊي سي دادو ۽ ٻين اعليٰ عملدارن کان مطالبو ڪيو آهي ته يونين ڪائونسل ڪڪڙ جي ماهوار بجيٽ جو حساب ورتو وڃي اها ڪهڙي ڪم ۾ خرچ ٿي رهي آهي جڏهن ته شهر کي نئون ڊرينيج سسٽم ۽ رهيل پاڙن کي پيور بلاڪ ڏنو وڃي

هنگورجا ۾ صحافي ڊاڪٽر عبدالفتاح ميمڻ جي 7 ورسي ملهائي وئي

هنگورجا(ن ع) خيرپور صحافي اتحاد جي پاران هنگورجا جي سياسي سماجي سماج سڌارڪ اڳواڻ ۽ صحافي ڊاڪٽر عبدالفتاح ميمڻ جي 7 ورسي ملهائي وئي ورسي جي موقعي تي صحافي اتحاد جي چيئرمين غلام حسين چانگ شمن راڄپر حاڪم سهتو، عبدالعزيز ميمڻ عبدالجبار چانگ محمد عظيم سهتو،عمران چانگ حق نواز سولنگي جي اڳواڻي ۾ پيرياڻو قبرستان پهچي صحافي ڊاڪٽر عبدالفتاح ميمڻ جي قبر تي گلن جي چادر چاڙهي وئي ۽ مغفرت لاءِ دعا پڻ گهري وئي ان موقعي صحافي اڳواڻن چيو ته ڊاڪٽر عبدالفتاح ميمڻ صحافت جي ميدان ۾ غريب مسڪين ماڻهن جي خدمت ڪئي هميشا حق سچ لکيا . ڊاڪٽر عبدالفتاح ميمڻ سچو۽ رکو انسان هيو ان جي وڇوڙي سان هنگورجا ۾ پيدا ٿيل خال سالن تائين پرجي نه سگهبو

ڪيوبا ۾ 5.8 جي شدت جو زلزلو رڪارڊ

هوانا (اي پي پي) ڪيوبا جي شهر مائسي ۾ زلزلي جا لوڏا محسوس ڪيا ويا، جنهن جي شدت ريڪٽر اسڪيل تي 5.8 رڪارڊ ڪئي وئي پرڏيهي ميڊيا مطابق زلزلي جو مرڪز اٽڪل 11.6 ڪلو ميٽر زمين جي اونهائي ۾ هو شروعاتي رپورٽ ۾ جاني نقصان يا زخمي ٿيڻ جا تفصيل سامهون ناهن آيا.

سکر ضلعي انتظاميا پاران شهر ۾ مختلف معاملن تي گڏيل ڪارروايون

بس ٽرمينل تي ڊرينيج لائين جو معاملو ۽ آواره ڪتن خلاف ڪريڪ ڊائون شامل

غير قانوني قبضا ختم ڪري عوامي جڳهن کي بحال ڪرڻ مقصد آهي: بشريٰ منصور

سکر (بيوروريورٽ) سکر ضلعي انتظاميا پاران شهر ۾ مختلف معاملن تي گڏيل ڪارروايون تيز ڪري ڇڏيون آهن جن ۾ گورنمينٽ ايمپلائيز ڪوآپريٽو هائوسنگ سوسائٽي جو سروي، نيو بس ٽرمينل تي ڊرينيج لائين جو معاملو ۽ آواره ڪتن خلاف ڪريڪ ڊائون شامل آهن.ڊپٽي ڪمشنر سکر نادر شهزاد جي هدايتن تي اسسٽنٽ ڪمشنر نيو سکر بشريٰ منصور پاران گورنمينٽ ايمپلائيز ڪوآپريٽو هائوسنگ سوسائٽي ۾ روڊن ۽ رستن جو گڏيل سروي ڪيو ويو. سروي ۾ مختلف لاڳاپيل کاتن جا عملدار ۽ پوليس اهلڪار پڻ شريڪ ٿيا. هي سروي عدالت ۾ هلندڙ ڪيس جي روشني ۾ ڪيو ويو جنهن جو مقصد غير قانوني قبضا ختم ڪري عوامي جڳهن کي بحال ڪرڻ آهي. انتظاميا موجب، تيار ڪيل رپورٽ عدالت ۾ پيش ڪئي ويندي.ٻئي طرف، اسسٽنٽ ڪمشنر بشريٰ منصور نيو بس ٽرمينل سکر جو دورو ڪري بغير اجازت ڊرينيج لائين وڇائڻ تي ڳڻتي ظاهر ڪئي. دوري دوران معلوم ٿيو ته لاڳاپيل اختيارين طرفان مجاز منظوري حاصل ڪرڻ کان سواءِ ڪم جاري آهي جنهن سبب مستقبل ۾ نيڪال آب جا مسئلا ۽ سرڪاري ملڪيت کي نقصان پهچڻ جو خدشو ظاهر ڪيو ويو. اختيارين طرفان هدايت ڪئي وئي ته باقاعده اين او سي حاصل ڪري قانوني تقاضا پوري ڪئي وڃي. ان کان علاوه، ڊپٽي ڪمشنر جي حڪم تي شهر ۾ آواره ڪتن خلاف به ڪريڪ ڊائون شروع ڪيو ويو آهي. اسسٽنٽ ڪمشنر بشريٰ منصور ۽ اسسٽنٽ ڪمشنر سکر سٽي ساره فراز جي اڳواڻي ۾ ڪارروائي ڪندي ڪيترائي ڪتا تحويل ۾ ورتا ويا. انتظاميا جو چوڻ آهي ته اڳواٽ نوٽيس باوجود مالڪن طرفان عمل نه ڪرڻ تي قانوني ڪارروائي ڪئي وئي آهي ۽ جيڪڏهن مستقبل ۾ به هدايتن تي عمل نه ڪيو ويو ته روزاني بنيادن تي آپريشن جاري رهندو.ضلعي انتظاميا واضح ڪيو آهي ته شهر ۾ قانون جي عملداري يقيني بڻائڻ لاءِ اهڙيون ڪارروايون جاري رهنديون.

سکر: پوليس ڪارروائين ۾ گرفتار ڪيل جوابدار

ٽنڊوڄام جي جامع مسجد عمر فاروق ۾ ختم القرآن جي محفل

قرآن پڙهڻ سان گڏ ان تي عمل ڪرڻ ضروري آهي: مفتي خرم حسين طاهري

نماز جي پابندي ڪئي وڃي ۽ والدين پنهنجي ٻارن کي ديني تعليم ڏيارين

ٽنڊوڄام(ٽ ر) جامع مسجد عمر فاروق ۾ ختم القرآن جي محفل منعقد ڪئي وئي. جنهن ۾ قرآن پاڪ ختم ڪندڙ حافظ محمد طلحه، حافظ محمد حسن ۽ حافظ عبدالصمد کي گلن جا هار پارائي مبارڪباد ڏني وئي. انهي خطاب ڪندي مفتي خرم حسين طاهري چيو ته قرآن پڙهڻ سان گڏ ان تي عمل ڪرڻ ضروري آهي. هن زور ڏنو ته نماز جي پابندي ڪئي وڃي ۽ والدين پنهنجي ٻارن کي ديني تعليم ڏيارين. تقريب ۾ يعقوب پاشا، لياقت قائم خاني سرور قائم خاني صادق علي قاري محبوب سميت وڏي انگ ۾ ماڻهو شريڪ ٿيا.

ٽنڊوڄام جامع مسجد عمر فاروق ۾ ختم القرآن جي محفل ۾ حافظن کي گلن جا هار پارائي مبارڪباد ڏني پئي وڃي

ڏهرڪي ۾ رمضان رليف پيڪيج جي رقم مستحقن بدران ايجنٽ مافيا جي ور چڙهي وئي

ڊيوائيس هولڊرز مختلف هنڌن تي پنهنجا سينٽر قائم ڪري رقم جي ادائيگي شروع ڪري ڇڏي

ڊگهيون قطارون لڳرائي مستحقين کي مجبور ڪيو وڃي ٿو ته هو وڌيڪ ڪٽوتي ڏئي جلد رقم حاصل ڪن

غير قانوني ڪٽوتي روڪڻ لاءِ حڪومت طرفان عملدار مقرر ڪرڻ باوجود غريب مستحقن کي ڪو رليف نه مليو

ڏهرڪي (ن ع) حڪومت پاڪستان طرفان رمضان المبارڪ جي موقعي تي بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي مستحقن کي رمضان پيڪيج طور لڳ ڀڳ 14 هزار رپين جي قسط جاري ڪئي وئي هئي، جنهن جو مقصد مستحقن کي رمضان دوران راشن ۽ ٻين ضروري شين جي خريداري ۾ مالي مدد فراهم ڪرڻ هو. ڏهرڪي ريجن ۾ قسط جاري ٿيڻ کان پوءِ ڊيوائيس هولڊرز مختلف هنڌن تي پنهنجا سينٽر قائم ڪري رقم جي ادائيگي شروع ڪري ڇڏي. ذريعن موجب هر سينٽر تي منظم انداز ۾ هر مستحق کان 1000 کان 1500 رپين تائين ڪٽوتي پئي وڃي. ڊگهيون قطارون لڳرائي مستحقين کي مجبور ڪيو وڃي ٿو ته هو وڌيڪ ڪٽوتي ڏئي جلد رقم حاصل ڪن جڏهن ته اڻ پڙهيل مستحقين کان ان کان به وڌيڪ ڪٽوتي ڪئي وڃي ٿي. اهو سڄو غير قانوني عمل منظم انداز سان جاري آهي. ٻي طرف مليل ڄاڻ موجب غير قانوني ڪٽوتي روڪڻ لاءِ حڪومت طرفان پوليس، ايف آءِ اي، سول انتظاميا ۽ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جا عملدار مقرر ڪيا ويا آهن پر انهن سڀني ادارن جي موجودگي باوجود ڪٽوتي جو عمل منظم ۽ کلي عام جاري آهي، جنهن سبب اها غير قانوني ڪٽوتي قسط جي پڄاڻي تائين لکين رپين تائين پهچي وڃي ٿي ۽ هڪ معمولي ڪارروائي بڻجي چڪي آهي. جڏهن ته بي وس غريب مستحقين ڪٽوتي ڏيڻ تي مجبور آهن. سياسي ۽ سماجي حلقن هن منظم عمل تي ڳڻتي جو اظهار ڪندي اعليٰ حڪومتي حلقن کان نوٽيس وٺڻ، رقم جي ترسيل واري نظام کي شفاف بڻائڻ ۽ ڪٽوتي ۾ ملوث عنصرن خلاف ڪارروائي ڪرڻ جو مطالبو ڪيو آهي.

ڊيپلو لڳ ڳوٺ کي باهه، 7 پورهيتن جا گهر سڙي رک

مٺي (ذ ر) تعلقي ڊيپلو جي ڳوٺ ڪونٽريليو موڪا ۾ پاڙها برادري جي گهرن کي اوچتو باهه لڳي وئي، جنهن جي نتيجي ۾ 7- پورهيتن جا 17 ڪکاوان چونئرا 6 لانڍيون 4 منها ۽ گهرن ۾ پيل هنڌ بسترا ڪپڙا، ڪاڏي پيتي جو سامان 200 من اناج، نياڻين جو ڏاج ۽ زيورات سڙي خاڪ ٿي ويا.باهه جي متاثرين ۾ بابو ڀٽ ولي محمد، اسلم ڀٽ ولي محمد، ممتاز ڀٽ ولي محمد،فيض محمود ڀٽ واحد بخش، مير محمد ڀٽ واحد بخش عبدالله حق ڀٽ خيرو ۽ حليم ڀٽ لڪانو جا گهر مڪمل سڙي ويا. کليل آسمان هيٺ ويٺل باهه جي متاثرين کي رات دير سان ٽنبو ۽ ڪاڏي پيتي جو سامان ڏنو ويو پر اهو ناڪافي هو متاثرين جي عيد جون سڀ خوشيون ڏک ۾ تبديل ٿي ويون مڪمل گهرن جي سڙڻ تائين ڊيپلو ٽائون ڪميٽي جي فائر برگيڊ پڻ پهچي وئي جنهن وڌيڪ ڳوٺ سڙڻ کان بچائي ورتو هوڏانهن علائقي جي سياسي سماجي ڌرين سنڌ حڪومت ۽ ٿرپارڪر انتظاميه کي گذارش ڪئي آهي ته متاثرين جي مڪمل سهائتا ڪئي وڃي

ڪنڌڪوٽ جي صحافي نظير احمد سومرو سان والده جي وفات تي تعزيت

ڪنڌڪوٽ(ذ ر) ڪشمور-ڪنڌڪوٽ جي سياسي سماجي ۽ صحافتي اڳواڻ نظير احمد سومرو جي والده ماجده جي وفات تي سندس اباڻي ڳوٺ رسول آباد، سومرا هائوس ڪنڌڪوٽ ۾ ٽيجهو نهايت عقيدت ۽ احترام سان منعقد ٿيو. ٽيجهي ۾ مختلف مڪتبه فڪر سان تعلق رکندڙ سياسي سماجي ۽ مذهبي اڳواڻن علائقي جي معززين، صحافين ۽ سومرا برادري وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي جتي مرحوم جي مغفرت بلند درجات ۽ جنت الفردوس ۾ جاءِ لاءِ خصوصي دعائون گهريون ويون. نظير احمد سومرو سان تعزيت جو سلسلو جاري آهي جتي روزانو وڏي تعداد ۾ ماڻهن جي آمد ٿي رهي آهي

منگهوپير ٽائون طرفان رمضان نائيٽ ٽيپ بال ڪرڪيٽ ٽورنامينٽ

ٽورنامينٽ سيزن 3 شاندار مقابلن کان پوءِ ڪاميابي سان پنهنجي انجام تي پهتو

فائنل ميچ بروهي شهباز منگهوپير ۽ مرحبا اسپورٽس اورنگي جي وچ ۾ کيڏيو ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن منگهوپير جي اهتمام هيٺ منعقد ڪيل رمضان نائيٽ ٽيپ بال ڪرڪيٽ ٽورنامينٽ سيزن 3 شاندار مقابلن کان پوءِ ڪاميابي سان پنهنجي انجام تي پهتو. هن ٽورنامينٽ ۾ منگهوپير ۽ ڀرپاسي جي علائقن مان مجموعي طور 32 ٽيمن شرڪت ڪئي ۽ سڄي ٽورنامينٽ دوران رانديگرن بهترين راند ۽ اعليٰ اسپورٽس مين اسپرٽ جو مظاهرو ڪيو. ٽورنامينٽ جو فائنل ميچ بروهي شهباز منگهوپير ۽ مرحبا اسپورٽس اورنگي جي وچ ۾ کيڏيو ويو، ٻنهي ٽيمن شاندار راند پيش ڪئي ۽ شائقين کي دلچسپ مقابلو ڏسڻ لاءِ مليو. جڏهن ته مرحبا اسپورٽس اورنگي بهترين ڪارڪردگي ڏيکاريندي فائنل ميچ کٽي ٽائيٽل پنهنجي نالي ڪيو جڏهن ته بروهي شهباز منگهوپير رنر اپ رهي. فائنل تقريب ۾ ميونسپل ڪمشنر منگهوپير آغا خليق، پاڪستان پيپلز پارٽي ضلع ويسٽ جي صدر عابد سعي، انفارميشن سيڪريٽري پيپلز پارٽي ضلع ويسٽ علي اڪبر ڪڇي لي صدر يوٿ ونگ ضلع ويسٽ اختر لُنڊ ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي جي سينيئر اڳواڻ شبير بروهي سميت ٻين معزز مهمانن خاص شرڪت ڪئي. ان موقعي تي ميونسپل ڪمشنر منگهوپير آغا خليق رانديگرن ۽ منتظمين سان ملاقات ڪئي ۽ ٽورنامينٽ جي ڪامياب انعقاد کي ساراهيو. آغا خليق نوجوان رانديگرن جي بهترين ڪارڪردگي جي تعريف ڪندي چيو ته اهڙيون رانديون جون سرگرميون نوجوانن ۾ مثبت سوچ ۽ صحتمند مقابلي جي جذبي کي هٿي ڏين ٿيون. پنهنجي خطاب ۾ ميونسپل ڪمشنر آغا خليق چيو ته نوجوانن کي رانديون ۽ تعميري سرگرمين ڏانهن راغب ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي. هن وڌيڪ چيو ته اهڙن ٽورنامينٽن جو انعقاد دراصل چيئرمين منگهوپير ٽائون حاجي نواز علي بروهي جي ويزن جي عڪاسي ڪري ٿو جيڪي چاهين ٿا ته علائقي جا نوجوان مثبت سرگرمين ۾ حصو وٺن. فائنل تقريب دوران ميونسپل ڪمشنر منگهوپير آغا خليق ۽ ٻين معزز مهمانن ڪامياب ٽيمن ۽ نمايان ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ رانديگرن ۾ ٽرافيون ۽ انعام ورهايا ۽ رانديگرن جي ڀرپور حوصلا افزائي ڪئي.ٽورنامينٽ جي ڪامياب انعقاد ۾ منتظمين جاويد بروهي، محبوب بروهي ۽ حفيظ بروهي جون ڪوششون قابل تعريف رهيون، جن هن ايونٽ کي بهترين نموني منظم ڪيو. تقريب جي پڄاڻي تي ميونسپل ڪمشنر آغا خليق ۽ ٻين مهمانن منتظمين ۽ رانديگرن کي ڪامياب ٽورنامينٽ تي مبارڪباد ڏني ۽ اميد ظاهر ڪئي ته مستقبل ۾ به اهڙيون رانديون جون سرگرميون جاري رهنديون ته جيئن نوجوانن کي مثبت ۽ صحتمند موقعا فراهم ٿي سگهن.

ڪراچي: ٽي ايم سي منگهوپير رمضان نائيٽ ٽيپ بال ڪرڪيٽ ٽورنامينٽ مڪمل ٿيڻ بعد ورلڊ ٽيمن جو گروپ فوٽو

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم – سعودي عرب ۾ 2 ريال
ABC CERTIFIED
روزاني عبرت
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پلولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

اربع 18 مارچ 2026ع

امريڪا لاءِ هيءَ جنگ مهانگي ثابت ٿيندي!

جنگ شروع ته ڪنهن هڪ ڌر جي مرضيءَ سان ٿيندي آهي، پر ان جي پڄاڻيءَ جو علم ڪنهن کي به ناهي هوندو. اسرائيل ۽ امريڪا پاران ايران خلاف شروع ڪيل جنگ جو ڦهلاءُ به ڪجهه اهڙا ئي پار ڏئي رهيو آهي. تيزيءَ سان بدلجندڙ حالتن، اوچتن حملن ۽ جوابي ڪارروائين خطي کي بي يقينيءَ جي اهڙي ٻ-واٽي تي آڻي بيهاريو آهي، جتي هر نئون ڏينهن نئين خطري ۽ نئين ڇڪتاڻ جي خبر کڻي اچي ٿو. طاقت جي نمائش، دفاعي بيانن ۽ اتحادين جي ورهاست هن تڪرار کي رڳو فوجي معاملي تائين محدود ناهي ڇڏيو پر اهو هاڻي عالمي سياسي آزمائش بڻجي چڪو آهي. تازي صورتحال موجب اسرائيلي فوج ايران جي اهم شهرن تهران، شيراز ۽ تبريز تي فضائي حملن جي دعويٰ ڪئي آهي، جڏهن ته ڏکڻ لبنان ۾ محدود زميني ڪارروائين جو پڻ اعلان ڪيو ويو آهي. ٻي پاسي حزب الله پاران اتر اسرائيل تي راڪيٽن ۽ ڊرون حملن جو سلسلو جاري آهي، جنهن سبب ڪيترائي ماڻهو زخمي ٿيا آهن. هيءَ صورتحال واضح ڪري ٿي ته تڪرار جو دائرو ايران ۽ اسرائيل تائين محدود ناهي رهيو. گڏيل عرب امارات ۾ به صورتحال انتهائي ڳڻتيءَ جوڳي بڻجي وئي آهي. دبئي ايئرپورٽ ڀرسان ڊرون حملي سبب ٻارڻ جي ٽينڪن ۾ باهه لڳي، جنهن سان سفري نظام درهم برهم ٿي ويو. ساڳي وقت فجيره ۾ تيل تنصيبات واري علائقي تي ڊرون حملي کان پوءِ باهه ڀڙڪي اٿي. امارات جي سرڪاري توانائي ڪمپني ادنوڪ مسلسل حملن کان پوءِ اسٽوريج ٽينڪن مان تيل لوڊ ڪرڻ جو عمل معطل ڪري ڇڏيو آهي. هي فيصلو عالمي توانائي منڊيءَ لاءِ ڳڻتيءَ جو سبب بڻجي سگهي ٿو ڇاڪاڻ ته فجيره تيل جي اسٽوريج ۽ روانگيءَ جو اهم مرڪز آهي. جيڪڏهن اهڙا حملا جاري رهيا ته عالمي تيل جي فراهمي متاثر ٿيڻ جو خدشو وڌي ويندو، جنهن سان معاشي بيچيني وڌي سگهي ٿي.

خطي ۾ ٻيا ملڪ به جنگي اثرن کان بچي نه سگهيا آهن. سعودي عرب دعويٰ ڪئي آهي ته هن رات جي وقت درجنن جي حساب ۾ ڊرون ڪيرايا آهن جڏهن ته عراق ۽ ڪويت پڻ نون حملن جا اطلاع ڏنا آهن. هيءَ صورتحال ظاهر ڪري ٿي ته جنگ جو دائرو آهستي آهستي پوري خليجي خطي کي پنهنجي لپيٽ ۾ آڻي رهيو آهي. ايران جي طاقتور فوجي اداري پاسداران انقلاب سڄي خطي ۾ آمريڪي ڪمپنين کي نشانو بڻائڻ جون ڌمڪيون ڏنيون آهن ۽ اتي ڪم ڪندڙ ملازمن کي علائقو خالي ڪرڻ جو چيو آهي. هي بيان تڪرار کي وڌيڪ خطرناڪ رخ ڏئي سگهي ٿو ڇاڪاڻ ته معاشي ۽ ڪاروباري مفادن کي نشانو بڻائڻ عالمي سطح تي ڇڪتاڻ وڌائڻ جو سبب بڻجي سگهي ٿو. ٻئي پاسي مغربي دنيا جو ردعمل به اهم حيثيت رکي ٿو. نيٽو ۽ ڪيترن مغربي اتحادي ملڪن آمريڪي مطالبن کان پاسو ڪندي آبنائي هرمز کولڻ لاءِ بحري سهڪار ڏيڻ کان انڪار ڪيو آهي. انهن ملڪن ۾ برطانيه، جرمني، جاپان، اٽلي، پولينڊ، اسپين، يونان، آسٽريليا، سويڊن، ڊنمارڪ ۽ هالينڊ شامل آهن. انهن جو موقف آهي ته هيءَ هنن جي جنگ ناهي ۽ هو ڇڪتاڻ گهٽائڻ جا حامي آهن. هي سفارتي بيزاري آمريڪا لاءِ هڪ اهم سياسي ڌڪ سمجهي وڃي ٿي. ٽرمپ اتحادي ملڪن جي فيصلي تي ناراضگي ظاهر ڪندي چيو آهي ته آمريڪا جو صرف هڪ سيڪڙو تيل هرمز ذريعي گذري ٿو تنهن ڪري ٻين ملڪن کي اڳتي اچي ذميواري کڻڻ گهرجي. هن يورپ کي ياد ڏياريو ته جيئن آمريڪا يوڪرين جي مدد ڪئي، تيئن هرمز معاملي تي به گڏيل سهڪار ٿيڻ گهرجي. ٽرمپ خبردار ڪيو ته جيڪڏهن اتحادي اڳتي نه آيا ته اهو نيٽو جي مستقبل لاءِ سٺو سنئڻ نه هوندو. سفارتي محاذ تي ٽرمپ اهو پڻ چيو آهي ته آمريڪا ايران سان ڳالهين ۾ آهي ۽ معاهدي جي ويجهو پهچي چڪو آهي، پر ايران في الحال جنگ ختم ڪرڻ لاءِ راضي ناهي. ان جي ابتڙ ايران جي پرڏيهي وزير عباس عراقچي سخت موقف اختيار ڪندي چيو آهي ته ايراني قوم دفاع ڪرڻ ۾ هبڪ محسوس نٿي ڪري ۽ ضرورت پوڻ تي جنگ کي آخري حد تائين وٺي ويندي. هن ڪجهه پاڙيسري ملڪن تي الزام هنيو ته اهي آمريڪي فوجن کي ميزباني ڏئي ايران خلاف ڪارروائين ۾ سهڪار ڪري رهيا آهن. مطلب ته هيءَ صورتحال عالمي امن لاءِ انتهائي نازڪ مرحلو آهي. جيڪڏهن سفارتي ڪوششون ناڪام ٿيون ته جنگ جو دائرو وڌي عالمي معيشت، توانائي منڊي ۽ انساني جانين لاءِ وڏو خطرو بڻجي سگهي ٿو. عالمي طاقتن کي گهرجي ته هو طاقت جي نمائش بدران ڳالهين، ٽياڪڙي ۽ سياسي حل کي ترجيح ڏين ڇو ته جنگ جو ڪو به فاتح ناهي هوندو. رڳو تباهي، بيچيني ۽ انساني الميا تاريخ جو حصو بڻجن ٿا.

Note from Europe

مڪمل اختيار جو مطلب آهي ’مڪمل ذميواري‘

عبدالله عثمان مورائي

("Absolute power means absolute responsibility" مڪمل اختيار جو مطلب آهي مڪمل ذميواري). هيءَ هڪ اهڙو اصول آهي، جيڪو صرف سياسي فلسفو نه پر انساني اخلاق جو بنيادي بڻ بڻياد ۽ پٿر آهي. جتي طاقت وڌندي آهي، اتي ئي احتساب ۽ ڪم جي جوابدهي لازمي ٿي وڃي ٿي. افسوس جو پاڪستان ۽ خاص ڪري سنڌ جي سياسي ۽ بيوروڪريٽڪ نظام ۾ اهو اصول اڪثر پوئتي پيل آهي. هتي اختيار جي چاشني ته هر ڪو چاهي ٿو پر ان سان گڏ آيل ذميواريءَ کي قبول ڪرڻ لاءِ ڪو تيار ناهي.

اختيار ۽ ذميواريءَ جو فلسفو:

ڪنهن به فرد يا اداري کي جڏهن طاقت ۽ اختيار ڏنو ويندو آهي ته اهو ڪنهن ذاتي عياشي لاءِ نه پر عوام جي ڀلائي ۽ خدمت لاءِ ڏنو ويندو آهي. جنهن وٽ جيتري وڌيڪ طاقت هوندي آهي، اهو اوترو ئي هن جو اثر هزارين زندگين تي پوندو آهي. مثال طور وڏي وزير وٽ سنڌ جي سڄي نظام کي سڌارڻ يا بگاڙڻ جو مڪمل اختيار آهي، تنهنڪري هن جي ناڪامي يا ڪاميابيءَ جي ذميواري به مڪمل طور سندس مٿان هوندي. اَئين ئي وري هڪ چيف سيڪريٽريءَ جي هڪ فيصلي سان هزارين ماڻهن جي قسمت جو فيصلو ٿي سگهي ٿو يا هڪ سينيئر پوليس آفيسر وٽ مڪمل امن قائم ڪرڻ يا ڌاڙيلن کي منهن ڏيڻ جو اختيار هوندو آهي. ان ڪري مڪمل اختيار جو قانوني ۽ اخلاقي مطلب اهو آهي ته ان اختيار جو هر پل ۽ هر فيصلو عوام کي جوابده آهي.

سنڌ ۾ اختيار بنا ذميواريءَ جا عڪس:

جڏهن اسين سنڌ جي پسمنظر ۾ ڏسون ٿا ته اسان کي اختيار جي غلط استعمال جا بيشمار مثال نظر اچن ٿا. اڄ سنڌ اندر جيڪي به مسئلا، جيئن ته تعليم جو تباهه حال هجڻ، صحت جي سهولتن جو فقدان، روڊن ۽ رستن جو ٽٽل هجڻ ۽ خاص ڪري گهوٽڪيءَ کان ڪراچيءَ تائين ڪرپشن جو اٽڪٽ سلسلو، اهي سڀ ان ڳالهه جو ثبوت آهن ته حاڪمن رڳو اختيار تي قبضو ڪرڻ سکيو آهي ۽ پنهنجي ذميواريءَ کان انڪار ڪيو آهي.

تعليم جو حال اهو آهي ته اڄ هزارين اسڪول بند پيل آهن يا بغير استادن جي هلي رهيا آهن. اختيار رکندڙ ادارن وٽ اسڪول کولڻ ۽ ان جي نگراني ڪرڻ جي مڪمل طاقت آهي پر اها ذميواري محسوس نٿا ڪن ته غريب ٻارن جو مستقبل تباهه ٿي رهيو آهي. پاڻي ۽ صفائيءَ جي حوالي سان ڏسجي ته سنڌ جي ننڍن وڏن شهرن جو نظام مڪمل طور ڊهي پيو آهي. اختيارن جي باوجود، عوام کي صاف پاڻي ۽ بهتر صفائيءَ جو نظام فراهم ڪرڻ کي پنهنجي ذميواري نٿو سمجهيو وڃي، جنهن جي نتيجي ۾ بيماريون عام ٿي وڃن ٿيون.

مالياتي حوالي سان ڏسجي ته مڪمل مالياتي اختيار (Financial Power) ڏنا ويا آهن، اتي ئي مڪمل بدانتظامي (Mismanagement) ۽ ڪرپشن به ڏسڻ ۾ اچي ٿي. افسوس سان چوڻو پوي ٿو ته سرڪاري کاتن ۾ مڪمل اختيار جو فائدو صرف ذاتي ترقي ۽ شاهي انداز جي زندگي گذارڻ لاءِ استعمال ٿي رهيو آهي.

انهن لاءِ آئينو جيڪي ذميواريءَ کان ڀڄن ٿا. اهي ماڻهو جيڪي سڀ کان مهانگيون گاڏيون، بهترين آفيسون ۽ پروٽوڪول جو لطف ۽ مزو وٺن ٿا پر جڏهن عوامي مسئلن تي نظر پوي ٿي ته خاموش ٿي ويهن ٿا يا ذميواري هڪبئي تي مڙهي ڇڏين ٿا، انهن کي هيءَ آئينو ڏسڻ گهرجي ته دنيا ۾ گهڻي قدر بادشاهيون ختم ٿي ويون آهن يا آهن به ته رڳو رسمي طور هلي رهيون آهن ۽ هيءُ دور جمهوريت جو دور آهي ۽ توهان جا اختيار ڪنهن موروثي حق جو نتيجو ناهن پر عوام جي امانت آهن. جڏهن توهان شهرن کي ٽٽل رستن تي ڇڏي پنهنجن محل نما گهرن ۾ ويٺا آهيو ته توهان ان امانت ۾ خيانت ڪري رهيا آهيو.

توهان جي پروٽوڪول تي جيڪو پئسو خرچ ٿي رهيو آهي، اهو ان غريب جو آهي، جنهن کي بغير علاج جي اسپتال مان موٽايو وڃي ٿو. اختيارن جو مقصد پنهنجي پاڻ کي غريبن کان مٿاهون ڪرڻ نه پر انهن جي زندگيءَ جي سطح کي مٿاهون ڪرڻ آهي مطلب ته عوامي پئسو عوام لاءِ ئي هجڻ گهرجي.

اختيار رکندڙ هميشه شڪايتون ڪندا آهن ته ’نظام خراب آهي‘ يا ’مون وٽ پئسو گهٽ آهي‘ پر جنهن وٽ مڪمل اختيار آهن، ان وٽ اهڙو عذر پيش ڪرڻ جي ڪا جاءِ ناهي. پنهنجي اختيار کي سڌاري لاءِ استعمال نه ڪرڻ، بذاتِ خود مڪمل ذميواريءَ کان ڀڄڻ آهي. مطلب ته جڏهن اختيار هجي ته پوءِ عذر ڇا جو؟ جيڪڏهن مڪمل اختيارن باوجود سنڌ جي تعليم، صحت ۽ امن امان جو نظام نٿو سڌري ته ان جو سڌو مطلب اهو آهي ته مڪمل اختيارن تي قابض ماڻهو مڪمل طور تي پنهنجي ذميواريءَ نڀائڻ ۾ ناڪام آهن.

آخر ۾ حاصل مقصد ته جيستائين اسين پنهنجي حاڪمن کان اهو سوال نه ڪنداسين ته "توهان جي مڪمل اختيارن باوجود اسان جا مسئلا مڪمل طور تي حل ڇو نٿا ٿين؟" تيستائين هيءُ نظام نه سڌرندو روحاني ۽ اخلاقي طور تي، سڀ کان وڏي ترقي اها آهي ته انسان پنهنجي ذميواريءَ کي تسليم ڪري. سنڌ جو سڌارو تڏهن ئي ممڪن آهي، جڏهن اسان جا حاڪم اهو سبق دل سان قبول ڪن ته "مڪمل اختيار جو مطلب آهي مڪمل ۽ غير مشروط ذميواري." جيڪو ان ذميواريءَ کي نٿو نڀائي، ان کي ان مڪمل اختيار کان پري رهڻ گهرجي.

تيل ۽ خوراڪ جا قومي ذخيرا وقت جي اهم ضرورت!

محمد خان ابڙو

پاڪستان هڪ اهڙو ملڪ آهي جنهن جي معيشت گهڻو ڪري ٻاهرين حالتن تي دارومدار رکي ٿي. يعني جيڪڏهن دنيا ۾ ڪٿي به ڪو وڏو مسئلو يا بحران پيدا ٿئي ٿو ته ان جا اثر سڌي طرح اسان جي ملڪ تي به پون ٿا. جڏهن عالمي سطح تي حالتون خراب ٿين ٿيون ته ان جو اثر رڳو حڪومت تائين محدود نٿو رهي، پر عام ماڻهوءَ جي روزمره جي زندگي به متاثر ٿئي ٿي. جهڙوڪ مهانگائي وڌي وڃي ٿي ۽ خرچن ۾ اضافو اچي ٿو هاڻوڪن ڏينهن ۾ وچ اوڀر واري علائقي، خاص ڪري ايران ۽ اسرائيل وچ ۾ ڇڪتاڻ وڌي وئي آهي ۽ امريڪا جي به ان معاملي ۾ شامل ٿيڻ سان حالتون وڌيڪ ڳنڀير ٿي ويون آهن. ان ڪري سڄي دنيا ۾ توانائي (تيل ۽ گيس) جي کوٽ ٿيڻ جو خطرو وڌي ويو آهي. جيڪڏهن هيءَ تڪرار وڌيڪ وڌي وڃي ۽ ايران آبنائي هرمز کي بند ڪري ڇڏي، ته پوءِ رڳو انهيءَ علائقي نه پر سڄي دنيا جي معيشت تي وڏو اثر پوندو، ڇو ته دنيا جو وڏو حصو تيل جو انهيءَ رستي مان گذري ٿو. پاڪستان به انهن ملڪن مان آهي جيڪو توانائي لاءِ ٻاهرين ملڪن تي گهڻو ڀاڙي ٿو يعني اسان پاڻ وٽ ايترو تيل يا گيس پيدا نٿا ڪريون، پر ٻاهرين ملڪن کان وٺون ٿا. انهيءَ ڪري جڏهن عالمي مارڪيٽ ۾ تيل مهانگو ٿئي ٿو يا سپلاءِ ۾ مسئلو پيدا ٿئي ٿو ته پاڪستان ۾ به فوري اثر پوي ٿو. انهيءَ صورتحال کي ڏسندي حڪومت کي پيٽرول ۽ ڊيزل جي قيمتن ۾ اوسط طور لڳ ڀڳ پنجاهه رپيا في ليٽر واڌ ڪرڻي پئي. هن فيصلي جو سڀ کان وڏو بار عام ماڻهو تي پوي ٿو ڇو ته جڏهن تيل مهانگو ٿئي ٿو ته پوءِ ٽرانسپورٽ جا ڀاڙا وڌن ٿا، بجلي مهانگي ٿي وڃي ٿي، کاڌي پيتي جون شيون به مهانگيون ٿي وڃن ٿيون ۽ روزمره جي هر شيءِ تي خرچ وڌي وڃي ٿو. نتيجي ۾ عام ماڻهو جي زندگي وڌيڪ مشڪل ٿي پوي ٿي. هاڻي وقت اچي ويو آهي ته پاڪستان پنهنجي معيشت ۽ قومي سلامتي لاءِ سنجيدگيءَ سان هڪ ڊگهي عرصي واري ۽ مضبوط پاليسي تيار ڪري. اهڙي حڪمت عملي جو هڪ اهم حصو اهو هئڻ گهرجي ته ملڪ ۾ تيل ۽ کاڌي پيتي جي شين جا ’ذخيرا‘ اڳواٽ گڏ ڪري رکجن، جيئن ڏکين وقتن ۾ ڪم اچي سگهن. دنيا جا ڪيترائي ترقي يافته ملڪ هن ڳالهه کي گهڻو اڳ سمجهي چڪا آهن. امريڪا، چين، جاپان ۽ ڪيترائي يورپي ملڪن وٽ مهينن تائين هلندڙ تيل جا خاص ’اسٽرٽيجڪ ذخيرا‘ موجود آهن. ذخيري جو مقصد اِهو هوندو آهي ته جيڪڏهن دنيا ۾ تيل جي فراهمي ۾ رڪاوٽ اچي وڃي يا جنگ جهڙيون حالتون پيدا ٿي وڃن ته ملڪ اندر گهٽ ۾ گهٽ ڪجهه مهينن تائين ماڻهن جون ضرورتون پوريون ڪري سگهجن. پر بدقسمتي سان پاڪستان ۾ هن اهم معاملي تي گهڻو ڌيان نه ڏنو ويو آهي هن وقت اسان وٽ تيل جا تمام محدود ذخيرا موجود آهن جيڪي رڳو ڪجهه هفتن تائين ئي هلي سگهن ٿا. ساڳي حالت ڪنهن حد تائين کاڌي پيتي جي شين جي حوالي سان به آهي، يعني جيڪڏهن ڪو وڏو بحران اچي وڃي ته اسان جلدي مسئلن ۾ ڦاسي سگهون ٿا. پاڪستان لاءِ اهڙا وڏا ذخيرا ناهڻ ظاهر ۾ ڏکيو ضرور لڳي ٿو، پر اهو ڪو ناممڪن ڪم ناهي. ان لاءِ سڀ کان پهرين هڪ صاف ۽ واضح پاليسي ناهڻي پوندي ۽ ڊگهي عرصي جي منصوبابندي ڪرڻي پوندي. صرف حڪومت اڪيلي اهو ڪم مڪمل نٿي ڪري سگهي، ڇو ته ان ۾ تمام وڏي رقم جي ضرورت پوي ٿي. ان ڪري هتي سرڪاري ۽ خانگي شعبي جي گڏيل سهڪار، جنهن کي ’پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ‘ چيو وڃي ٿو، تمام اهم ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو. يعني حڪومت ۽ نجي ڪمپنيون گڏجي ڪم ڪن ته اهڙا وڏا منصوبا آساني سان مڪمل ٿي سگهن ٿا.

پاڪستان ۾ ڪيترائي وڏا ڪاروباري گروپ، بئنڪون ۽ سيڙپڪار موجود آهن. جيڪڏهن کين صحيح پاليسي ۽ پورو تحفظ ڏنو وڃي ته اهڙن منصوبن ۾ پئسو لڳائڻ لاءِ تيار ٿي سگهن ٿا. جيڪڏهن حڪومت انهن کي ٽيڪس ۾ رعايت ڏئي، ڊگهي عرصي جا معاهدا ڪري ۽ مناسب منافعي جي ضمانت ڏئي ته پوءِ هي منصوبو آساني سان ڪامياب ٿي سگهي ٿو. تيل جا اسٽرٽيجڪ (حفاظتي) ذخيرا ناهڻ لاءِ ملڪ جي مختلف علائقن ۾ وڏا ٽينڪ يا زمين هيٺان اسٽوريج (ذخيره گاهون) ناهي سگهجن ٿيون. سامونڊي ڪنارن وارن علائقن جهڙوڪ: گوادر، ڪراچي ۽ حب جي ڀرپاسي اهڙا منصوبا ناهڻ وڌيڪ آسان آهن، ڇو ته اتي بندرگاهن تائين سڌي رسائي موجود آهي ان سان گڏ ملڪ جي اندروني علائقن ۾ به اهڙيون ذخيره گاهون ناهيون وڃن ته جيئن ڪنهن به هنگامي حالت ۾ سپلاءِ جاري رکي سگهجي. کاڌي پيتي جي شين جا ذخيرا به ايترا ئي اهم آهن. پاڪستان هڪ زرعي ملڪ آهي، جتي ڪڻڪ، چانور، کنڊ ۽ ٻيون بنيادي شيون پيدا ٿين ٿيون. پر مسئلو اهو آهي ته اسان وٽ انهن کي محفوظ رکڻ لاءِ ڪو بهتر ۽ جديد نظام موجود ناهي. گهڻو ڪري ائين ٿيندو آهي ته ڪڻڪ جي فصل سٺي ٿيڻ باوجود خراب اسٽوريج جي ڪري لکين ٽن اناج ضايع ٿي ويندو آهي جيڪڏهن جديد گودام ۽ سائيلوز (اناج رکڻ جا وڏا سلنڊر جهڙا اسٽور) ناهيا وڃن ته اناج نه رڳو محفوظ رهندو، پر گهڻي عرصي تائين استعمال لائق به رهندو. هتي به سرڪاري ۽ نجي شعبي جي گڏيل سهڪار هڪ بهتر حل ثابت ٿي سگهي ٿو. جيڪڏهن حڪومت نجي شعبي کي اهڙا سائيلوز ناهڻ جي اجازت ڏئي ۽ ملي سهولتون ڏئي ته ڪجهه سالن ۾ سڄي ملڪ ۾ جديد اسٽوريج جو نظام نهي سگهي ٿو. ان سان هارين کي به فائدو ٿيندو ڇو ته سندن فصل محفوظ رهندو ۽ مارڪيٽ ۾ به استحڪام ايندو. پاڪستان پيپلز پارٽي هميشه کان عام ماڻهوءَ جي ڀلائي ۽ معيشت جي بهتري جي ڳالهه ڪندي رهي آهي. شهيد ذوالفقار علي ڀٽو پنهنجي دور ۾ صنعتي ترقي ۽ ملڪ جي خودمختياري لاءِ اهم قدم کنيا، جڏهن ته محترمه بينظير ڀٽو به معاشي سڌارن ۽ عوامي منصوبن تي زور ڏنو. اڄ جڏهن اسٽرٽيجڪ ذخيرا ناهڻ جي ڳالهه ڪئي وڃي ٿي ته اها دراصل انهي ئي سوچ جو تسلسل آهي ته پاڪستان کي اقتصادي طور مضبوط ۽ پاڻڀرو بڻايو وڃي. جيڪڏهن ملڪ وٽ گهٽ ۾ گهٽ 60 ڏينهن لاءِ تيل ۽ خوراڪ جا ذخيرا موجود هجن ته عالمي بحرانن جا اثر گهڻي حد تائين گهٽ ڪري سگهجن ٿا. ان سان حڪومت کي به وقت ملي ٿو ته اها سوچي سمجهي فيصلا ڪري ۽ اوچتو قيمتون وڌائڻ کان بچي سگهي. عام ماڻهو لاءِ به اهو وڏو سهارو هوندو ڇو ته مهانگائي جا اوچتا ڌڪ گهٽ محسوس ٿيندا.

هن وقت پاڪستان کي ڪيترن ئي معاشي مسئلن ۽ ڏکيائين کي منهن ڏيڻو پيو آهي، پر هر بحران ۾ ڪا نه ڪا موقعي جي ڳالهه به لڪل هوندي آهي. وچ اوڀر جي هاڻوڪي صورتحال اسان کي اهو سوچڻ تي مجبور ڪري رهي آهي ته اسان پنهنجي تيل ۽ خوراڪ جي حفاظت کي ڪيئن بهتر بڻائي سگهون ٿا. جيڪڏهن اسين اڄ کان ئي سنجيدگي سان صحيح رٿابندي شروع ڪريون، ته ايندڙ ڏهن کان پندرهن سالن ۾ پاڪستان هن معاملي ۾ ڪافي مضبوط ٿي سگهي ٿو. يعني مستقبل ۾ جيڪڏهن ڪو عالمي بحران به اچي، ته اسان کي ايترو نقصان نه پهچي. آخر ۾ اها ڳالهه صاف چئي سگهجي ٿي ته هاڻي تيل ۽ خوراڪ جا اسٽرٽيجڪ ذخيرا ناهڻ ڪا عياشي يا فضول خرچ نه رهي آهي، پر هڪ وڏي ضرورت بڻجي چڪي آهي. دنيا تيزي سان تبديل ٿي رهي آهي ۽ عالمي سياست جا اثر سڌو سنئون معيشت تي پون ٿا. جيڪڏهن اسان پاڪستان کي هڪ مضبوط ۽ مستحڪم ملڪ بڻائڻ چاهيون ٿا، ته پوءِ اسان کي ايندڙ خطرن کي ذهن ۾ رکي اڄ کان ئي تياري ڪرڻي پوندي. گهٽ ۾ گهٽ 60 ڏينهن لاءِ قومي سطح تي تيل ۽ خوراڪ جا ذخيرا رکڻ جو خيال انهيءَ طرف هڪ اهم قدم آهي. ان سان نه رڳو ملڪ جي معيشت مضبوط ٿيندي، پر عام ماڻهو کي به ڏکين وقتن ۾ وڏو سهارو ملندو.

يوٽيليٽي اسٽور جي ملازمن جو ڏوهه ڪهڙو آهي؟

قاسم خاصخيلي

دنيا جون حڪومتون نه رڳو پنهنجي رعيت جو هر لحاظ کان خيال رکنديون آهن پر اتي هنن جي پنهنجي ملازمن جا جائز حق به بروقت ادا ڪيا ويندا آهن ملازم ڪنهن به ملڪ جي حڪومت لاءِ ڪرنگهي جي هڏي واري حيثيت رکندا آهن. اهي ملازم ئي هوندا آهن جن جي وسيلي پوري نظام جو ڪاروهنوار هلايو ويندو آهي اتان جا وزير، مشير ۽ اڳواڻ ته مڙئي نالي ماتر اڳوائيءَ لاءِ مقرر ڪيا ويندا آهن جيڪڏهن ڏٺو وڃي ته جيڪو به ڪجهه ڪم ڪن ٿا، اهي ان سرڪار جا ماتحت سرڪاري ملازم ئي هوندا آهن جيڪي پنهنجي زندگيءَ جا حسين پل حڪومتي نوڪريءَ جي پويان تباهه ڪري ڇڏيندا آهن اهي ملازم جيڪي پنهنجي اولاد، والدين ۽ گهروارن سميت مٽن مائٽن ۽ دوستن يارن کان به ڪٽجي ويندا آهن. ڪنهن جي ڏکن توڙي سکن ۾ به شامل نه ٿي سگهندا آهن. اهو صرف ان ڪري جو هو سرڪار جا ملازم هوندي، پنهنجي سيني ذاتي مصروفيتن تي سرڪار جي ڪمن کي اوليت ڏيندا آهن پوءِ جيڪڏهن سرڪار ئي انهن سان تارڙا سلوڪ رکي ٿي ته يقينن اهو ڏکوئيندڙ عمل هوندو آهي پاڪستان ۾ به مختلف کاتن جا لکين ملازم پنهنجا سڀ حقيقي خواب دفن ڪري سرڪار جي حاضري ڀري رهيا آهن پر انهن کي موت ۾ سدائين پنهنجي حقن لاءِ احتجاجن جو سهارو وٺڻو پيو آهي ائين ئي ملڪ ۾ عوام کي بهتر، معياري ۽ سستيون شيون فراهم ڪرڻ لاءِ يوٽيليٽي اسٽور ڪارپوريشن کاتو جيڪو صنعت ۽ تجارت واري وزارت جي ماتحت ڪم ڪندڙ هو، ان کي ڪرپشن جو سبب ڄاڻائي هڪ اوچتي نادر شاهي حڪم ذريعي گذريل سال 31 آگسٽ 2025 کان بند ڪيو ويو آهي ان ۾ لڳ ڀڳ 12 هزار کن ملازم ڪم ڪندا هئا. ايڏي وڏي اداري کي ڪرپشن جو سبب ڄاڻائي بند ڪرڻ افسوسناڪ عمل ان ڪري به آهي جو اگر ڪنهن کاتي ۾ بدعنواني ڪرپشن يا ڪي ٻيا مسئلا هوندا ته انهن ۾ سڌارا آڻڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي نه ڪي انهيءَ اداري کي ئي بند ڪري ان جي ملازمن کي راتو رات روڊ تي آڻي رستن تي ڇڏي ڏبو آهي اها ڪهڙي عقلمندي چئجي جو ڪرپشن کي ختم ڪرڻ بجاءِ ادارا ئي ختم ڪيا وڃن بهرحال ڳالهه رڳو اداري جي بند ٿيڻ جي ناهي پر ملڪ جي 24 ڪروڙ ماڻهن کي صاف سٿري، معياري ۽ سستي شين کان پري رکڻ جي به آهي ان کان به وڌيڪ تڪليف ڏيندڙ ڳالهه اها آهي جو اداري جي ٻارنهن هزار ملازمن کي هڪ ئي ڌڪ ۾ بيروزگار ڪيو ويو، اهي ملازم جن زندگيءَ جا ڪيترائي سال هن اداري کي ان آس تي ڏنا ته هڪ طرف هنن جي روزگار جو ذريعو اهو ادارو هو ۽ ٻيو ته انهن ملازمن جي اولاد جو مستقبل به ان اداري سان ئي جڙيل هيو، جنهن خواب کي موجوده شهباز سرڪار توڙي چڪنا چور ڪري ڇڏيو يوٽيليٽي اسٽور ڪارپوريشن هڪ مجيل ۽ خودمختيار اداري طور ملڪ جي عام ماڻهوءَ لاءِ لاڀائتو قدم هو جتان سستيون ۽ معياري کاڌي پيتي جون شيون ملنديون هيون، جنهن کان به عوام کي محروم ڪيو ويو آهي اداري کي بند ڪرڻ کان پوءِ هن اداري جي ملازمن کي ڪنهن ٻئي اداري ۾ ضم ڪرڻ بجاءِ فوري طور تي کين نوڪرين مان ئي نيڪالي ڏئي وئي جنهن سان رڳو ٻارنهن هزار ملازم ئي نه پر ٻارنهن هزار خاندانن کي پريشانين جي حوالي ڪيو ويو آهي هن ملڪ ۾ اڳ ئي بيروزگاري سبب لکين ماڻهو پريشان آهن. مٿان وري ڪيترن سالن کان روزگار سان لڳل ماڻهن کي به بيروزگار ڪري انهن جي زندگين کي دوزخ جي آڙاهه ۾ اڇليو ويو آهي حڪومت جي ايڏي وڏي فيصلي کان اڳ انهن ملازمن کي يا ته ڪٿي ضم ڪرڻ جو سوچيو وڃي ها يا ته انهن کي ايترو رليف فوري طور ڏنو وڃي ها جو هو ڪنهن ذاتي ڪاروبار سان لڳي وڃن ها. ڇو ته جيڪي ملازم يوٽيليٽي اسٽور ۾ 20، 20 سال سروس ڪري چڪا هئا، انهن جي نئين نوڪريءَ لاءِ عمر ئي ناهي رهي ته پوءِ هو پنهنجي ۽ گهر جي گاڏي کي ڪيئن هلائي سگهندا؟

qasimkhaskheli97@gmail.com

چٽو هاٿي هاڻي ٻڌجڻ گهرجي

وشال امير

اسرائيل، آمريڪا پاران ايران سان ڇيڙيل جنگ کي ڪي ماڻهو آخري عالمي جنگ جي تناظر طور ڏسي رهيا آهن ۽ سندن خيال آهي ته دجال جا حامي جاڳيا آهن. دجال به ڪٿان پنهنجي اچڻ جو اعلان ڪندو ۽ پوءِ امام مهدي عليه السلام جو ظهور ٿيندو. پر مان ذاتي طور ان خيال سان متفق ناهيان. مان قيامت جي اچڻ تي يقين رکان ٿو ۽ قبوليان ٿو ته قيامت يقيني اچڻي آهي، پر اهو علم اسان مان ڪنهن کي به ڪونهي ته قيامت جو وقت اسان جي ڪيترو ويجهو اچي پهتو آهي؟! باقي ٻين جيان مان به ان ڳالهه سان متفق آهيان جڏهن به لڳي آخري عالمي جنگ مذهبي بنياد تي ئي لڳندي. يهودي، مسلمانن خلاف هوندا ۽ عيسائين مان هڪڙا مسلمانن سان ته ٻيا ڪجهه يهودين جا طرفدار هوندا. جڏهن ته موجوده صورتحال ۾ اسان کي مسلم رياستن جا سربراهه يهودين جا ساٿاري بڻيل نظرجن ٿا. پوءِ ڪيئن مڃجي ته هيءَ آخري عالمي جنگ آهي ۽ هن بعد دنيا مڪمل تباهه ٿي ويندي؟!

ممڪن آ اجا هيءَ آخري عالمي جنگ نه هجي، پر هن جنگ جا نقصان خطي ۾ ڏاڍا خراب نڪرندا ۽ دنيا ۾ پڻ معاشي ڀونچال ڪر کڻي سگهي ٿو. آمريڪي سينيٽر ڪرس وين هولن انڪشاف ڪيو آهي ته اسرائيلي وزيراعظم نيتن ياهو چاليهه سال ان انتظار ۾ رٿابنديءَ تي لڳائي ڇڏيا آهن ته آمريڪا ۾ ڪو لاپرواهه ۽ بيوقوف صدر ايندو جيڪو اچي سندس همنوا ٿي مسلمان ملڪن خاص طور ايران مٿان جنگ مڙهيندو. نيتن ياهو جي ان ڊرامائي اسڪرپٽ جي سامهون اچڻ بعد اسان سمجهي سگهون ٿا ته ايران مٿان جنگ مسلط ڪندڙ اسرائيل جي ساٿاري آمريڪا پڻ هن جنگ شروع ڪرڻ کان اڳ يقينن حڪمت عملي تحت خطي ۾ پنهنجا 22 فوجي اڏا قائم ڪرڻ ۾ ڪاميابي ماڻي آهي، سندس اهي فوجي اڏا گهڻي ڀاڱي مسلم عرب ملڪن ۾ قائم ٿيل ٻڌايا وڃن ٿا. حيرت جي ڳالهه آهي ته دنيا تي قابض ٿيڻ جي رٿابندي ڪندڙ آمريڪا ۽ گريٽر اسرائيل جوڙڻ جون ڪوششون ڪندڙن جي ان سازش کي ڪير به سمجهي ڪونه سگهيو.

خير هاڻي به جڏهن تازي جنگ شروع ٿيڻ بعد ايران طرفان دبئي، ڪويت، قطر سميت ڪجهه عرب رياستن ۾ قائم 11 آمريڪي فوجي اڏن تي حملا ڪيا ويا آهن ته ان ڳالهه تي ڪجهه يهودي نواز ڌريون اها پروپيگنڊا ڪرڻ لڳيون آهن ته ايران مسلمان دشمن ملڪ آهي، تڏهن سني مسلمان ملڪن مٿان حملا ڪري رهيو آهي. هتي انهن عقل جي اڪابرن کان هڪ سوال آهي ته انهن مسلمان ملڪن ۾ قائم آمريڪي فوجي اڏن منجهان (جيڪي آمريڪا لاءِ مورچي جو ڪم ڏئي رهيا آهن) هن کان اڳ ايران جي حملن کي ناڪام بڻايو ويندو رهيو آهي ته پوءِ هاڻي هڪ جنگي حڪمت عملي موجب ايران کي پورو حق حاصل هجڻ گهرجي ته پهريون اهو دشمن جا مورچا تباهه ڪري پوءِ اڳتي سندس ملڪ طرف قدم وڌائيندو ۽ کيس تباهه ڪندو رهي.

چيو وڃي ٿو ته جنگ ۾ وڏ ۾ وڏ نقصان ان جو ٿيندو آهي جيڪو جنگ جو ڪنهن به ريت فريق نه هوندو آهي. هتي به ڏسجي ته ائين ئي ٿيندي نظر اچي پيو. خطي ۾ موجود ملڪ خطرناڪ معاشي طوفان کي پاڻ طرف وڌندي ڏسي رهيا آهن. هوڏانهن ته جنگ ۾ ايران طرفان ٿيندڙ حملن ۾ پهتل نقصان کي اسرائيل ۽ آمريڪا طرفان لڪايو پيو وڃي پر تنهن هوندي به جيڪي انگ اکر ظاهر ٿيا آهن، تن موجب شروعاتي طور آمريڪا جا 13 فوجي موت جي آغوش ۾ وڃي چڪا آهن ۽ تقريباً 200 کان مٿي زخمي آهن. اسرائيل ۾ 15 کان مٿي ماڻهو فوت ۽ 3369 مٿي زخمي هجڻ جا اطلاع آهن. اطلاعن موجب اسرائيلي وزيراعظم ڪيترن ڏينهن کان گم آهي، قياس آرايون ڪيون پيون وڃن ته هو ايران پاران ڪيل حملي ۾ دوزخ طرف روانو ٿي چڪو آهي. اسرائيلي حڪمران ڌر طرفان سندس تازا وڊيو پيغام جاري ڪرڻ جون ڪوششون به ڪوڙيون ثابت ٿي رهيون آهن. ڇو ته اهي آرٽيفيشل انٽيليجنس کي ظاهر ڪن ٿيون. رپورٽن مطابق خطي جي ٻين ملڪن ۾ يعني ڪويت ۾ 6، اومان ۾ 3 ۽ سعودي عرب ۾ 2 ڄڻا فوت ٿي چڪا آهن. ايران جنگي حڪمت عملي اختيار ڪندي گهڻن ئي ملڪن جو سامونڊي واپاري رستو بند ڪري دنيا ۾ تيل جي واپار کي ٻنجو ڏئي ڇڏيو آهي، جنهن سبب ڌرتيءَ جي گولي تي آباد ڪوڙ سارن ملڪن ۾ بيروزگاري وڌڻ لڳي آهي. رڳو برطانيه اندر هڪ لک ماڻهو بيروزگار ٿيڻ جا انگ اکر سامهون آيا آهن ته ايترا ماڻهو جلد بيروزگار ٿي ويندا. ٻئي طرف ايران عرب ملڪن جي انٽرنيٽ تار پڻ ڪٽڻ جي ڌمڪي ڏني آهي، جنهن سان پڻ وڏي نقصان جو انديشو آهي. ايران جي ان جنگي حڪمت عملي آمريڪي صدر ٽرمپ کي چريو ڪري ڇڏيو آهي. ٽرمپ برطانيه، جرمني، جپان سميت ڪيترن ملڪن کان مدد جي گهر ڪئي آهي ته ايراني لنگهه وٽان تيل بردار جهازن جي سلامتيءَ سان گذر کي يقيني بڻايو وڃي پر ڪنهن به ملڪ کيس مدد ڏيڻ جي حامي نه ڀري آهي. ٽرمپ هاڻي نيٽو مٿان ڪاوڙيو آهي ۽ نيٽو کي پڻ نقصان پهچائڻ جون ڌمڪيون پيو ڏئي.

هيڏانهن آمريڪي ۽ اسرائيلي حملن سبب ايران جي مختلف شهرن ۾ 1500 ماڻهو فوت ۽ 18 هزارن کان مٿي زخمي ٿي چڪا آهن. بمباري ۾ 3090 گهر ۽ 3643 عوامي مرڪز توڙي 24 اسپتالون تباهه ٿي چڪيون آهن. ايران جو روحاني پيشوا جامِ شهادت پي چڪو آهي. آمريڪي صدر موجب هنن ايران کي مڪمل تباهه ڪري ڇڏيو آهي، پر دنيا ڏسي پئي ته ايران اڪيلي سر دنيا لاءِ خطرو بڻجي بيٺل يهودي اتحاد سان ويڙهه ۾ مصروف آهي.

دنيا اهو به ڏسي ۽ سوچي پئي ته هن وقت آمريڪا ۽ اسرائيل رڳو ايران ۾ نه پر فلسطين ۽ لبنان ۾ پڻ بيگناهه ماڻهن مٿان حملي آور ٿي پنهنجي دهشت ڦهلائڻ جي ڪوشش ۾ رڌل آهي. تازو لبنان ۾ 850 شهري مارجي چڪا آهن. پر اقوام متحده سميت دنيا جا سمورا ملڪ خاموش آهن. خاص طور مسلمان ملڪ ٻڙڪ به ٻاهر نٿا ڪڍن، جڏهن ته خوف سبب الٽي جي ٻئي ڪنهن ڪارڻ عيوض آمريڪا جا خاموش سهڪاري ٿي بيٺل آهن. ٿيڻ ته ائين گهرجي هاڻي جڏهن ٽرمپ نيٽو کي به ڌمڪي ڏئي چڪو آهي ته ان چٽي ٽيل هاٿيءَ کي گولي هٽي ماريو وڃي يا ته لازمي به کيس ٻڌي ڇڏڻ جو ترت فيصلو ڪري عالمي عدالت مان سزا ڏياري وڃي.

لطيفي لات

شاهه عبداللطيف ڀٽائي

ڪارِي راتِ، ڪَڇو گهڙو، اُٿِيهَه اُونداهِي؛
چَنڊ نالو ناهِ ڪو، دَرِياهَ ڏَرَّ لائِي؛
ساهَڙَ ڪارڻ سُهڻِي، آڏِيءَ ٿي آئِي؛
اِي ڪَمُ اِلاهِي، ناتَ ڪُنَنِ ۾ ڪيرَ گهِڙِي؟
(سُر سهڻي)

اڄوڪو ڏينهن - 18 مارچ

سرور علي سرور

سرور علي سرور پنهنجي دور جو هڪ نامور غزل گو جو شاعر هو. هن جو پورو نالو سرور علي ولد نظر محمد سلاوٽ هو. سندس جنم جي تاريخ 18 مارچ 1909ع ۽ جنم جو هنڌ ڪراچي هو. هن جا وڏا اصل ۾ جيسلمير جا ويٺل هئا. جتان لڏي اچي حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ ۾ آباد ٿيا هئا. هو پٿر تي اکر جو ڪم ڪندا هئا. سرور علي به پنهنجي انهيءَ آبائي ڌنڌي کي قائم رکيو. جيتوڻيڪ هو ڪراچيءَ ۾ ڄائو هو پر عمر جو گهڻو حصو حيدرآباد ۾ گذاريائين. هن پرائمريءَ کان وٺي بي اي ۽ ايل ايل بي تائين تعليم حيدرآباد ۾ حاصل ڪئي. هن شاعريءَ سان گڏوگڏ ڪهاڻيون به لکيون. سندس ڪهاڻين جو ڪتاب "اعتراف" ۽ حضور صلي الله عليه وسلم جي زندگيءَ تي لکيل ڪتاب "ڪارڻي" ڇپيل آهن. سندس ڪيترائي حمد ۽ نعتون ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي رڪارڊ ٿيل آهن هن 27 فيبروري 1969ع تي وفات ڪئي. سندس شاعريءَ جو نمونو اياز قادريءَ جي ڪتاب سنڌي غزل جي اوسر ۾ ڏنل آهي.

بصرالدين سومرو

هن نالي واري تعليمي ماهر ۽ ليکڪ 18 مارچ 1911ع تي پوريءَ ۾ اکيون کوليون 1925ع ۾ سنڌي فائنل جو امتحان پاس ڪري پرائمري اسڪول ۾ استاد مقرر ٿيو ۽ 1970ع ۾ رٽائر ٿيو. هو هڪ سٺو مضمون نگار هو. خاص طور تي ٻارن جي نفسيات ۽ تعليمي مامرن تي هن شاندار مضمون لکيا آهن. جن مان اڪثر اخبار تعليم ۾ ڇپيا. عمر جو آخري حصو ٺارو شاهه ۾ گذاريائين.

غلام حسين مجبور



غلام حسين مجبور شڪارپور ضلعي جو مشهور شاعر، نثر نويس ۽ صحافي هو. هن جو پورو نالو غلام حسين ولد محمد سومر سيٺار هو. هن جو جنم 18 مارچ 1940ع تي شڪارپور ضلعي جي شهر چڪ ۾ ٿيو. هن پنهنجي جنم واري شهر مان ئي ابتدائي تعليم حاصل ڪئي. 1952ع ڌاري هڪ مضمون نگار ۽ ڪالم نگار طور ادبي دنيا ۾ پير پاتائين 1960ع واري ڏهاڪي ۾ شاعري به ڪرڻ شروع ڪيائين. هن مختلف اخبارن ۾ صحافتي خدمتون به سرانجام ڏنيون. هو چڪ شهر جي مختلف ادبي ۽ سماجي تنظيمن جو ميمبر پڻ رهيو. هن 2 نومبر 1992ع ۾ وفات ڪئي.

جبار آزاد منگي



اڄ مشهور ليکڪ ۽ ريڊيو ڪمپيئر جبار آزاد منگيءَ جي جنم جو ڏينهن آهي هن 18 مارچ 1962ع تي قمبر شهدادڪوٽ ضلعي جي شهر نصيرآباد ۾ اکيون کوليون هن ايم اي ۽ ايل ايل بي جون سندون حاصل ڪيون هو ريڊيو پاڪستان لاڙڪاڻي جي خبرن واري شعبي سان لاڳاپيل رهيو ۽ ڪيترن ئي پروگرامن جو ميزبان رهيو آهي. هن جا لکيل 50 کان وڌيڪ ڊراما سنڌ جي مختلف شهرن ۾ اسٽيج ٿي چڪا آهن هو سنڌي ادبي سنگت، سنڌ گريجوئيٽس ايسوسيئيشن، لمهڙڻ سوشل ويلفيئر ايسوسيئيشن سان لاڳاپيل رهيو آهي هن جي لکيل ڪتابن ۾ "لفظ هوا ۾ خوشبوءِ"، "اندر ڪارو ڪاڻهه"، "ڪمون شرارتي"، "تعلقي نصيرآباد جي جاگرافي"، "اَنت بحر عميق جو" ۽ "اي عشق جو آواز" ڇپجي چڪا آهن

اسحاق سميجو

اڄ مشهور ليکڪ ۽ شاعر اسحاق سميجي جي جنم جو ڏينهن آهي هو 18 مارچ 1975ع تي دادو ضلعي جي ڳوٺ فضل پور ۾ پيدا ٿيو ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪيائين جڏهن ته مئٽرڪ جو امتحان طلب المولىٰ هاءِ اسڪول دادو ۽ ٻارهين ڪلاس جو امتحان ڊگري ڪاليج جوهيءَ مان پاس ڪيائين اڳتي هلي سنڌ يونيورسٽيءَ مان ماسٽر ۽ ڊاڪٽريٽ جون سندون حاصل ڪيائين هن سنڌ يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي ۾ ليڪچرار طور عملي زندگيءَ جي شروعات ڪئي هن سنڌ يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي ۾ ايسوسيئيٽ پروفيسر طور ڪم ڪرڻ سان گڏوگڏ سنڌالاجيءَ جي ڊائريڪٽر ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ قائم شمس العلماء مرزا قليچ بيگ چيئر جي انچارج ڊائريڪٽر طور ڪم ڪيو هن سنڌي ٻوليءَ جي با اختيار اداري ۾ چيئرمين طور پڻ خدمتون سرانجام ڏنيون هن لکڻ جي شروعات ٻاراڻي ادب سان ڪئي هو ماهوار رسالي "گلستان"، "سنڌ رنگ" ۽ ٽماهي رسالي "سارنگا" جي ايڊيٽر طور ڪم ڪري چڪو آهي هن جي شاعريءَ ۽ نثر جا 14 ڪتاب ڇپجي چڪا آهن

ريحانه چنڙ

هن مشهور ليکڪا ۽ سماج سڌارڪ خاتون جو جنم 18 مارچ 1970ع تي ڪاري موري حيدرآباد ۾ ٿيو سندس وڏا اصل ۾ ڳوٺ سومر چنڙ تعلقي ڪنڊياري سان واسطو رکن ٿا. پاڻ اڃا ننڍڙي ٻارڙي هئي، جڏهن سندس والد محمد صديق چنڙ جي اسسٽنٽ پروفيسر (اڪنامڪس) طور نوابشاهه جي هڪ ڪاليج ۾ بدلي ٿي. ان ڪري ريحانه پهرئين ڪلاس کان ٻارهين ڪلاس تائين نوابشاهه مان تعليم حاصل ڪئي. ان بعد بي ايس سي (آنرس)، ايم ايس سي ۽ ايم فل جون سندون سنڌ يونيورسٽيءَ مان حاصل ڪيائين. هن پنهنجي عملي زندگيءَ جي شروعات ماڊل اسڪول سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ رياضيءَ جي ٽيچر طور ڪئي. ان بعد ڪراچيءَ جي سي ايم سي سيڪنڊري اسڪول ۾ پڙهائڻ شروع ڪيائين. هوءَ مختلف سماجي تنظيمن ۾ سرگرميءَ سان لاڳاپيل رهي آهي ۽ عورتن سان ٿيندڙ ڏاڍاين خلاف آواز اٿاريندي رهي آهي. سنڌي ادبي دنيا ۾ هوءَ هڪ شاعره، ڪالم نگار ۽ مضمون نگار طور پنهنجي سڃاڻپ رکي ٿي. سندس نثري نظمن جو مجموعو "ڪارو سچ" ڇپجي چڪو آهي. ياد رهي ته مشهور شاعره رخسانه پريت چنڙ هن جي ڀيڻ آهي.


مختيار ائڙ

ضمير بلاول اوٺو

نئين ٽهيءَ جي هن نمائنده شاعر جو جنم 18 مارچ 1990ع تي مٺي شهر ويجهو ڳوٺ بلاول اوٺي ۾ ٿيو. سندس والد بلاول اوٺو سنڌ جو مشهور عوامي شاعر آهي. هن مئٽرڪ ۽ ٻارهين ڪلاس جا امتحان مٺيءَ مان پاس ڪيا ۽ گورنمينٽ پوليٽيڪنڪ انسٽيٽيوٽ مٺيءَ مان مائننگ انجنيئر جو سرٽيفڪيٽ حاصل ڪيو. اڳتي هلي ايم اي (سنڌي) ۽ ايم ايڊ جون سندون حاصل ڪيائين. پنهنجي والد کان متاثر ٿي شاعري شروع ڪيائين. هن شاعريءَ جي لڳ ڀڳ سمورين صنفن تي طبع آزمائي ڪئي آهي، جن ۾ غزل، نظم، نثري نظم، آزاد نظم، بيت، وايون، گيت، جوسٽا ۽ قطعا وغيره شامل آهن. هو ريڊيو پاڪستان مٺيءَ تان نشر ٿيندڙ مختلف پروگرامن ۾ حصو وٺندو رهيو آهي ۽ پنهنجي ٿر جي سرگرم سماجي ورڪر طور پنهنجي سڃاڻپ رکي ٿو. هن جي شاعري سنڌ جي مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپجندي رهي آهي مارئي ساهو ۽ عبدالله آس هنگورجي جي ترتيب ڏنل شاعريءَ جي گڏيل ڪتاب "ذات جا ڏيئڙا" ۾ پڻ ضمير بلاول اوٺي جي شاعري شامل آهي.

مولوي محمود قريشي

مولوي محمود قريشي هالا پراڻا جو هڪ نيڪ بزرگ، عالم ۽ اديب هو. سندس جنم 1912ع ڌاري ٿيو هن مختلف مدرسن مان ديني ۽ دنيوي تعليم حاصل ڪئي. سنڌي ۽ فارسي ٻولين تي عبور حاصل هئس هن کي حڪمت جي به سٺي ڄاڻ حاصل هئي. هن ڪيترائي ڪتاب تحرير ڪيا، جيڪي قلمي صورت ۾ سندس پوٽن وٽ موجود آهن. انهن ڪتابن ۾ صراط مستقيم، تعبير نامه، رسالہ ايمان، رسالہ جنازه، ڪتاب تعويذات، نجومات ۽ جعفريات، ڪتاب طب، غنچه بينظير غنچه سانوڻي ۽ هالا پراڻا جي تاريخ ۽ شخصيتون شامل آهن. هن بزرگ 18 مارچ 1990ع تي وفات ڪئي.

شيخ ارباب مسافر

هن قادرالڪلام شاعر جو جنم ٻهرين اپريل 1925ع تي شڪارپور ۾ الهڏني شيخ جي گهر ۾ ٿيو. هن ڇهين ڪلاس تائين تعليم حاصل ڪئي. پهريائين پوليس کاتي ۾ نوڪري ڪيائين ۽ ان کان پوءِ هڪ وڪيل وٽ منشيءَ طور ڪم ڪيائين. 1948ع ڌاري شاعري ڪرڻ شروع ڪيائين ۽ اڪثر مقامي مشاعرن ۾ پنهنجا شعر پڙهائي داد حاصل ڪندو هو. سندس شاعري ان وقت جي ڪيترن ئي فنڪارن ڳائي عوام تائين پهچائي هئي. مشهور فنڪاره جيوڻي بائيءَ به هن جو هڪ ڪلام ڳايو هو. شيخ ارباب 18 مارچ 1991ع تي پنهنجي حياتيءَ جو سفر پورو ڪيو.

محمد خان جوڻيجو

اڄ ملڪ جي اڳوڻي وزيراعظم مرحوم محمد خان جوڻيجي جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي. هن جو جنم 18 آگسٽ 1938ع تي اوپر سنڌ جي ننڍڙي شهر سنڌڙيءَ ۾ هڪ زميندار خاندان ۾ ٿيو. هن پهريائين سينٽ پيٽرڪس اسڪول ۽ پوءِ سينٽ پيٽرڪس ڪاليج ۾ تعليم حاصل ڪئي. ان کان پوءِ انگلينڊ مان زراعت ۾ ڊپلوما سرٽيفڪيٽ حاصل ڪيائين. هن پنهنجي سياسي زندگيءَ جي شروعات ڊسٽرڪٽ بورڊ سانگهڙ جي چيئرمين جي حيثيت سان ڪئي. 1962ع ۾ اولهه پاڪستان اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو ويو ۽ کيس بنيادي جمهوريت، افرادي قوت، محنت ۽ مواصلات جو وزير مقرر ڪيو ويو 1969ع ۾ وزارت تان استعيفا ڏئي 1977ع تائين سياست کان پاسيرو ٿي ويو. 1985ع ۾ غير جماعتي چونڊن ۾ قومي اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊجي آيو 24 مارچ 1985ع تي هن پاڪستان جي وزيراعظم طور حلف کنيو. وزيراعظم واري عهدي تي ڪم ڪرڻ دوران هن جا فوجي ڊڪٽيٽر جنرل ضياءُ الحق سان سخت اختلاف ٿي پيا، جنهن سبب هن جي حڪومت کي 29 مئي 1988ع تي برطرف ڪيو ويو. 1988ع وارين عام چونڊن ۾ هو سوڀارو نه ٿي سگهيو. آخري ڀيرو هو 1990ع ۾ قومي اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو ويو هن پنهنجي دور حڪومت ۾ عوام جي ڀلائيءَ لاءِ پنج نڪاتي پروگرام شروع ڪيو جنهن تحت نوجوانن کي وڏي پئماني تي نوڪريون مليون ۽ بالغن جي تعليم لاءِ اسڪول کليا. تاريخ 18 مارچ 1993ع تي آمريڪا جي هڪ اسپتال ۾ دم ڌڻيءَ حوالي ڪيائين.

محبوب عالم



اڄ ٽيليويزن ۽ فلم جي مشهور اداڪار محبوب عالم جي وفات جو ڏهاڙو آهي. هو 14 مارچ 1948ع تي ٽنڊي غلام عليءَ ۾ ڄائو هن پنهنجي فني سفر جي ابتدا سنڌي فلم سورٺ ۾ اداڪاريءَ سان ڪئي. هن 38 فلمن ۾ پنهنجي اداڪاريءَ جا جوهر ڏيکاريا، جن ۾ 12 اردو، 11 سنڌي ۽ 15 پنجابي فلمون شامل آهن. هو پاڪستان ٽيليويزن جو مشهور اداڪار پڻ رهيو. خاص طور تي ٽيليويزن جي مشهور ڊراما سيريل وارث ۾ چوڌري حشمت جي ڪردار کيس سڄي ملڪ ۾ مقبول بڻائي ڇڏيو. 18 مارچ 1994ع تي ڪراچيءَ ۾ وفات ڪيائين. کيس ٽنڊي غلام عليءَ ۾ پنهنجي اباڻي قبرستان ۾ دفنايو ويو.

Classified Advertisement

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فرسٽ فيملي جج حيدرآباد
(روبرو جناب عليه سحر قائمخاني)
فيملي سوٽ نمبر 101 سال 2026

مسمات نازيه بانو زال عبدالرزاق جمالي رهندڙ ڳوٺ گل محمد جمالي پي او بلڙي شاه ڪريم ضلعو ٽنڊو محمد خان حال رهندڙ ڳوٺ جمالي نزد نارا جيل سائيٽ ايريا حيدرآباد .پلينٽف..بخلاف.. عبدالرزاق جمالي ولد حاجي خان جمالي رهندڙ ڳوٺ گل محمد جمالي پي او بلڙي شاه ڪريم ضلعو ٽنڊو محمد خان. ڊفينڊنٽس

نالي مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ ۽ مينٽيننس آف پلينٽف اينڊ مائنر لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 25-03-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فرسٽ فيملي جج حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول / فيملي جج 9th حيدرآباد
فيملي سوٽ نمبر 347 سال 2026

مسمات نگينه ڌيءُ محمد حسين رهندڙ حرڪيمپ بلديه ڪالوني حيدرآباد .پلينٽف..بخلاف.. نجيب ولد غلام قادر چانڊيو رهندڙ ڳوٺ ڀوڙل شاه شاهپور رضوي ٽنڊو الهيار. ڊفينڊنٽس

نالي مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ ۽ مينٽيننس لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 18-03-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول / فيملي جج 9th حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول / فيملي جج حيدرآباد
فيملي سوٽ نمبر سال 2026

مسمات ريما ڌيءُ عبدالحق رهندڙ ملاح ڳوٺ هندال ٿيبو ديهه ڏامجاڻي ضلعو حيدرآباد .پلينٽف..بخلاف.. فيضان علي ولد محمد حسين ٿيبو رهندڙ ملاح ڳوٺ هندال ٿيبو ديهه ڏامجاڻي ضلعو حيدرآباد...ڊفينڊنٽس

نالي مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 01-04-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول / فيملي جج حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظيرآباد
(روبرو جناب عابد علي لاکو)
فيملي سوٽ نمبر 84 سال 2026

مسمات روزينا ڌيءُ الله ورايو ماڇي رهندڙ ٻوڏي محلو تاج ڪالوني نوابشاه .پلينٽف..بخلاف.. امين ولد يوسف ماڇي رهندڙ ڳوٺ شاهنواز پناهڻ تعلقو ضلعو سانگهڙ ...ڊفينڊنٽس

نالي مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ ۽ جهيز جي واپسي لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 27-03-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج شهيد بينظيرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب گارڊين جج شهيد بينظيرآباد
(روبرو جناب عابد علي لاکو)
گارڊين درخواست نمبر 21 سال 2026

مسمات مريم بيواهه غلام حيدر رهندڙ صاحب ڏنو ڳوٺ شجاع محمد تعلقو ضلعو نوشهروفيروز .ايپليڪينٽ..بخلاف.. (1) حميده (2) صغران (3) محمد عمر سڀ پٽ ڌيئرون مرحوم غلام حيدر (4) ساره زال محمد عمر رهندڙ ڳوٺ محمد صالح پنهور ديهه شجاع محمد تعلقو ضلعو نوشهروفيروز ...اپوننٽس

نالي مٿين اپوننٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ گارڊين درخواست زيرقلم 7,10,25,29 گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ تحت داخل ڪئي آهي صغيرن نالي (1) بيبي عابدان (2) ماسٽر ابوبڪر جي گارڊين جي مقرري بابت تهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 18-03-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

گارڊين جج شهيد بينظيرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب گارڊين جج شهيد بينظيرآباد
(روبرو جناب عابد علي لاکو)
گارڊين درخواست نمبر 35 سال 2026

مسمات سبيلا زال مرحوم سڪندر علي رهندڙ پنگوار ڪالوني نوابشاه .ايپليڪينٽ..بخلاف.. (1) محمد حسن ولد محمد رمضان (2) مسمات نورخاتون زال محمد حسن رهندڙ وارڊ نمبر 8 ليلا اباد سڪرنڊ (3) مسمات امينا ڌيءُ سڪندر علي (4) جنرل پبلڪ ايٽ لارج ...اپوننٽس

نالي مٿين اپوننٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿين ايپليڪينٽ گارڊين درخواست زيرقلم 7,10,25,29 گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ تحت داخل ڪئي آهي صغيرن نالي (1) محمد علي (2) امول (3) شفا بتول (4) وفا فاطمه (5) علي اصغر جي گارڊين جي مقرري بابت تهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 28-03-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

گارڊين جج شهيد بينظيرآباد

عام اطلاع

هرعام وخاص کي هن اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته غلام رسول ولد عطاء محمد پالاري ان سروي ڪل ايراضي15.00 ايڪڙ Makan Doban واقع ديهه ڪوهستان 7/1 ٿبو جهمپير تعلقو ضلعو ٺٽو ري رائيٽنگ رڪارڊ آف رائيٽس لاءِ ثبوتن سميت درخواست ڏني آهي اگر ڪنهن کي اعتراض هجي ته 15 ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ جمع ڪرائي ٻي صورت ۾ ڪاروائي مڪمل ڪئي ويندي. بعد ۾ ڪوبه اعتراض قابل قبول نه هوندو

ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو

عام اطلاع

هرعام وخاص کي هن اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاج محمد ولد عطاء محمد پالاري زمين ڪيٽ نمبر 1 ڪل ايراضي45.00 ايڪڙ(اي) 25.00 ايڪڙ (بي) 25.00 ايڪڙ ٽوٽل ايراضي 95.00 ايڪڙ Makan Kharari واقع ديهه ڪوهستان 7/1 ٿبو جهمپير تعلقو ضلعو ٺٽو ري رائيٽنگ رڪارڊ آف رائيٽس لاءِ ثبوتن سميت درخواست ڏني آهي اگر ڪنهن کي اعتراض هجي ته 15 ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ جمع ڪرائي ٻي صورت ۾ ڪاروائي مڪمل ڪئي ويندي. بعد ۾ ڪوبه اعتراض قابل قبول نه هوندو

ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو

عام اطلاع

هرعام وخاص کي هن اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاج محمد ولد عطاء محمد پالاري ۽ معرفت 03 ٻين جي زمين ڪيٽ نمبر 1 ڪل ايراضي165.00 ايڪڙ Makan Jara واقع ديهه ڪوهستان 7/1 ٿبو جهمپير تعلقو ضلعو ٺٽو ري رائيٽنگ رڪارڊ آف رائيٽس لاءِ ثبوتن سميت درخواست ڏني آهي اگر ڪنهن کي اعتراض هجي ته 15 ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ جمع ڪرائي ٻي صورت ۾ ڪاروائي مڪمل ڪئي ويندي. بعد ۾ ڪوبه اعتراض قابل قبول نه هوندو

ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو

عام اطلاع

هرعام وخاص کي هن اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته فيروز الدين ولد حاجي نورالدين پالاري ۽ معرفت 05 ٻين جي زمين ڪيٽ نمبر 1 to 5, 7,9,11,13 ڪل ايراضي120.00 ايڪڙ Makan Doban واقع ديهه ڪوهستان 7/1 ٿبو جهمپير تعلقو ضلعو ٺٽو ري رائيٽنگ رڪارڊ آف رائيٽس لاءِ ثبوتن سميت درخواست ڏني آهي اگر ڪنهن کي اعتراض هجي ته 15 ڏينهن اندر هيٺ صحيح ڪندڙ وٽ جمع ڪرائي ٻي صورت ۾ ڪاروائي مڪمل ڪئي ويندي. بعد ۾ ڪوبه اعتراض قابل قبول نه هوندو

ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو

عمر جي درستگي

جيئن مان علي گوهر ولد پيارا خان ذات سبزوئي حلفيه بيان ڏيان ٿو ته منهنجي ڪارڊ ۾ غلطي سبب عمر 1.1.1939 لکجي وئي آهي جيڪو سراسر غلط آهي. منهنجي اصل عمر 1.1.1974 آهي جي بيان رڪارڊ تي رکيو وڃي جيئن وقت سر ڪم اچي

علي گوهر ولد پيارا خان ذات سبزوئي

عام اطلاع

جيئن ته درخواستگذار نالي عمر حيات ولد مختيار احمد رائي جٽ ويندل ڳوٺ چوڌري عنايت علي تعلقو متياري اسان جي آفيس ۾ درخواست ڏني آهي ته سندس پڦي نالي مسمات نسيم بيبي زال محمد سليمان جيڪو تاريخ 04-12-2012 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي ڪاتي تي زرعي زمين ديهه شاهپور ٽپو شاهپور تعلقو متياري ۾ آهي جنهنجو هيلين جائز وارث جي نالي فوتي ڪاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي (1) صبا سليمان رائي جٽ (نياڻي) (2) چوڌري محمد سليمان (گهروارو) (3) محمد حسين (فوتي) (پٽ) (4) فرزند علي رائي جٽ (پٽ) (5) عبدالحميد رائي جٽ (پٽ) (6) مختيار احمد (فوتي) پٽ(7) سردار محمد رائي جٽ (پٽ) (8) مسمات عنايتان بيبي (مرحوم) والده) درخواستگذار جو وڌيڪ چوڻ آهي ته فوتي سني فقه جو مسلمان هو سندس والد/ ڏاڏو / ڏاڏي فوتي جي حياتي ۾ فوت ٿي ويل آهن اهڙي تصديق ٻن شاهدن نالي (1) محمد مشتاق ولد سردار محمد (2) طارق محمود ولد امام الدين ويندل ڳوٺ چوڌري عنايت علي ۾ مقرر ڪيل جلسه عام ۾ شريڪ ٿي اسانجي روبرو پڻ ڪئي آهي جنهنڪري هر خاص و عام کي اطلاع ٿو ڪجي ته جيڪڏهن ڪنهن به شخص يا اداري کي فوتي مٿين جائز وارثن يا زرعي زمين بابت ڪو به اعتراض هجي ته هن اشاعت جي 07 ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض لکت ۾ روبرو هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پيش ڪري مدي گذري وڃڻ بعد ڪو به اعتراض ٻڌڻ جوڳو نه رهندو ۽ فوتي ڪاتو تبديل ڪري ڏنو ويندو

مختيارڪار روينيو تعلقو متياري

بقايا 1 زخمي

خدا آباد شاخ انڊس هاءِ وي روڊ تي تيز رفتار مسافر ڪوچ ڪلٽي ٿيڻ جي نتيجي ۾ ميهڙ واسي 8 سالا نينگري ۽ قمبر شهدادڪوٽ واسي نوجوان فوت ٿي ويو، جڏهن ته 30 کان وڌيڪ ٻارڙا، عورتون ۽ مرد زخمي ٿي پيا آهن. بد نصيب مسافر ڪوچ لاڙڪاڻي کان ڪراچي وڃي رهي هئي، ريسڪيو ذريعن موجب ڪراچي ويندڙ مسافر ڪوچ تيز رفتاري سبب ڊرائيور جي ڪنٽرول مان نڪري ڪلٽي ٿي پئي، حادثي بعد ريسڪيو ٽيمون فوري طور تي واقعي واري هنڌ پهچي زخمين کي دادو ۽ ڀان سيدآباد جي اسپتال ڏانهن منتقل ڪيو. حادثي ۾ فوت ٿيلن ۾ 8 سالا نينگري زليخان ڌيءُ بهادر سولنگي، ميهڙ رهواسي، ۽ بلاول پٽ سونو خان مڪسي، قمبر شهدادڪوٽ رهواسي شامل آهن. جڏهن ته 30 کان وڌيڪ زخمي ٿي پيا آهن، جن ۾ اميران زال اصغر سولنگي، مسمات ساران زال عبدالحڪيم ڪونهارو 10 سالا مهڪ ڌيءُ احمد علي، علي شبعا ڌيءُ عبدالرسول ڳاهو، سونيا، فرزانه، رحمان، رحيم پٽ بهادر سولنگي ۽ زرين ۽ ٻيا شامل آهن. اسپتال ذريعن موجب 10 زخمين جي حالت ڳڻتي جوڳي هجڻ سبب کين وڌيڪ علاج لاءِ سيوهڻ منتقل ڪيو ويو آهي، ڊي ايڇ ڪيو اسپتال دادو جي ميڊيڪل سپرنٽينڊنٽ ڊاڪٽر امجد حسين مستوئي واقعي بعد ايمرجنسي لڳائي زخمين جو علاج ڪيو ويو.

بقايا 2 دعوي

ڪئي آهي. ان حوالي سان ايس ايس پي لاڙڪاڻو احمد فيصل چوڌري ٻڌايو ته لاشاري ٿاڻي جي حد عثمان لاڙو واري علائقي ۾ گشت تي موجود پوليس واردات جي نيت سان بيٺل ڌوهارين کي ناپاڪ مقصدن ۾ ناڪام بڻائي ڇڏيو. مقابلي دوران ٻنهي طرف کان فائرنگ جي نتيجي ۾ پوليس هڪ ڌوهاري کي زخمي حالت ۾ ٽي ٽي پسٽل سميت گرفتار ڪري ورتو آهي. زخمي حالت ۾ گرفتار ڌوهاري جي سڃاڻپ منل خروس پٽ پنهور خروس رهائشي يوٽ خروس طور ٿي آهي. شروعاتي جاچ موجب گرفتار ڌوهاري رتوديرو ۽ ٺٽون ديرو ۾ ٿيل وارداتن ۽ سنگين ڪيسن ۾ ملوث آهي. فرار ڌوهارين جي گرفتاريءَ لاءِ علائقي ۾ سرچ آپريشن ڪيو پيو وڃي.

بقايا 3 گرفتار

2000 روپيه ڪٽوتي ڪرڻ جي عوامي شڪايتن تي حيدرآباد کان آيل ايف آئي اي جي ٽيم پوليس اهلڪارن جي مدد سان مختلف علائقن ۾ ڇاپا هڻي 3 ڊوائيس هولڊرن ۽ ايجنٽن کي متاثر عورتن کان ڪٽوتي واري رقم وٺڻ جي الزام تحت گرفتار ڪري ورتو ، جنهن ۾ ڪابوءِ گرفتار ڪيل 3 ڊوائيس هولڊر ۽ سندن ايجنٽن کي پوليس موبائيلن جي ذريعي حيدرآباد پاڻ سان گڏ کڻي روانا ٿي ويا ، ٽنڊو محمد خان پوليس ايف آئي اي جي ٽيم جي ڇاپن بابت ڪا به ڄاڻ ڏيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو ، پوليس جو چوڻ آهي ته اسان کي حيدرآباد کان آيل ڪنهن به ڪاتي جي ٽيم جي نه اطلاع ڪيو ته وري ٽنڊو محمد خان جي ڪنهن به ٿاڻي تي ڇاپن جي انٽري ظاهر ڪئي آهي جنهن جي ڪري اسان کي ان بابت ڪا به معلومات حاصل ٿي نه سگهي آهي ، هوڏانهن ايف آئي اي جي ٽيم جي ڇاپن دوران مقامي پوليس جا اهلڪار ۽ سندن پوليس موبائيلون پڻ ڇاپن لڳائڻ دوران موجود رهيون ، پوليس ان جي باوجود پاڻ کي لاعلم ظاهر ڪري ڇڏيو ، علائقي ۾ چوٻول آهي ته بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي متاثر عورتن جي امدادي رقم ۾ سرعام ڪٽوتي بابت ضلعي جي بالا عملدارن ، تعلقي عملدارن کي شڪايتن ڪرڻ باوجود ڪو به ازالو نه ٿيڻ تي عوامي شڪايتن جو نوٽيس وٺي حيدرآباد کان آيل ايف آئي اي جي ٽيم ڇاپو هڻي گرفتاريون عمل ۾ آنديون آهن .

بقايا 4 زخمي

سائيڪل تي سوار واپاري سعيد احمد جتوئي ۽ ٽيوي جو فوجي پير بخش ڪوسو ٽوان جتوئي اچي رهيا هئا ته پٽ ٻڌ موٽر سائيڪل سوار هٿياربندن سندن کي روڪي پئسا موٽر سائيڪل ڦر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته هنن مزاحمت ڪئي جنهن تي هٿياربندن گوليون هڻي ٻنهي ڄڻن کي شديد زخمي ڪري فرار ٿي ويا زخمين کي مورو اسپتال آندو ويو جتي سندن جي حالت ڳڻتي جوڳي هئڻ ڪري نواب شاهه اسپتال موڪليو ويو ته زخمي واپاري سعيد احمد جتوئي نواب شاهه اسپتال ويندي رستي ۾ زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو ڊي ايس پي مورو ڊاڪٽر فائزه سودڙ ايس ايڇ او علي نواز شاهاڻي اسپتال پهتي زخمين جي وارثن کان معلومات ورتي مذڪوره واپاري ڏيرڻ مان واپار جا پئسا وٺي نڪتا ته سندن هٿياربند به هنن جي پويان روانا ٿيا جن کي هٿياربندن رستي ۾ روڪي گوليون هڻي زخمي ڪيو ۽ هڪ زخمي فوت ٿي ويو واپاري سعيد احمد جتوئي ۽ ٽيوي جو فوجي پيربخش ڪوسو ٽوان جتوئي ۽ ٺوڙها ڳوٺ جا رهواسي هئا هوڏانهن درس پوليس جو چوڻ آهي ته اسان واقعي واري هنڌ پهتاسين ته پئسا ۽ موٽر سائيڪل اتي پيل هئا اسان پئسا ۽ موٽر سائيڪل زخمي سعيد احمد جتوئي جي ڀاءُ جي حوالي ڪيا آهن جڏهن ته زخمي فوجي پير بخش ڪوسو اسپتال ۾ بيان ڏنو آهي ته اسان وٽ ٽيهه چاليهه لک روپيه هئا جڏهن ته پوليس 10 لک ظاهر ڪري ٿي خبر پوڻ تي وڏي تعداد ۾ زخمين جا وارث ۽ شهري اسپتال پهتا نواب شاهه موڪلڻ تي اسپتال ۾ ايمبولينس نه هئڻ ڪري ڪافي دير تائين زخمي تڙپندا رهيا بعد ۾ شديد زخمي ٿيل سعيد احمد جتوئي کي پرائيويٽ 86 ماڊل جي ڪار ۾ نواب شاهه موڪليو ويو جتي هو رستي ۾ زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو جڏهن ته ڪافي دير کان پوءِ ايمبولينس اچڻ ڪري ٻي زخمي پير بخش ڪوسو کي نواب شاهه اسپتال منتقل ڪيو ويو زخمين جي وارثن مورو اسپتال ۾ اڻ پورا انتظام هئڻ ڪري اسپتال جي انتظاميه خلاف احتجاج پڻ ڪيو ايس ايس پي نوشهروفيروز روحل کوسو ۽ ڊي ايس پي مورو ڊاڪٽر فائزه سودڙ پوليس جي وڏي تفري سان واقعي واري هنڌ پهچي شاهدين گڏ ڪيس ۽ ماڻهن کان هن واقعي بابت پڇا ڪئي

بقايا 5 آڪاسي وڻي

سيڪيورٽي ادارن علائقي کي گهيري ۾ وٺي ڳولا ڪاروائي شروع ڪري ڇڏي آهي. ذريعن موجب هي ڌماڪو سلطان ڪوٽ ۽ همايون ريلوي اسٽيشنن جي وچ ۾ ان وقت ٿيو جڏهن ڪوئيٽا کان راولپنڊي ويندڙ جعفر ايڪسپريس ٽرين اتان گذري چڪي هئي. ڌماڪو ٽرين جي گذرڻ کان ٿوري دير پوءِ پيش آيو جنهن سبب ڪنهن به جاني نقصان جون ڪوبه خبرون حاصل نه ٿيون آهن. البت ريلوي پٽڙي کي وڏو نقصان پهتو آهي، واقعي جي ڄاڻ ملندي ئي ريلوي پوليس، ضلعي پوليس ۽ ٻين قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جا آفيسر ۽ اهلڪار فوري طور واقعي واري هنڌ پهچي ويا. سيڪيورٽي ادارن علائقي کي مڪمل طور گهيري ۾ وٺي ثبوت گڏ ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيا آهن. جڏهن ته بم ناڪاره بڻائڻ واري ٽيم کي پڻ سڏايو ويو آهي. پوليس ذريعن موجب ڌماڪي جي نوعيت ۽ سببن جو پتو لڳايو پيو وڃي. جڏهن ته علائقي ۾ ڳولا ڪاروائي جاري آهي ته جيئن ڪنهن به ممڪن خطري کي وقت سر ختم ڪري سگهجي. ٻئي پاسي، هن واقعي سبب ڪوئيٽا کان پنجاب ويندڙ عيد خاص ٽرين کي جيڪب آباد ريلوي اسٽيشن تي روڪي ڇڏيو ويو آهي.

بقايا 6 فوت

ٽڪرائجي وڃي جنهن جي نتيجي ۾ رڪشا بي قابو ٿي سامهون بيٺل ٽرالر سان وڃي ٽڪرائجي ويو حادثي جي نتيجي ۾ رڪشا هلائيندڙ پورهيت نوجوان خميسو ولد شوڪت علي ڪوراڄي موقعي تي ئي فوت ٿي ويو جڏهن ته جسم کي ايڌي ايمبولينس ذريعي تعلقه اسپتال مورو منتقل ڪيو ويو جتي ضروري قانوني ڪارروائي مڪمل ڪرڻ بعد فوتي جو لاش وارثن حوالي ڪيو ويو. واقعي کان پوءِ علائقي ۾ سوڳ جي لهر ڇانئجي وئي جڏهن ته فوتي جي گهر ڪهرام مچي ويو عيني شاهدن موجب حادثو تيز رفتاري ۽ بي احتياطي سبب پيش آيو پوليس موجب واقعي جي وڌيڪ جاچ جاري آهي ۽ ڊمپر ڊرائيورن خلاف قانوني ڪاروائي ڪئي ويندي. مقامي شهرين اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته نيشنل هاءِ وي تي ٽريفڪ ضابطن تي سختي سان عمل ڪرائي حادثن کي روڪڻ لاءِ قدم کنيا وڃن.

بقايا 7 آپگهات

ورهين جي نوجوان ڊاڪٽر راول راءِ ميگهواڙ مبينا طور پنهنجي مٿان پيٽرول هاري باهه ڏئي آپگهات جي ڪوشش ڪئي آهي. مقامي ماڻهن موجب ڊاڪٽر راول ميگهواڙ ميهڙي روڊ تي قائم هڪ يونٽ تان پيٽرول خريد ڪيو ۽ پرسان ئي پنهنجي پاڻ کي باهه ڏئي ساڙي ڇڏيو آهي. واقعي جي اطلاع تي پوليس فوري طور پهچي زخمي ڊاڪٽر کي سرڪاري اسپتال اسلام ڪوٽ منتقل ڪيو جتي ابتدائي علاج بعد سندس حالت ڳڻتي جوڳي هجڻ ڪري وڌيڪ علاج لاءِ ڪراچي منتقل ڪيو پيو وڃي. ڊيوٽي ڊاڪٽرن موجب باهه سبب زخمي ڊاڪٽر جي جسم جو لڳ ڀڳ 35 کان 40 سيڪڙو حصو متاثر ٿيو آهي. پوليس موجب وارثن جو چوڻ آهي ته ڊاڪٽر راول نفسياتي مسئلن ۾ مبتلا هو ۽ سندس علاج پڻ جاري هو جڏهن ته واقعي بابت وڌيڪ جاچ جاري آهي

بقايا 8 مجبور

ڪي وڪڻڻ لاءِ شهر جي مختلف هنڌن تي هوڪا، خبر موجب مڪاني ڪاتي جا رٽائرڊ ملازم پنج مهينن کان پينشن نه ملڻ بعد پنهنجي معصوم ٻارن کي وڪڻڻ تي مجبور ٿي ويا آهن رٽائرڊ ملازمن ٽولين جي شڪل ۾ شهر جي مختلف هنڌن تي ٻارن کي ڪي وڪڻڻ لاءِ هوڪا ڏنا. انهي موقعي تي رٽائرڊ ملازمن جو چوڻ هو ته ميئر حيدرآباد پنجن مهينن کان پينشن بند ڪري رکي آهي، بک ۽ بدحالي سبب پنهنجي ٻچن کي وڪرو ڪرڻ تي مجبور آهيون. هنن چيو ته ٻارن کي وڪڻڻ سان گهٽ ۾ گهٽ اهي فاقا ڪشي ۾ مرڻ کان بچي پوندا. هنن چيو ته 740 رٽائرڊ ملازمن جي پينشن بند آهي، جنهن سبب انتهائي بدحالي جو شڪار ٿي ويا آهيون. پر هنن کان جاري احتجاج باوجود مڪاني ڪاتي ۽ ميونسپل ڪارپوريشن ڪوبه تدارڪ نه پئي ڪري.

بقايا 9 احتجاج

تي اينڊڻي پوائنٽ بسن مان لهي پيا هڪ وڏي ريلي ڪڍڻ بعد مختلف ڊپارٽمنٽن جو گشت ڪرڻ بعد اي سي ٽو بلڊنگ اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪرڻ بعد ڌرڻو هنيو ويو مسئلن جي حل لاءِ ڇتي نعريبازي ڪئي وئي مڪمل انتظاميا خاموش جامشورو جي مهراڻ يونيورسٽي جي پورهيت ملازم سالياني بونس عيد ليوانڪيشمنٽ جا حاصلات لاءِ ڊائريڪٽر فنانس کي هٽائڻ لاءِ ملازم پورهيت جي احتجاج جي جاري رکندي 14 هين ڏهاڙي ڏينهن ۾ جاري رکندي ميوا جي سڏ تي ملازم صبح جو ڊيوٽين تي اينڊي ٿي پوائنٽ بسن مان لهي پيا هڪ وڏي هوندي ريلي ڪڍي وئي احتجاج ڪندڙ مختلف ڊپارٽمنٽن جو گشت ڪرڻ بعد اي سي ٽو اڳيان گڏ ٿي مسئلن جي حل لاءِ ڇتي نعريبازي ڪندي ڌرڻو هنيو ۾ انتظاميا اختيار ڪري ويٺل ملازمن ۽ ٺاهه احتجاجي تحريڪ تيز ڪرڻ لڳي مهراڻ يونيورسٽي جي نمائنده تنظيم ميوا جي سڏ تي سوين ملازم صبح سان پوائنٽ بسن مان لهي پيا مختلف ڊپارٽمنٽن کان ريلين ڪڍي حقن جي حاصلات لاءِ نعريبازي ڪندي مختلف روڊن تان گشت ڪري بعد اي سي ٽو بلڊنگ اڳيان گڏجي ڌرڻو هنيو ويو ان موقعي ميوا اڳواڻن ممتاز ڪلهوڙو شهاب راڄپهائي قادر برفت اقبال جويو زاهد برفت سيد سجاد شاه محمد جمن بليدي عبدالرحيم ناريجو حسن جويو ياسر پنهور هوشو برفت ۽ ٻين چيو پورهيتن جو سال ۾ هڪ پيرو بونس ملندو آهي جنهن اسان جا ٻچا عيد ڪندا آهيون اها عيد صفا وڃهڻ جي ڪوشش آهي پر انتظاميا اڃا اسان کي ليوانڪيشمنٽ نه ٿي ڏي جنهن سبب اسان ۽ اسان جا ٻچا عيد ڪرڻ لاءِ سخت پريشان آهن هنن چتاءُ ڏيندي چيو آهي جيڪڏهن اسان جلد ليوانڪيشمنٽ ڏئي عيد ڪرائي وڃي ۽ ڪريٽ جي ايف فنانس کي نه هٽايو وڃي ته ٻي صورت ۾ احتجاج جاري رکڻ سان گڏ يونيورسٽي ۾ ڊيوٽين جو بائيڪاٽ ڪيو ويندو

بقايا 10 ڊي سي لاڙڪاڻو

سنڀالي ورتي آهي ۽ پنهنجون ذميواريون باقاعده طور تي نڀائڻ شروع ڪري ڇڏيون آهن. ان سلسلي ۾ ڪالهه نئين ڊپٽي ڪمشنر لاڙڪاڻو چارج وٺڻ کان پوءِ ضلعي جي مختلف سرڪاري کاتن جي آفيسرن سان تعارفي اجلاس جي صدارت پڻ ڪئي، جنهن ۾ آفيسرن پنهنجو تعارف پڻ ڪرايو ۽ پنهنجي کاتن جي ڪارڪردگي بابت پڻ بريفنگ ڏني. ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر لاڙڪاڻو طارق منظور چانڊيو اجلاس کي خطاب ڪندي چيو ته ضلعي ۾ عوامي مسئلن جي حل ۽ ترقياتي ڪمن کي تيز ڪرڻ سندس اولين ترجيح هوندي. هن آفيسرن کي هدايت ڪئي ته هو پنهنجي ذميوارين کي ايمانداري ۽ محنت سان نڀائين ۽ عوام کي بهتر سهولتون فراهم ڪن. هن وڌيڪ چيو ته عوامي شڪايتن جي تڪڙي ازالي لاءِ عملي قدم کنيا ويندا ۽ سڀئي کاتا پاڻ ۾ بهتر رابطي سان ڪم ڪن ته جيئن ضلعي جي ترقي کي يقيني بڻائي سگهجي. اجلاس ۾ مختلف کاتن جي آفيسرن شرڪت ڪئي ۽ نئين ڊپٽي ڪمشنر لاڙڪاڻو کي مڪمل سهڪار جو يقين پڻ ڏياريو.

بقايا 11 آپگهات

نصرالله جسڪاڻي بيروزگاري کان تنگ اچي ڦاهو کائي آپگهات ڪري ڇڏيو، ٽنڊو محمد خان جي ملاڪاتيار روڊ ڳوٺ گولو جسڪاڻي جو 25 سالا نوجوان نصرالله جسڪاڻي بيروزگاري ۽ بدحالي کان تنگ اچي پنهنجي ئي گهر ۾ اندر ڪمري جي ڇت ۾ رسو ٻڌي ڦاهو کائي آپگهات ڪري ڇڏيو، نوجوان جي آپگهات واري واقعي کانپوءِ سندس گهر ڀاتين لاش کي ٽنگيل ڏسي روڄ راڙو پئجي ويو جنهن کانپوءِ پوليس کي اطلاع ڪيو ويو، پوليس لاش کي ڳوٺ مان ڪڍائي ٽنڊو محمد خان جي اسپتال پهچايو جتان ضروري ڪاروائي کانپوءِ لاش وارثن حوالي ڪيو ويو، آپگهات ڪندڙ 25 سالا نوجوان نصرالله جسڪاڻي پنهنجي روزگار لاءِ مختلف سرڪاري ۽ خانگي ادارن ۾ روزگار ڪرڻ لاءِ درخواستون ڏنيون هيون پر ڪٿي به روزگار ملي نه سگهيو ، جنهن سبب بيروزگاري بدحالي کان تنگ اچي ٽيٽ پنهنجي زندگي جو ڏيئو اجهائي آپگهات ڪري ڇڏيو .

بقايا 12 دڪانن ۾ باهه

پکڙجي وئي ريسڪيو 1122 جي ترجمان موجب سينٽرل ڪمانڊ اينڊ ڪنٽرول کي اطلاع ملندي ئي فائر اينڊ ريسڪيو ٽيمون، ايمبولينس ۽ فائر برگيڊ گاڏيون فوري طور تي واقعي واري هنڌ ڏانهن روانيون ڪيون ويون ۽ باهه وسائڻ جو عمل شروع ڪيو ويو فائر برگيڊ عملدارن موجب شاپنگ مال جي بيسمنٽ ۾ ٻن کان ٽن ڪپڙن جي دڪانن ۾ باهه لڳي وئي. فائر برگيڊ جي پنج گاڏين باهه تي ضابطو آڻڻ ۾ حصو ورتو جڏهن ته بيسمنٽ ۾ ڀريل دونهين کي خاص مشينن جي مدد سان ٻاهر ڪڍيو ويو ريسڪيو آپريشن دوران به فائر فائٽر بلال ۽ سڪندر دونهين سبب بي هوش ٿي ويا ۽ انهن کي فوري طبي امداد فراهم ڪئي وئي. آفيسرن موجب واقعي ۾ ڪو به شهري جي جاني نقصان جو اطلاع نه مليو آهي. چيف فائر آفيسر همايون خان موجب بروقت ڪاروائي سبب باهه تي ضابطو آندو ويو جڏهن ته باهه جا سبب معلوم ڪيا پيا وڃن ٻئي طرف مارڪيٽ ايسوسيئيشن، فائر برگيڊ اهلڪارن جي بروقت ڪاروائي جي تعريف ڪندي، انهن لاءِ 10 لک رپين جي انعام جو اعلان ڪيو. جڏهن ته بيهوشي ٿي ويل فائر فائٽر سڪندر لاءِ اضافي 2 لک رپين جو اعلان پڻ ڪيو ويو. واقعي جي ڪري ڪراچي ٽريفڪ پوليس طارق روڊ تي پنهنجي پاسس کان اتحاد چوڪ کان لبرٽي چوڪ تائين ٽريفڪ کي متبادل لين ڏانهن موڙي ڇڏيو شهرين کي پريشاني کان بچڻ لاءِ متبادل رستا اختيار ڪرڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي. ٽريفڪ پوليس اهلڪار موقعي تي موجود رهي ٽريفڪ جي وهڪري کي برقرار رکڻ ۾ مصروف آهن

بقايا 13 گرفتار

۾ ڪابورو برادري جي ٻن ڌرين ۾ ٿيل جهيڙي دوران فوت ٿي ويل نور محمد ڪابورو ۽ ٻن ڀائرن کي زخمي ڪرڻ واري معاملي جي ڪيس شهيد مخدوم بلاول ٿاڻي تي داخل 2 جوابدار گرفتار ڪري ڏينهن شهيد مخدوم بلاول ٿاڻي جي حد ڳوٺ فتح محمد ڪابورو ۾ ڪابورو برادري جي ٻن ڌرين ۾ ٿيل جهيڙي دوران هڪ ڀاءُ 46 سالا نورمحمد پٽ مولابخش ڪابورو فوت ٿي ويو هو ۽ ٻه ڀائر شبير ۽ خير محمد ڪابورو زخمي ٿيا هئا واقعي بنسبت قتل بالسبب جو ڪيس فوتي جي ڀاءُ دلدار پٽ ميرل ڪابورو جي فرياد تي شهيد مخدوم بلاول ٿاڻي تي گناهه نمبر 13/2026 ڏفعن 322, 324, 114, 147, 148, 149 ت پ تحت داخل ڪيو ويو آهي. ايس ايس پي دادو ڪيپٽن(ر) امير سعود مگسي جي هدايتن تي شهيد مخدوم بلاول پوليس وڌيڪ ڪاروائي ڪندي ڪيس ۾ گهربل ٻن جوابدارن عاشق ڪابورو ۽ رمضان ڪابورو کي گرفتار ڪري ورتو آهي، وڌيڪ جاچ جاري آهي.

بقايا 14 زخمي

قاضي صاحبڏنو جو رهواسي 44 سالن جو عبدالستار سومرو ڏڏي تي فوت ٿي ويو جڏهن ته ڳوٺ جمعون خاصخيلي جا رهواسي 31 سالن جو الهجڙايو ۽ 28 سالن جو نديم خاصخيلي سخت زخمي ٿي پيا، جن کي ٽئون ڪوٽ جي اسپتال ۾ داخل ڪيو ويو آهي. ٻيو حادثو اسلام ڪوٽ لڳ اونڊيو لڪ تي پيش آيو جتي لانگ جيپ کي اوچتو بريڪ هڻڻ تي پٺ تي ويٺل مٽي جي کاڻ جو رهواسي 46 سالن جو نول ولد پيگڙو هيٺ ڪري پيو ۽ فوت ٿي ويو جنهن کي اسلام ڪوٽ اسپتال پهچايو ويو جتي ڊاڪٽرن موت جي تصديق ڪئي.

بقايا 15 رک

جنهن سبب گهر ۾ پيل سمورو سامان سڙي رک ٿي ويو باهه لڳڻ سبب منظور چانڊيو جي نياڻي لاءِ تيار ڪيل ڏاج، ڏاوڻ، روڪ رقم ۽ ٻيو گهريلو سامان به باهه جي لپيٽ ۾ اچي مڪمل طور سڙي ويو واقعي دوران معجزاتي طور ڪنهن به قسم جو جاني نقصان نه ٿيو جڏهن ته باهه لڳڻ جي اطلاع باوجود فائر برگيڊ جو عملو واقعي واري هنڌ تي پهتو نه پهتو بعد ۾ ڳوٺاڻن پنهنجي مدد پاڻ تحت ڪوششون ڪري باهه تي ضابطو آندو ۽ باهه وسائي ڇڏي. متاثر پورهيت منظور چانڊيو سخت مالي نقصان سبب پريشان آهي. باهه لڳڻ جو سبب اڃا تائين معلوم نه ٿي سگهيو آهي. علائقي واسين لاڳاپيل اختيارين کان گهر ڪئي آهي ته متاثر خاندان جي مالي مدد ڪئي وڃي.

بقايا 16 ڪهرام

اسٽاپ پرسان روڊ ڪراس ڪندڙ ڳوٺاڻي مٿان ٽرالر چڙهي وڃڻ سبب ان کي نازڪ حالت ۾ اسپتال آندو ويو پر زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو ته زخمن سڃاڻپ ڪنڊيارو پرسان ڳوٺ ساحن مگريو جي رهواسي محمد امين مگريو طور ٿي ٻڌايو پيو وڃي ته ڳوٺاڻو امين مگريو ڪراچي مزدوري ڪندو هو عيد جي موقعي تي ڳوٺ اچي رهيو هو ته بيڙي اسٽاپ پرسان وين مان لهڻ بعد روڊ ڪراس ڪرڻ دوران ٽرالر سندس مٿان چڙهي ويو جنهن سبب فوت ٿي ويو فوتي جو لاش ضروري ڪاروائي بعد وارث کڻائي ويا لاش گهر پهچڻ تي روڄ راڙو مچي ويو

بقايا 17 سڙي رک

چلهه مان چڻنگ اٿڻ سبب باهه لڳي وئي، جيڪا ڏسندي ڏسندي ٻنهي گهرن کي پنهنجي لپيٽ ۾ آڻي ڇڏيو ۽ باهه سبب گهرن ۾ موجود روزمره استعمال جون شيون، اناج، ڪٽون، بسترا ۽ ٻيو سمورو قيمتي سامان سڙي خاڪ ٿي ويو. جنهن ڪري متاثر خاندانن کي وڏو مالي نقصان پهتو آهي. واقعي دوران گهر ۾ موجود عورت مائي پٺاڻي باهه ۾ سڙي زخمي ٿي پئي، جنهن کي وارثن فوري طور تي ڪمس گمبٽ اسپتال منتقل ڪيو جتي سندس علاج جاري آهي. باهه جي نتيجي ۾ هڪ ڳئون ۽ هڪ مينهن به سڙي زخمي ٿي پيون. هوڏانهن باهه کانپوءِ متاثر خاندان کليل آسمان هيٺ بي يارو مددگار ويٺل آهن ۽ سخت پريشاني واري صورتحال کي منهن ڏئي رهيا آهن متاثرن حڪومت، انتظاميا ۽ سرنڌي وارن کي اپيل ڪئي آهي ته کين فوري طور مالي امداد ۽ رهائش لاءِ سهولتون فراهم ڪيون وڃن ته جيئن هو پنهنجي معمول جي زندگي ٻيهر شروع ڪري سگهن.

بقايا 18 دعوي

عورت با حفاظت بازياب ايس ايس پي نوشهروفيروز مير روحل خان کوسو پاران ڏوهاري عنصرن خلاف جاري ڪاروائين جي سلسلي ۾ مورو پوليس ڪاروائي ڪندي عورت کي بازياب ڪرائي ملوث جوابدار کي گرفتار ڪري ورتو موروٿاڻي جي پوليس کي ڳجهين ذريعن کان اطلاع مليو ته ملتان، پنجاب جو رهواسي جوابدار محمد سرفراز ولد محمد صادق راجپوت هڪ عورت مسمات نازيه زال انيس شيخ کي راشن ۽ پئسن جو لالچ ڏئي پاڻ سان گڏ وٺي آيو آهي جنهن کي پوءِ وڪرو ڪرڻ جو ارادو هو اهڙي اطلاع ملڻ تي مورو ڊي ايس پي فائزه سودڙ ۽ ايس ايڇ او مورو امتياز علي ڪهاوڙ پنهنجي اڳواڻي ۾ ڪاروائي ڪندي جوابدار کي گرفتار ڪري ورتو جڏهن ته عورت کي بازياب ڪرائي ورتو ويو پوليس جو چوڻ آهي ته بازياب ڪرايل عورت پنهنجي شروعاتي بيان ۾ هن ڳالهه جي تصديق ڪئي آهي ته جوابدار کيس راشن ۽ پئسن جو لالچ ڏئي پاڻ سان گڏ وٺي آيو هو پوليس جوابدار ۽ عورت کي پنهنجي تحويل ۾ وٺي قانوني ڪاروائي شروع ڪري ڇڏي آهي ۽ جوابدار خلاف لاڳاپيل قلمن هيٺ ڪيس داخل ڪيو ويو آهي ۽ وڌيڪ جاچ جاري آهي. ڊي ايس پي مورو فائزه سودڙ طرفان عوام کي يقين ڏياريو ويو آهي ته انساني اسمگلنگ ۽ اهڙن ڏوهن ۾ ملوث عنصرن خلاف بنا ڪنهن فرق جي ڪاروائيون جاري رهنديون.

بقايا 19 بچي ويا

پلازه جي مٿين حصي ۾ هڪ فليٽ ۾ اوچتو باهه وڪوڙي وئي جنهن سبب ڏسندي ڏسندي پوري گهر کي لپيٽ ۾ آڻي ڇڏيو ان دوران گهر ۾ موجود عورت مريم زال نديم صديقي سندس پٽ شافع صديقي ۽ ڌي ايفا صديقي فوت ٿي ويا باهه جي اطلاع ملڻ تي پاڙي وارن باهه وسائڻ جي ڪوشش ڪئي پر فائر برگيڊ جي اچڻ تائين پورو گهر راک ٿي چڪو هو بعد ۾ پوليس ۽ ريسڪيو ٽيمون گهر مان لاش ڪڍي سول اسپتال آندا جتي قانوني ڪارروائي پوري ڪري وارثن حوالي ڪيا ويا لاش گهر پهچڻ سبب گهر ۾ ڪهرام مچي ويو ۽ سندن عيد جون خوشيون ماتم ۾ تبديل ٿي ويون ٻڌايو پيو وڃي ته باهه لڳڻ گهر بلڊر نديم صديقي جو هيو ۽ پلازه به ان جو پنهنجو هيو جيڪو باهه ۾ ٻري پلازه ۾ اعتماد ۽ ريلڪ ڀاڻي شروعات ۾ نڪري ويا جيڪي بچي ويا

بقايا 20 شاهه رخ انور سيال

شاهه رخ انور سيال طرفان پنهنجي رهائشگاهه تي معذور ماڻهن ۾ ويل چيئر ۽ غريب نياڻين جي تعليم لاءِ اسڪالر شپ جون چيڪون اسٽوڊنٽ ورهائڻ جي تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن تقريب ۾ پ پ پ اڳواڻ غلام رسول لغاري، علي رضا سومرو، محمد يوسف ڏيٿو سميت معذور ماڻهن توڙي نياڻين جي والدين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي ٽائون چيئرمين پاران معذور ماڻهن کي ويل چيئر ۽ نياڻين جي تعليم لاءِ سندن والدين کي چيڪون ڏنيون ويون ميڊيا سان ڳالهائيندي شاهه رخ انور سيال چيو ته چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري، چيئرمين ۽ صدر پاڪستان آصف علي زرداري، ايم پي اي فريال ٽالپر ۽ ايم پي اي سردار سهيل انور سيال جي خاص هدايتن تي شهرين جي خدمت ۾ مدد جو سلسلو جاري آهي. ان حوالي سان اڄ کيترن ئي معذور شهرين کي ويل چيئرس ڏيڻ سان گڏ غريب نياڻين جي تعليم لاءِ اسٽوڊنٽ اسڪالر شپ تحت سندن والدين کي چيڪون پڻ ڏنيون ويون آهن ته جيئن سندن زندگي ۾ آساني پيدا ٿي سگهي. هن چيو ته اسان هميشه سياست عوام جي حقن خاطر ڪئي آهي، جيڪو اسان جي پارٽي جي منشور ۾ پڻ شامل آهي، جڏهن ته اسان شهرين سان سندن هر ڏک سک ۾ گڏ آهيون، جتي به اسان جي ضرورت پئي ته اسين انهن سان گڏ بيهنداسين.

بقايا 21 مبينا مقابلو

زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو جڏهن ته سندس ست ساٿي ڀڄي ويا. سکر پوليس جي ترجمان موجب، ڏاڙيل واردات ڪرڻ جي ارادي سان روڊ تي موجود هئا پوليس ڏسندي ئي فائرنگ شروع ڪري ڇڏي. پوليس فوري ڪاروائي ڪندي ڏاڙيلن جو پيڇو ڪيو ۽ هڪ کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو زخمي گرفتار ڏاڙيل جي سڃاڻپ سعيد احمد جاگيراڻي جي نالي سان ٿي آهي. جنهن جي قبضي مان ٽي ٽي پسٽول، ميگزين ۽ گوليون هٿ ڪيون ويون آهن . پوليس موجب گرفتار ڏوهاري ڪيترن ئي وارداتن ۾ ملوث رهيو آهي، جنهن ۾ اسٽريٽ ڪرائيم، چوري، ڦر ۽ ٻين سنگين وارداتن سميت پوليس مقابلا شامل آهن . زخمي کي فوري طور تي لاڳاپيل اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي ٻئي پاسي، ڀڄي ويل ڏاڙيلن جي گرفتاري لاءِ علائقي ۾ سرچ آپريشن جاري آهي. جڏهن ته گرفتار جو ڪرمنل رڪارڊ مختلف ٿاڻن ۽ ضلعن کان حاصل ڪيو پيو وڃي. اي ايس ايس پي سکر اظهر خان ڪامياب ڪاروائي تي پوليس ٽيم کي شاباسي ڏني ۽ تعريفي سرٽيفڪيٽ ڏيڻ جو اعلان پڻ ڪيو آهي.

بقايا 22 ڪيس داخل

اسپتال ۾ ڊاڪٽر جي آپگهات جي ايف آءِ آر سيڪشن آفيسر سميت صحت جي 8 ملازمن خلاف داخل ٿرپارڪر ، ٿرپارڪر ضلعي جي هيڊ ڪوارٽر شهر مٺي جي اسپتال ۾ 19 گريڊ جي سينئر ڊاڪٽر عبدالڪريم شيخ جي آپگهات واقعي جي سندس پٽ صادق ڪريم شيخ جي فرياد تي مٺي ٿاڻي تي صحت کاتي جي 8 آفيسرن مٿان ڪيس داخل ٿي ويو آهي. ڪيس ۾ صحت کاتي سنڌ جي سيڪشن آفيسر شفيق اڄڻ، ڊاڪٽر هريش جڳاڻي، ڊاڪٽر عبدالمالڪ ٿهڙي، ڊاڪٽر موهن ڪتري، برڪت هنگورجو رجب ڪنڀار سردار پيل ۽ منارا پيل کي نامزد ڪيو ويو آهي. ايس ايڇ او مٺي مبارڪ راڄڙ جي موڪل تي روانگي بعد ايس ايڇ او قادر بخش ڀهراڻي چارج سنڀالي ڪيس داخل ڪري ورتو. ايس ايڇ او مبارڪ راڄڙ سرڪاري حڪم نامو نه مڃڻ ڪري جبري موڪل تي روانو ڪيو ويو جڏهن ته قادر بخش ڀهراڻي کي ڇهه ڏينهن اڳ سزا طور هٽايو ويو هو پر ٽيٽ ٻيهر مقرر ڪيو ويو. جنهن ايف آءِ آر درج ڪري ورتي آهي.

بقايا 23 مظاهرو

سياسي سماجي علمي ادبي تنظيمن جي اڳواڻن ڪارڪنن شهرين سميت هر مڪتب فڪر سان تعلق رکندڙ ماڻهن اڄ 3ڏينهن بعد مورو پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو علائقي بڪ هڙتال ڪئي جنهن جي اڳواڻي مشهور وڪيل گلزار علي عالماڻي، ايس يو پي اڳواڻ ياسين سومرو، قيدين جي وارثن علي دوست رند، محسن علي رستماڻي، ايڊووڪيٽ اسرار احمد پٽي، ايڊووڪيٽ نصير احمد ڪوڪر نواز علي ڪلهوڙو حسين بخش ڪوڪر ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا. هنن چيو ته ڳوٺ لغاري بيرجاڻي ۾ شهر مورو جا مزدور پورهيت هاري ۽ ڪاروباري ماڻهن نوجوانن کي گرفتار ڪري دهشتگردي جا ڪوڙا ڪيس داخل ڪري جيل ۾ واڙيا ويا آهن. 10 مهينا گذري ويا آهن ڊسٽرڪٽ جيل ۾ مغوي ٿيل آهن انهن جو ڪيس به نه هلايو وڃي ۽ ضمانتون به ڪرڻ نه ٿيون ڏيون وڃن ملاقاتون به بند آهن ۽ انهن بيگناهه قيدين جو ڏوهه ڪهڙو آهي جو هو ڏهن مهينن کان قيد آهن حڪمران جبر بربريت ڏاڍ ڪري رهيا آهن قيدين جي گهرن ۾ ڪهرام متل آهي ٻار ٻچا بيماري سبب تڙپي رهيا آهن بي سهارو بڻيل آهن هن ظلم ۽ ڏاڍ تي ٻي خاموش آهن. عيد اچڻ واري آهي انهن اسيرن جي ٻارن کي ڪپڙا ڪير وٺي ڏيندو ٻار ۽ گهر ڀاتي پنهنجن پيارن جي جدائي ۾ روئي چون ٿا اسان جا پيارا ڪوڙن ڪيسن ۾ قيد آهن انهن کان سواءِ عيد جون خوشيون ختم ٿيل آهن. هڪ غريب پيرسن علي دوست رند پاڪ ڪتاب کڻي حڪمرانن کي پٽيون پاراتا ڏيندي چيو ته منهنجو پٽ ممتاز رند گڏهه گاڏو هلائيندو هو جيڪو ڏهن مهينن کان بي گناهه قيد آهي ان کان علاوه ڪيترائي مسڪين پورهيت عذاب هيٺ آهن ۽ اسان وارث پڻ تڪليفن ۾ آهيون. هنن سپريم ڪورٽ جي چيف جسٽس سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس ديهي توڙي پرڏيهي انساني حقن جي تنظيمن ادارن کان مطالبو ڪيو آهي ته مورو ۾ حڪمرانن جي ظلم بند ڪرايو وڃي بيگناهه قيدين تان ڪوڙا ڪيس ختم ڪري انهن کي آزاد ڪيو وڃي محاصرا ختم ڪرائي انصاف ڪيو وڃي هنن چيو ته قيدين جي آزادي تائين اسان جو احتجاج جاري رهندو ۽ عيد واري ڏينهن پڻ مورو پريس ڪلب آڏو عورتن معصوم ٻارڙن سميت ڌرڻو هنيو ويندو.

بقايا 24 زخمي

ضلعي جا ٿاڻا خانگي ماڻهن حوالي ڪيا ويا آهن جيڪي منشيات ۽ ڪارو ڌنڌو هلائي پوليس کي منٿلي ڏيڻ لڳا اهڙن ماڻهن جي انڌاڌنڌ فائرنگ سبب عورتن سميت چار ماڻهو زخمي ٿي پيا خبر موجب ڪالهه رات جو دير سان لطيف آباد نمبر 9 ۾ اي سيڪشن ۽ بي سيڪشن ٿاڻن جي منٿلي رکوري ڪندڙ ۽ منشيات سميت سمورو ڪارو ڌنڌو ڪندڙن ٻن ڄڻن پاران انڌاڌنڌ فائرنگ ڪري ٻن عورتن سميت 4 ماڻهن کي زخمي ڪري وڌو جن کي سول اسپتال حيدرآباد آندو ويو اطلاع تي اي سيڪشن پوليس فائرنگ ڪندڙ ٻن منشيات فروشن کي گرفتار ڪري وڌو ۽ 9 ڄڻن تي ڪيس داخل ڪيو ويو آهي ياد رهي ته ضلعي جي سمورن ٿاڻن تي پوليس پاران منشيات فروشن کي کلي اجازت ڏئي ڇڏي آهي جيڪي سمورو ڪارو ڌنڌو هلائين ٿا ۽ انهن جا جهيڙا زور جو معمول بڻيل آهن انهن فائرنگ ڪري ماڻهن کي زخمي ڪرڻ جو هي ٽيون واقعو ٿيو آهي

بقايا 25 شهريار مهر

ڏيندي حڪومت تي سخت تنقيد ڪئي آهي. محمد شهريار خان مهر چيو ته معاشي مشڪلاتن باوجود پيٽرول مهانگو ڪرڻ ناقابل قبول قدم آهي حڪومت کي فوري طور تي فيصلو واپس وٺڻ گهرجي ايم اين اي محمد شهريار خان مهر وچ اوڀر ۾ جنگ تي ڳالهائيندي هن چيو ته اسرائيلي جارحيت ۽ آمريڪي پاليسين خطي ۾ بحران جو بنيادي سبب آهن سنڌ جي گورنر جي تبديلي تي رد عمل ظاهر ڪندي هن چيو ته عوام جي جذبات کي مجروح ڪرڻ وارو گورنر ٽڪو رهي نه سگهي.

بقايا 26 زين شاهه

حڪومت سنڌ جي اندر بلدياتي نظام تحت پنهنجي اجاراداري ۽ پنهنجي حاڪميت قائم رکڻ جي لاءِ آئين ۾ اهڙيون ترميمون ڪرائڻ چاهين ٿا جنهن جي اندر اليڪشن کان اڳ ئي اليڪشن ۾ ڌانڌلين جي ذريعي پنهنجي پارٽي جي اميدوارن جي ڪاميابيءَ جي لاءِ اليڪشن کان اڳ ڌانڌلين جا انتظامات ممڪن ٿي سگهن هن پنهنجي بيان ۾ متوقع آئيني ترميم جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي چيو آهي ته ملڪ ۾ اڳ ئي اليڪشن جو نظام غير شفاف ۽ غير جانبدار هجڻ ڪري عوام جو اليڪشن مان اعتماد کڄي ويو آهي، وري جيڪڏهن بلدياتي اليڪشن جي نظام ۾ چونڊيل ميئرز ۽ ناظم يا چيئرمين کي اليڪشن تائين ذميواريون ڏنيون وڃن ٿيون ته اهو آئيني طور جمهوري عمل ۽ غير آئيني طور اليڪشن کان ڌانڌلي جو منصوبو هوندو. ڇاڪاڻ ته ميونسپل ڪارپوريشن، ضلعي ڪائونسلن، ٽائون ڪميٽين ۽ ٻين سمورن ادارن جا اهي چيئرمين جيڪي انهن جو مدو پورو ٿيڻ کانپوءِ به پنهنجن عهدن تي برقرار رهندا ته انهن وٽ اهي مالي اختيار ۽ انتظامي اختيار هوندا جن جي ذريعي هو اليڪشن تي اثرانداز ٿي سگهندا ۽ انهن اختيارين جو ناجائز استعمال ڪري اليڪشن ۾ ووٽ جي خريد ۽ فروخت ڪئي ويندي، نتيجا تبديل ڪيا ويندا ۽ بدترين ڪرپشن ڪري ووٽ جي وڪري کان وٺي فارم 45 ۽ فارم 47 جهڙا نتيجا سامهون ايندا. سيد زين شاهه پنهنجي بيان ۾ چيو آهي ته پيپلزپارٽي جمهوريت ۽ عوام کان خوفزده ٿي مخالف جماعتن جا رستا اليڪشن ذريعي بند ڪرڻ چاهي ٿي ڇاڪاڻ ته هو هاڻي سمجهي چڪا آهن ته عوام هاڻي اسان کي اليڪشن ۾ هارائي ڇڏيندو عوام انهن جي خراب حڪمراني جي ڪري تنگ ٿي ويو آهي ته پوءِ اهڙي قسم جون اڪلون ۽ اهڙي قسم جا انتظامي اختيار يا غير آئيني ۽ غير جمهوري قدم کڻڻ ملڪ جي لاءِ هاڃيڪار ثابت ٿيندا ڇاڪاڻ ته اهڙي قسم جي پريڪٽس نه آئيني آهي، نه جمهوري آهي، نه قانوني آهي ۽ نه ئي اخلاقي آهي، اها پريڪٽس آمريت کان به وڌيڪ بدترين ثابت ٿيندي.

آفيس آف دي پراجيڪٽ ڊائريڪٽر اسڪارپ نارٿ
روهڙي شهيد بينظير آباد

Email:- pdscarpsba@yahoo.com
Phone No. 0244-9370442

No. PD/SNR/SBA/Admn/465
Dated:- 16 / 03 / 2026

آساميون خالي آهن

سنڌ صوبي جو ڊوميسائل رکندڙ اهل اميدوارن کان پراجيڪٽ ڊائريڪٽر اسڪارپ (SCARP) نارٿ روهڙي شهيد بينظير آباد ۾ هيٺين خالي آسامين لاءِ تعليمي قابليت ۽ تجربي جي بنياد تي، هن اشتهار جي اشاعت جي 15 ڏينهن اندر درخواستون گهرائجن ٿيون.

شمار نمبر	پوسٽ جو نالو	BPS	پوسٽن جو تعداد	عمر جي حد	ضلعو (ڊوميسائل)	تعليمي قابليت، تجربو ۽ ٻيا شرط (ڀرتي جي قاعدن موجب هوندا)
01	جونيئر ڪلارڪ	11	01	18_28	متياري	i. HEC مان منظور ٿيل يونيورسٽيءَ مان گريجوئيشن ڊگري (2 سال). ii. SBTE/TTB سنڌ مان رجسٽرڊ ٿيل اداري مان MS Office/ CIT ۾ ڇهن (06) مهينن جو سرٽيفڪيٽ.

عام هدايتون:

اهي اميدوار جيڪي مٿين شرطن تي پورو لهن ٿا، اهي سنڌ حڪومت جي جاب پورٽل https://sjp.gos.pk تي مٿي ڄاڻايل آسامي لاءِ درخواست ڏين.

1. اميدوارن لاءِ لازمي آهي ته هنن IBA سکر ٽيسٽنگ سروس (STS) پاران ورتل گريجوئيشن ڪيٽيگري جي جنرل اسڪريننگ ٽيسٽ گهٽ ۾ گهٽ 40 سيڪڙو مارڪن سان پاس ڪئي هجي ۽ STS پاران جاري ڪيل سرٽيفڪيٽ رکندڙ هجن.
2. اميدوار جي عمر جو حساب درخواست جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ کان ڪيو ويندو. جيئن سنڌ سول سرونٽس رولز 2024 جي رول_7 تحت مهيا ڪيل آهي. جڏهن ته سروسز جنرل ايڊمنسٽريشن اينڊ ڪوآرڊينيشن ڊپارٽمينٽ جي نوٽيفيڪيشن نمبر SOII (SGA&CD)/564/2011 (Part-II) تاريخ 06-03-2025 موجب عمر جي مٿئين حد ۾ پنجن سالن جي رعايت ڏني ويندي.
3. شروعاتي مقرريءَ لاءِ مخصوص ڪيل ڪوٽا جو حصو سنڌ حڪومت جي قانون/ قاعدن/ پاليسي مطابق هوندو.
4. جيڪي اميدوار اڳ ئي سرڪاري نوڪريءَ ۾ آهن، اهي درخواست ڏيڻ کان اڳ پنهنجي لاڳاپيل کاتي مان NOC حاصل ڪن ۽ انٽرويو جي وقت ڊپارٽمينٽل سليڪشن ڪميٽي آڏو اصل NOC پيش ڪن.
5. مقرري سنڌ حڪومت جي 26-04-2023 واري پاليسي ۽ سنڌ سول سرونٽس ايڪٽ 1973 جي شقن ۽ ان جي قاعدن موجب ڪئي ويندي، جنهن ۾ وقت بوقت ترميم ڪئي وئي آهي.
6. اميدوارن کي جاب پورٽل تي ڏنل شيڊيول موجب اصل دستاويزن سان گڏ انٽرويو لاءِ ڊپارٽمينٽل سليڪشن ڪميٽي آڏو پيش ٿيڻو پوندو.
7. رڳو اهل / شارٽ لسٽ ٿيل اميدوارن کي انٽرويو لاءِ گهرايو ويندو.
8. انٽرويو لاءِ ايندڙ اميدوارن کي ڪوبه T.A / D.A نه ڏنو ويندو.

(شعيب احمد سگريو)
پراجيڪٽ ڊائريڪٽر
اسڪارپ (نارٿ روهڙي)
شهيد بينظير آباد

WORK FOR SINDH www.iwork4sindh.com
JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT
INF/KRY/1142/2026

Oil & Gas Development
Company Limited
ogdcl the energy

INVITATION TO E-BIDS
THROUGH SAP ARIBA DISCOVERY

E-Bids are invited through SAP-Ariba Discovery for the service/material given below under competitive bidding procedure as per Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) rules:

SR #	TENDER N0	DESCRIPTION	CLOSING DATE & TIME
1.	OGDCL-SCM-LC-PT-PNP-WTC-315230291-2026	SUPPLY OF WATER TREATMENT CHEMICALS	06.04.2026 AT 1130 Hrs
2.	OGDCL-SCM-LD-PT-PNP-315229281-2026	SUPPLY OF PIPE FITTINGS	06.04.2026 AT 1130 Hrs
3.	OGDCL-SCM-LD-PT-PNP-QP-315198604-2026	SUPPLY OF VALVES	07.04.2026 AT 1130 Hrs
4.	OGDCL-SCM-LD-PT-PENFD-QP-315646534 - 2026	SUPPLY OF CALIBERATION GAS CYLINDERS	09.04.2026 AT 1130 Hrs

EXTENSION NOTICE
BID CLOSING & OPENING DATE

2. Reference our Tender Notice published in newspaper(s) on **25-02-2026,** it is notified that the bid submission/opening date of the following case (s) has been extended as follows:

SR #	TENDER N0	DESCRIPTION	REVISED CLOSING DATE & TIME
1.	OGDCL-SCM-SERVICES-CB-PEFD-314166021-2026	CP SYSTEM CONSULTANCY AND INSTALLATION SERVICES WITH MATERIAL	06.04.2026 AT 1030 Hrs

3. Bidders who have already submitted/ sent their proposals (bids) may take them back and re-submit the same before the revised closing date and time mentioned above
4. All bids will be opened 30 minutes after the bids closing date/ time.
5. Tender Notice/ detailed instructions are available on PPRA website at **www.ppra.org.pk.** Tender documents are available online and bids are also required to be submitted online through e-procurement portal at **https://ogdcl.com/sap-ariba-tenders** or **discovery.ariba.com/profile/AN01562899621.** For details see "Instruction for Bidders Section" of the tender documents.
6. OGDCL reserves the right to accept or reject any bid and to annul the bidding process and reject all the bids as per Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) Rule-33.

General Manager
(Supply Chain Management)
Oil & Gas Development Company Limited
OGDCL House, Plot 03, F-6/G-6, Jinnah
Avenue, Blue Area Islamabad-Pakistan
Tel: +92 (51) 920023652/3780

ogdcl.com
No. 121/25

LARGEST TAX PAYER COMPANY OF THE NATION
WE EXPLORE PROSPERITY

دادو لڳ تيز رفتار مسافر ڪوچ ڪلٽي، ٻه ڄڻا فوت، 30 کان وڌيڪ زخمي

خداآباد شاخ انڊس هاءِ وي تي لاڙڪاڻي کان ڪراچي ويندڙ ڪوچ ڪنٽرول وڃائڻ سبب ڪلٽي ٿي پئي

حادثي سبب 8 سالن جي زليخان ڌيءُ بهادر سولنگي ۽ نوجوان بلاول پٽ سونو خان مگسي فوت ٿي ويا

لاش ۽ زخمين کي اسپتال منتقل ڪيو ويو، 10 زخمين جي حالت ڳنڀير جوڳي، سيوهڻ اسپتال ريفر

دادو/ ٺٽون ڳوٺ (نمائندن وڏان) خداآباد شاخ وٽ تيز رفتار مسافر ڪوچ ڪلٽي نينگري سميت ٻه ڄڻا فوت، 30 زخمي 10 عورتن ۽ مردن ٻارن جي حالت ڳنڀير جوڳي وڌيڪ فوٽيجن جو خدشو دادو پرسان

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو محمد خان: ايف آءِ اي ڇاپي دوران ڊيوائيس هولڊرن ۽ ايجنٽن کي گرفتار ڪري رهي آهي

ٽنڊو محمد خان ۾ حيدرآباد کان آيل ايف آءِ اي ٽيم جا ڇاپا، 3 ڊوائيس هولڊرس گرفتار

عوامي شڪايتن تي ايف آءِ اي ٽيم 3 ڊوائيس هولڊر ۽ سنڌن ايجنٽن کي گرفتار ڪيو

ٽنڊو محمد خان پوليس ايف آءِ اي ٽيم جي ڇاپن بابت ڄاڻ ڏيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو

ٽنڊو محمد خان (ڊ ر) ٽنڊو محمد خان ۾ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي متاثر عورتن جي امدادي رقم ۾ مبينا 1000 کان

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي پوليس پاران مقابلي ۾ ڌاڙيل کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي پوليس مبينا مقابلي ۾ ڌاڙيل کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪري هٿيار هٿ ڪرڻ جي دعويٰ

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

مورو ويجهو ڦر مزاحمت تي هٿياربندن جي فائرنگ ۾ واپاري قتل، هڪ ڄڻو زخمي

ڏيرڻ مناهي لنڪ روڊ تي واپاري سعيد احمد جتوئي ۽ پير بخش ڪوسو کي هٿياربندن روڪي ڦر ڪوشش ڪئي

مزاحمت تي جوابدارن فائرنگ ڪري ٻنهي کي زخمي ڪري ڇڏيو، زخمين کي اسپتال آندو ويو

حالت خراب هجڻ تي کين نوابشاهه نيو پي ويو ته رستي سعيد جتوئي زخمن جا سور نه سهندي دم ڏئي ڇڏيو

مورو (رپورٽ: خدا بخش ميمڻ) مورو پرسان هٿياربند ڦورن جي فائرنگ واپاري سعيد احمد جتوئي قتل ۽ پير بخش ڪوسو شديد زخمي خبر موجب مورو پرسان ڏيرڻ مناهي لنڪ روڊ تي درس ڦاٽي جي حد ۾ موٽر

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

مورو: زخمي ٿيل شخص اسپتال ۾ داخل آهي

شڪارپور ويجهو ريلوي پٽڙي تي زور دار ڌماڪي سان اڏامي وئي

ڪوئيٽا کان راولپنڊي ويندڙ جعفر ايڪسپريس ٽرين گذرڻ بعد ڌماڪو ٿيو

سيڪيورٽي ادارن علائقي کي مڪمل طور گهيري ۾ وٺي جاچ شروع ڪري ڏني

شڪارپور (ڊ ر) شڪارپور ويجهو ريلوي پٽڙي تي زور دار ڌماڪي سبب پٽڙي کي سخت نقصان پهتو آهي جڏهن ته

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

مورو ويجهو مزدا، ٽرالر ۽ رڪشا ۾ ٽڪر سبب پورهيت فوت، گهر ۾ ڪهرام

شادو پائي هوٽل وٽ تيز رفتار مزدا جي ٽڪر بعد رڪشا ٽرالر سان ٽڪرائجي ويو

حادثي ۾ رڪشا هلائيندڙ نوجوان خميسو ولد شوڪت ڪورائي موقعي تي ئي فوت ٿي ويو

مورو (ن ع) مورو پرسان نيشنل هاءِ وي تي شادو پائي هوٽل وٽ افسوسناڪ ٽريفڪ حادثو جنهن تيز رفتار مزدا گاڏي رڪشا سان

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

ڄامشورو ۾ مهراڻ يونيورسٽي جي پورهيتن جو حقن جي حاصلات لاءِ 14 هين ڏينهن به احتجاج جاري

ڄامشورو (ڊ ر) مهراڻ يونيورسٽي جي جا پورهيت حقن لاءِ احتجاج کي 14 ڏينهن به احتجاج کي جاري رکندي ملازم ڊيوٽين

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

اسلام ڪوٽ ۾ نوجوان ڊاڪٽر پاران آپگهات جي ڪوشش

ڊاڪٽر راول راءِ ميگهواڙ مبينا طور پنهنجي مٿان پيٽرول هاري باهه ڏئي آپگهات جي ڪوشش ڪئي

ڊاڪٽر ميهاري روڊ تي قائم هڪ يونٽ تان پيٽرول خريد ڪيو ۽ پنهنجي پاڻ کي باهه ڏني

اسلام ڪوٽ (رپورٽ:سڪندر علي بجير) اسلام ڪوٽ ۾ رورل هيلٿ سينٽر اسپتال ۾ پي پي ايڇ آءِ تحت ڊيوٽي ڪندڙ 28

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

ضلعي ۾ عوامي مسئلن جي حل ۽ ترقياتي ڪمن کي تيز ڪرڻ سنڌس اولين ترجيح هوندي: ڊي سي لاڙڪاڻو

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ضلعي جي نئين مقرر ٿيل ڊپٽي ڪمشنر طارق منظور چانڊيو پنهنجي عهدي جي چارج

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوڄام پينشن کان محروم مڪاني ڪاتي جا ملازم پنهنجا ٻچا وڪڻڻ تي مجبور

رٽائرڊ ملازمن پنهنجي ٻارن کي وڪڻڻ لاءِ شهر جي مختلف هنڌن تي هوڪا ڏنا

ميئر حيدرآباد پنجن مهينن کان پينشن بند ڪري رکي آهي، فاقا ڪاٽي رهيا آهيون:مظاهرين

ٽنڊوڄام (ٽ ر) 5 مهينن کان پينشن کان محروم مڪاني ڪاتي جا رٽائرڊ ملازم معصوم ٻارن کي وڪڻڻ تي مجبور ٻارن

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوڄام: رٽائرڊ ملازم پينشن لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن.

ٽنڊومحمدخان لڳ 25 سالن نوجوان بيروزگاري کان تنگ اچي ڦاهو کائي آپگهات ڪري ڇڏيو

ٽنڊو محمد خان (ڊ ر) ٽنڊو محمد خان جي ڳوٺ گولو جسڪاڻي جو رهواسي 25 سالا نوجوان

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

ڄامشورو: مهراڻ يونيورسٽي جا ملازم ليو انڪيشمينٽ لاءِ احتجاج ڪري رهيا آهن

مورو پوليس پاران اغوا ٿيل پنجاب واسڻ کي جوابدار سميت گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

ڳجهي اطلاع تي ڇاپو هڻي جوابدار سرفراز کي نائيز ذال انيس شيخ سميت گرفتار ڪيو: پوليس

جوابدار عورت کي راشن ۽ رقم جي لالچ ڏئي اغوا ڪير هو وڌيڪ جاچ ڪريون پيا

مورو (ن ع) مورو پوليس جي ڪارروائي، عورت کي راشن ۽ پئسن جو لالچ ڏئي پنجاب مان اٽيندڙ جوابدار گرفتار مغوي

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

خانپورمهر ويجهو چلهه مان چڻنگ اڏڻ سبب ٻن پورهيتن جا گهر سڙي رک

ڳوٺ غلام حسين گڏاڻي واسي تحرير ۽ برڪت گڏاڻي جي گهرن کي باهه وڪوڙيو

باهه سبب سمورو سامان سڙي خاڪ ٿي ويو، مالي سهائتا ڪئي وڃي: متاثرين

خانپورمهر (ن ع) خانپورمهر پرسان ڳوٺ غلام حسين گڏاڻي ۾ پورهيت تحرير گڏاڻي ۽ برڪت گڏاڻي جي گهرن ۾ اوچتو

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

ڪنڊيارو پرسان ٽرالر جي ٽڪر ۾ ڳوٺاڻو فوت، گهر ۾ ڪهرام

پيڙي اسٽاپ وٽ حادثي ۾ محمد امين مگريو زخمي ٿي پيو

زخمي کي اسپتال نيو ويو جتي زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو

ڪنڊيارو (ن ع) ڪنڊيارو پرسان قومي شاهراه تي ٽرالر جي ٽڪر ۾ ڳوٺاڻو فوت ڪنڊيارو قومي شاهراه تي پيڙي

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻو: هاءِ ويز ايمپلائيز يونين سي بي اي پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي

قلجي لڳ ڪکائين گهر کي باهه، الهه تلهه رک

ڳوٺ چڪ احمدي ۾ منظور چانڊيو جي گهر کي باهه وڪڙ ۾ آندو

گهر ۾ پيل هنڌ، بسترا، نياڻي جو ڏاج سميت سامان سڙي خاڪ

قلجي اسٽيشن (ن ع) پرسان ڳوٺ چڪ احمدي ۾ پورهيت منظور چانڊيو جي ڪکائين گهر کي اوچتو باهه وڪوڙي وئي،

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

ٿرپارڪر ۾ ٻن مختلف حادثن ۾ 2 نوجوان فوت، ٻه ڄڻا زخمي

ٽنڊو ڪوٽ ويجهو جوڳي موڙ تي ٻن موٽر سائيڪلن ٽڪر سبب عبدالستار فوت، ٻه زخمي ٿي پيا

اونڌيو لڪ تي لانگ جيپ جو اوچتي بريڪ سبب 46 سالن جو نول ولد ڀڳڙو هيٺ ڪري فوت

مٺي (ڊ ر) ٽنڊو ڪوٽ ويجهو جوڳي موڙ تي ٻن موٽر سائيڪلن ۾ آمهون سامهون ٽڪر ٿي پيو جنهن جي نتيجي ۾ ڳوٺ

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

دادو جهيڙي ۾ قتل ۽ ٻن زخمين جو ڪيس داخل، ٻه جوابدار گرفتار

فتح محمد ڪابورو ڳوٺ ۾ جهيڙي دوران نور محمد ڪابورو فوت، ٻه ڀائر زخمي ٿيا هئا

نوتي جي ڀائٽي دلدار جي فرياد تي ڪيس داخل، پوليس عاشق ۽ رمضان ڪابورو کي گرفتار ڪيو

دادو(ڊ ر) دادو لڳ ڳوٺ فتح محمد ڪابورو

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد ۾ گهر کي باهه لڳڻ سبب ماءُ ۽ ٻه ٻار سڙي فوت، ٻه ڀاتي بچي ويا

علي پيلس واري علائقي ۾ صديقي پلازا جي فليٽ ۾ اوچتو باهه لڳي وئي

باهه لڳڻ سبب مريم زال نديم، پٽ شافع ۽ ڌي ايفا صديقي سڙي فوت ٿي ويا

اطلاع تي پوليس پهچي لاش ڪڍائي اسپتال منتقل ڪيا، عيد خوشيون ماتم ۾ تبديل

حيدرآباد (رپورٽ مختيار برفت) حيدرآباد ۾ گهر کي باهه لڳڻ سميت ماءُ سنلس ٽي ۽ پٽ سڙي فوت ٿي ويا جڏهن ته ساڳي گهر مان ٻن ڄڻن ڀڄي جان بچائي خبر موجب ڪالهه صبح جو 11 وڳي حيدرآباد جي علي پيلس واري علائقي ۾ صديقي

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

اسان هميشه سياست عوام جي حقن خاطر ڪئي آهي: شاهه رخ انور سيال

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي جي ايم پي اي ۽ سنڌ جي اڳوڻي صوبائي گهرو وزير سهيل انور سيال جي پٽ ڏڙي ٽائون جي چيئرمين

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

جيڪب آباد: پوليس مقابلي ۾ گرفتار ڪيل جوابدار کي نيو پيو وڃي

سکر جي جهانگهڙو ٿاڻي جي حد ۾ مبينه مقابلو

مقابلي دوران هڪ ڌاڙيل زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو

ايس ايس پي سکر اظهر خان ڪامياب ڪارروائي تي پوليس ٽيم کي شاباسي ڏني

سکر (بيورو رپورٽ) سکر جي جهانگهڙو ٿاڻي جي حد قال موري ويجهو پوليس ۽ ڌاڙيلن وچ ۾ مقابلي دوران هڪ ڌاڙيل

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

مٽلي: ڊاڪٽر عبدالڪريم شيخ جي خودڪشي وارو معاملو 8 ملازمن تي ڪيس داخل

ڊاڪٽر ڪريم جي پٽ صادق ڪريم شيخ جي فرياد تي ڪيس داخل ڪيو ويو

ڪيس ۾ شفيق اڄڻ، مريش ڄڳاڻي،عبدالمالڪ نهڙي، موهن ڪتري ۽ ٻين جا نالا شامل

مٽلي (رپورٽ: ننداللال لوهاڻو) مٽلي سول

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻو: ڏڙي ٽائون جو چيئرمين شاهه رخ انور سيال معذور کي ويلچيئر ڏئي رهيو آهي

مورو سانحي جي قيدين جي آزادي لاءِ وارثن ۽ سياسي سماجي تنظيمن پاران احتجاجي مظاهرو

مظاهرين وڪيل گلزار علي عالماڻي، ياسين سومرو، علي دوست رند، محسن علي رستماڻي ۽ ٻين احتجاج ڪيو

10 مهينا گذرڻ باوجود قيدين جا ڪيس ٻه نٽا هلايا وڃن ۽ ضمانتون ٻه ڪرڻ نه ڏنيون وڃن ملاقاتون ٻه بند آهن: مظاهرين

بيگناهه قيدين تان ڪوڙا ڪيس ختم ڪري انهن کي آزاد ڪيو وڃي محاصرا ختم ڪرائي انصاف ڪيو وڃي

مورو (رپورٽ خدا بخش ميمڻ) مورو سانحي جي بيگناهه قيد ڪيل قيدين جي آزادي لاءِ وارثن معصوم ٻارن عورتن نياڻين ۽

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد ۾ منشيات فروشن جي فائرنگ، ٻن عورتن سميت 4 ڄڻا زخمي

لطيف آباد نمبر 9 ۾ رات دير سان انڌاڌند فائرنگ، علائقي ۾ ڏهڪاءُ پکڙجي ويو

حيدرآباد(رپورٽ مختيار برفت) حيدرآباد

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

عوام جي جذبات کي مجروح ڪرڻ وارو گورنر نٿو رهي سگهي: شهريار مهر

معاشي مشڪلاتن باوجود پيٽرول مهانگو ڪرڻ ناقابل قبول قدم آهي

اسرائيلي جارحيت ۽ آمريڪي پاليسيون خطي ۾ بحران جو بنيادي سبب آهن

شڪارپور (ڊ ر) پيپلز پارٽي جي ايم اين اي محمد شهر يار خان مهر پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ اوچتو واڌ کي دشمن فيصلو قرار

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

شڪارپور: شهريار خان مهر ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

پ پ عوام کان خوفزده ٿي مخالف جماعتن جا رستا اليڪشن ذريعي بند ڪرڻ چاهي ٿي: زين شاهه

سنڌ حڪومت بلدياتي نظام تحت پنهنجي حاڪميت قائم رکڻ جي لاءِ آئين ۾ ترميمون ڪرائڻ چاهي ٿي

اهڙي قسم جون اٽڪلون ۽ اختيار يا غير آئيني ۽ غير جمهوري قدم کڻڻ ملڪ جي لاءِ هاڃيڪار ثابت ٿيندا

ڄامشورو (ڊ ر) سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي صدر ۽ تحريڪ تحفظ آئين پاڪستان جي وائيس چيئرمين سيد زين شاهه پنهنجي جاري ڪيل بيان ۾ چيو آهي ته سنڌ

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

ڄامشورو: ڊپٽي ڪمشنر جي صدارت ۾ گڏجاڻي ٿي رهي آهي

طارق روڊ تي واقع دبئي شاپنگ مال جي بيسمينٽ ۾ گودام ۽ دڪانن ۾ باهه

شاپنگ مال جي بيسمينٽ ۾ ڪپڙن جي دڪانن ۾ باهه لڳي، فائر برگيڊ جي پنج گاڏين باهه تي ضابطو آڻڻ ۾ حصو ورتو

ريسڪيو آپريشن دوران ٻه فائر فائٽر بلال ۽ سڪندر دونهين سبب بي هوش ٿي ويا ۽ انهن کي فوري طبي امداد فراهم ڪئي وئي

مارڪيٽ ايسوسيئيشن فائر برگيڊ اهلڪارن جي بروقت ڪارروائي جي تعريف ڪندي، انهن لاءِ 10 لک رپين جي انعام جو اعلان ڪيو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي مصروف ترين تجارتي مرڪز طارق روڊ تي واقع دبئي شاپنگ مال جي بيسمينٽ ۾ گودام ۽ دڪانن ۾ اوچتو باهه لڳي وئي، جنهن جي ڪري علائقي ۾ خوف ۽ هراس

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

حڪومت سنڌ
پلاننگ، ڊولپمينٽ، مانيٽرنگ اينڊ امپليمينٽيشن سيل
ڪلچر، ٽوئرزم، اينٽيڪئٽيز اينڊ آرڪائيوز ڊپارٽمينٽ

ٽينڊر گهرائڻ لاءِ نوٽيس

No. XEN/PDM&I-CELL/CTA&AD/NIT-REV./2025-26/287 Dated: 16th March, 2026

”شين / سامان جي خريداري“

پلاننگ، ڊيولپمينٽ، مانيٽرنگ اينڊ امپليمينٽيشن (PDM&I) سيل پاران اي_پاڪ اڪوائزيشن اينڊ ڊسپوزل سسٽم (EPADS) ذريعي معروف قائم ٿيل ۽ مالي طور تي مستحڪم ڪانٽريڪٽرن / فرمن / ڪمپنين کان مالي سال 26_2025 لاءِ 01. فرنيچر ۽ فڪسچر، 2. پلانٽ ۽ مشينري ۽ 3. هارڊويئر سامان جي فراهمي ۽ خريداري لاءِ اليڪٽرانڪ آڇون گهربل آهن. صرف اهي واڪ ڏيندڙ جيڪي لاڳاپيل تجربو، ثابت ٿيل فني صلاحيت ۽ ساڳئي قسم جي سامان جي فراهمي ۾ مستحڪم مالي حيثيت رکندا هجن. واڪ جي عمل ۾ حصو وٺڻ جا اهل آهن. دلچسپي رکندڙ واڪ ڏيندڙن وٽ فيڊرل بورڊ آف روينيو مان جاري ڪيل نيشنل ٽيڪس نمبر (NTN)، سيلز ٽيڪس رجسٽريشن نمبر (STRN) ۽ سنڌ روينيو بورڊ (SRB) سان سنڌ سيلز ٽيڪس رجسٽريشن (جتي لاڳو هجي) جا صحيح ۽ فعال سرٽيفڪيٽ هجڻ لازمي آهن. جيڪي سنڌ پبلڪ پروڪيورمينٽ رولز 2010 (تازي ترميم ٿيل) جي شقن مطابق هجن. خريداري جو عمل سنڌ پبلڪ پروڪيورمينٽ رولز 2010 جي رول 46(1) هڪ مرحلي تي هڪ لفافي طريقيڪار تحت ڪيو ويندو.

اهليت / پرک جو معيار

1. مالڪن / پروپرائيٽرز / سي اي او / بورڊ ميمبرن جي سڃاڻپ ڪارڊ (CNIC) جي ڪاپي.
2. FBR رجسٽريشن سرٽيفڪيٽ جي ڪاپي جنهن تي نيشنل ٽيڪس نمبر (NTN) ۽ سيلز ٽيڪس رجسٽريشن نمبر (STRN) درج هجي.
3. سنڌ روينيو بورڊ (SRB) سان رجسٽريشن جي ڪاپي جنهن تي سنڌ سيلز ٽيڪس نمبر (SSTN) درج هجي.
4. انڪم ٽيڪس ۽ سيلز ٽيڪس ٻنهي لاءِ FBR ايڪٽو ٽيڪسپيئر لسٽ (ATL) اسٽيٽس (تازو) جي ڪاپي.
5. گذريل ٽن (03) مالي سالن جي جمع ٿيل ٽيڪس ريٽرن جي ڪاپي، بشمول:
   الف. انڪم ٽيڪس ريٽرن
   ب. سيلز ٽيڪس ريٽرن
   ت. سنڌ سيلز ٽيڪس ريٽرن
6. بئنڪ اسٽيٽمينٽ جي ڪاپي جيڪا گذريل ٽن (03) سالن لاءِ ساليانو ٽرن اوور جي تخميني لاڳت جو گهٽ ۾ گهٽ 50 سيڪڙو (جيئن APP ۾ ٻڌايل آهي) ۽ آڇيل واڪ (واڪن) جي مقابلي ۾ فرم / ڪانٽريڪٽر/ڪمپني جي بئنڪ اڪائونٽ ۾ گهٽ ۾ گهٽ 10 ملين رقم ڪلوزنگ بيلنس طور ظاهر ڪري.
7. گذريل ٽن (03) مالي سالن جون ساليانو آڊيٽيڊ فنانشل اسٽيٽمينٽس / آڊيٽر رپورٽون. جيڪي آڊيٽرز جي عالمي تنظيمن يا چارٽرڊ اڪائونٽنسي فرمن پاران جاري ڪيل هجن. ٻين ذريعن کان رپورٽون قبول نه ڪيون وينديون.
8. واڪ ڏيندڙ کي ساڳي نوعيت جي معاهدن ۾ گهٽ ۾ گهٽ ڏهه (10) سالن جو تجربو هجڻ گهرجي ۽ گذريل ٽن (03) سالن دوران ساڳي نوعيت جا گهٽ ۾ گهٽ ٽي (03) ڪم جا معاهدا ڪاميابي سان مڪمل ڪيا هجن. واڪ ڏيندڙ مڪمل ڪمپني پروفائل فراهم ڪندو جنهن ۾ مختلف ادارن پاران جاري ڪيل ورڪ آرڊرز/سپلائي آرڊرز جي ترتيب واضح هجي. گڏوگڏ لاڳاپيل ورڪ آرڊرز، سپلائي آرڊرز، مڪمل ٿيڻ جا سرٽيفڪيٽ ۽ ٻيا دستاويزي ثبوت فراهم ڪيا وڃن جيڪي مٿي ذڪر ڪيل ڪمن جي ڪامياب مڪمل ٿيڻ کي ثابت ڪن.
9. ڪيٽلاگ / بروشر / ٽيڪنيڪل لٽريچر (اصل) ۽ پرنسپل / مينيو فيڪچر جي نمائندي کان ڊيلرشپ اٿارائيزيشن ليٽر، جتي لاڳو هجي.
10. سنڌ ۾ آفيس/ ورڪشاپ جي سهولت (مڪمل پتو، فون، فيڪس، اي ميل سان گڏ).
11. لاڳاپيل ماهر انساني وسيلو ”مڪمل بايو ڊيٽا ،“CV
12. حلف ناما:
   الف. جڊيشل اي_اسٽامپ پيپر تي خاطري ته فرم کي ڪنهن به عوامي شعبي جي اداري يا سرڪاري کاتي پاران بليڪ لسٽ ناهي ڪيو ويو.
   ب. جڊيشل اي_اسٽامپ پيپر تي خاطري ته فرم ڪنهن به لٽيگيشن (مقدمي بازي) ۾ شامل ناهي ۽ ڪنهن به عوامي شعبي جي اداري يا سرڪاري کاتي ۾ ڪو به ڪم اڌ ۾ ناهي ڇڏيو.
13. ٽينڊر سوڻي رقم / بڊ سيڪيورٽي جيڪا ڪل آڇ جي قيمت جو 5 سيڪڙو هجي (واپسي جوڳي) بئنڪرز چيڪ / / CDR پي آرڊر جي صورت ۾ جيڪو ” DDO PDM&I Cell, CTA&AD, Government of Sindh“ جي نالي هجي.
14. ٽينڊر / واڪ دستاويز جو هر صفحو فرم / واڪ ڏيندڙ پاران صحيح ٿيل ۽ مهر لڳل هجڻ گهرجي. مشروط آڇن تي غور نه ڪيو ويندو.
15. پي آرڊر / ڊيمانڊ ڊرافٽ / رسيد رقم -/3,000 روپيا (صرف ٽي هزار روپيا) ” DDO PDM&I Cell, CTA&AD, Government of Sindh“ جي نالي سان. جيڪا ٽينڊر في هوندي ۽ واپس نه ڪئي ويندي. نوٽ: آڇ ڪيل قيمتن ۾ تمام مروج ٽيڪس، فراهمي، ٽرانسپورٽيشن ۽ فڪسنگ/انسٽاليشن شامل هجڻ گهرجن.
16. اهي فرمون جيڪي مقرر ڪيل اهليت جي معيار تي پوريون نه لهنديون يا گهربل دستاويز فراهم نه ڪنديون، انهن جون آڇون رد ڪيون وينديون.

پروڪيورنگ ايجنسي وٽ واڪ ڏيندڙ پاران جمع ڪرايل ڪنهن به يا تمام دستاويزن جي تصديق، پرتال ۽ ڪراس چيڪ ڪرڻ جو حق محفوظ آهي ۽ جيڪڏهن ضروري سمجهيو ويو ته معلومات جي صداقت ۽ فرم جي فني ۽ مالي صلاحيت کي پرکڻ لاءِ سائيٽ جو دورو پڻ ڪري سگهجي ٿو. واڪ ڏيندڙ هر شي جي فني معيار / وضاحت ڪمپني جي آفيشل ليٽر هيڊ تي جمع ڪرائيندا، جيڪا بااختيار نمائندي پاران صحيح ۽ اسٽيمپ ٿيل هجي. جيڪڏهن ڪو به واڪ ڏيندڙ غلط، گمراهه ڪندڙ، جعلي يا غير مستند معلومات فراهم ڪندي مليو ته ان کي لاڳو قانونن ۽ سنڌ پبلڪ پروڪيورمينٽ رولز 2010 جي لاڳاپيل شقن تحت نااهل قرار ڏنو ويندو ۽ قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي. ان کان علاوه، دستاويزي ثبوتن کان سواءِ يا اهليت جي معيار تي پورا نه لهندڙ دستاويز اڌورا سمجهيا ويندا ۽ نان ريسپانسو قرار ڏئي شروعاتي مرحلي تي ئي رد ڪيا ويندا.

درخواست ڏيڻ جو طريقيڪار:

1. دلچسپي رکندڙ واڪ ڏيندڙ تفصيلي شرطن ۽ ضابطن وارا واڪ دستاويز اي_پاڪ اڪيوزيشن اينڊ ڊسپوزل سسٽم (EPADS) پورٽل: https://portalsindh.eprocure.gov.pk تان ڏسي ۽ ڊائون لوڊ ڪري سگهن ٿا. آڇ جمع ڪرائڻ کان اڳ EPADS تي رجسٽريشن لازمي آهي.
2. آڇ ڪيل قيمتن ۾ انڪم ٽيڪس، SST/GST، ۽ ٻيا تمام لاڳو ٽيڪس، ڊيوٽيون ۽ ليويز شامل هجڻ گهرجن.
3. مڪمل آڇون EPADS ذريعي اليڪٽرانڪ طور 03 اپريل 2026 صبح 11:30 وڳي تائين يا ان کان اڳ جمع ڪرائيون پونديون. آڇون ساڳئي ڏينهن يعني 03 اپريل 2026 تي منجهند 12:30 وڳي ايگزيڪيوٽو انجنيئر، PDM&I سيل، رومي قبرستان جي پويان، گرڊ اسٽيشن جي ويجهو، ناردرن بائي پاس، ڪراچي جي آفيس ۾ کوليو وينديون. مينوئل آڇون قبول نه ڪيون وينديون.
4. واڪ ڏيندڙن لاءِ آڇ جي قيمت جو 5 سيڪڙو بڊ سيڪيورٽي ۽ -/3,000 روپيا ٽينڊر في (ناقابل واپسي) ڪال ڊيپازٽ، بئنڪ گارنٽي، ڊيمانڊ ڊرافٽ يا پي آرڊر جي صورت ۾ ” DDO PDM&I Cell, CTA&AD, Government of Sindh“ جي نالي جمع ڪرائڻ لازمي آهي. بڊ سيڪيورٽي ۽ ٽينڊر في جي ڪاپي EPADS تي آن لائن جمع ڪرائي ويندي، جڏهن ته اصل دستاويز واڪ کلڻ جي تاريخ تي يا ان کان اڳ ايگزيڪيوٽو انجنيئر، PDM&I سيل جي آفيس ۾ پهچڻ گهرجن.
5. سرڪاري موڪل يا اُتر حالتن جي صورت ۾، آڇون اينڊڙ ڪم واري ڏينهن تي ساڳئي وقت ۽ هنڌ تي جمع ۽ کوليو وينديون.
6. پروڪيورنگ ايجنسي وٽ سنڌ پبلڪ پروڪيورمينٽ رولز 2010 (ترميم ٿيل) تحت ڪنهن به يا تمام آڇن کي قبول يا رد ڪرڻ جو حق محفوظ آهي.
7. وڌيڪ معلومات لاءِ، واڪ ڏيندڙ آفيس جي وقت دوران ايگزيڪيوٽو انجنيئر (PDM&I) سيل سان سيل نمبر 0331-3263107 تي رابطو ڪري سگهن ٿا.

پلاننگ، ڊيولپمينٽ، مانيٽرنگ اينڊ امپليمينٽيشن سيل، ڪلچر ٽوئرزم اينٽيڪئٽيز اينڊ آرڪائيوز ڊپارٽمينٽ، پٺيان رومي قبرستان، نزد گرڊ اسٽيشن، ناردرن باءِ پاس، ڪراچي

اختيار احمد منگي
ايگزيڪيوٽو انجنيئر / DDO
پلاننگ ڊولپمينٽ مانيٽرنگ اينڊ امپليمينٽيشن سيل،
ڪلچر، ٽوئرزم، اينٽيڪئٽي، اينڊ آرڪائيوز ڊپارٽمينٽ،
حڪومت سنڌ

وڌيڪ تفصيلن ۽ سوالن لاءِ رابطو ڪريو: ايگزيڪيوٽو انجنيئر
پلاننگ، ڊولپمينٽ، مانيٽرنگ اينڊ امپليمينٽيشن سيل، ڪلچر
ٽوئرزم اينٽيڪئٽيز اينڊ آرڪائيوز ڊپارٽمينٽ
سيل نمبر +92-331-3263107

I WORK FOR SINDH

INF/KRY/1118/2026

HESCO حيدرآباد اليڪٽرڪ سپلاءِ ڪمپني لميٽيڊ

اِي آڇون گهرائجن ٿيون

HESCO پاران PPRA رولز جي تحت هڪ مرحلي تي ٻه لفافي طريقيڪار اي_آڇ طريقي جي ذريعي، نيشنل ڪمپيٽيٽو بڊنگ (NCB) تحت هيٺين ڪمن لاءِ ڪانٽريڪٽرن کان اي_آڇون گهرائجن ٿيون.

Tender No	Name of work	Bid Security	Bid closing date & time	Bid opening date & time
Tender 2025-26 XEN/Civil-52	Rehabilitation / Renovation of PMU office, Marble Topping, MIS & BOD office at Power Wing Colony HESCO Hyderabad	285,500.00	06.04.2026 11:00 AM	06.04.2026 11:30 AM
Tender 2025-26 XEN/Civil-53	Repair & Maintenance of Computer Center at S.E operation Society Nawabshah HESCO	259,000.00	06.04.2026 11:30 AM	06.04.2026 12:00 PM
Tender 2025-26 XEN/Civil-54	Maintenance & Repair of Circle Training Centre HESCO at 132Kv Grid Station Society HESCO Nawabshah	231,000.00	06.04.2026 12:00 PM	06.04.2026 12:30 PM
Tender 2025-26 XEN/Civil-55	Maintenance & Repair of Sub Division Officer (Operation) HESCO Daulatpur	186,000.00	06.04.2026 12:30 PM	06.04.2026 01:00 PM
Tender 2025-26 XEN/Civil-60	Repair & Maintenance of XEN / RO Office i/c Reconstruction of over Head Tank, Marble on Roof, False Ceiling & Wall Paneling, XEN Office Room Water Supply & Sewerage System, Construction of new Vehicles Parking Shed (04 Nos) at Old Power House Colony Phulelli	559,000.00	07.04.2026 12:00 PM	07.04.2026 12:30 PM
Tender 2025-26 XEN/Civil-61	2nd Phase for the Construction and Establishment of Transformer Reclamation Workshop at Mirpurkhas	2,109,000.00	07.04.2026 12:30 PM	07.04.2026 01:00 PM
Tender 2025-26 XEN/Civil-62	2nd Phase for the Construction and Establishment of Transformer Reclamation Workshop at Shaheed Benazirabad Nawabshah	3,199,000.00	07.04.2026 01:00 PM	07.04.2026 01:30 PM

1. اهليت:

اي_آڇ لاءِ هي دعوت انهن تمام آڇ ڏيندڙن لاءِ کليل آهي جيڪي هيٺين ضرورتن کي پورو ڪن ٿا:

الف) PPRA سان رجسٽريشن بشمول EPADS جو استعمال. ۽ پاڪستان انجنيئرنگ ڪائونسل (PEC) مان سال 26_2025 لاءِ تجديد ٿيل (Valid) سرٽيفڪيٽ. آڇ ڏيندڙ وٽ PEC جي لاڳاپيل ڪيٽيگري ۽ ڪوڊس ۾ تعميراتي شعبي ۾ ٽن (03) سالن جو تجربو هجڻ لازمي آهي.

ب) آڇ ڏيندڙ/جي وي (JV) ڪو فرد، خانگي ادارو يا سرڪاري ادارو هجي جيڪو ايڪٽو ٽيڪس پيئر لسٽ ۾ هجي ۽ فيڊرل بورڊ آف روينيو (FBR) ۽ سنڌ روينيو بورڊ (SRB) وٽ رجسٽرڊ هجي.

شرط ۽ ضابطا:

2. نيشنل ڪمپيٽيٽو واڪ (NCB) هڪ مرحلي تي ٻه لفافي طريقيڪار موجب ڪئي ويندي.

الف. واڪ دستاويزن جو مڪمل سيٽ بشمول تفصيلي هدايتون، شرط ۽ ضابطا، EPADS جي ويب سائيٽ (http://www.eprocure.gov.pk) تي رجسٽرڊ آڇ ڏيندڙن لاءِ دستياب آهن.

ب. سيڪي اي_آڇ سان گڏ بڊ سيڪيورٽي رقم (جيڪا مٿي ڄاڻايل آهي) ايگزيڪيوٽو انجنيئر سول ورڪس ڊويزن HESCO حيدرآباد جي نالي بئنڪ گارنٽي / CDR / بئنڪر چيڪ جي صورت ۾ هجڻ گهرجي. جيڪا آڇ جي مدي کان 28 ڏينهن وڌيڪ عرصي تائيد هجي. آڇ ڏيندڙ کي بڊ سيڪيورٽي جي اسڪين ڪيل ڪاپي EPADS تي اپ لوڊ ڪرڻي پوندي ۽ اصل بڊ سيڪيورٽي اي_آڇ جمع ڪرائڻ جي تاريخ ۽ وقت کان (هڪ ڏينهن) اڳ پروڪيورنگ ايجنسيءَ وٽ جمع ڪرائڻي پوندي. ٻي صورت ۾ آڇ رد ڪئي ويندي.

ج. سيني دلچسپي رکندڙ آڇ ڏيندڙن کي هدايت ڪئي وڃي ٿي ته ٿي اهي E-Pak Acquisition & Disposal System (EPADS) پورٽل ذريعي آن لائن اپلاءِ ڪن.

د. ڪامياب آڇ کي ڪانٽريڪٽ جي ڪل قيمت جو 10٪ پرفارمنس سيڪيورٽي طور CDR يا بئنڪ گارنٽي جي صورت ۾ جمع ڪرائڻو پوندو.

هـ. HESCO پي پي آر اي رول 2004 جي شق 33(1) تحت ڪنهن به يا سيني آڇن کي رد ڪرڻ جو حق محفوظ رکي ٿي.

و. هي اشتهار PPRA جي ويب سائيٽ (www.ppra.org.pk) ۽ HESCO جي ويب سائيٽ (www.hesco.gov.pk) تي پڻ موجود آهي.

نوٽ: پي پي آر اي رولز 2004 جي رول 48 تحت قائم ڪيل GRC جو نوٽيفڪيشن EPADS تي موجود آهي.

فون: 0337_2192756

اي ميل: xenhescocivil@gmail.com

پتو: XEN سول ورڪس ڊويزن HESCO حيدرآباد، فليٽ نمبر C-7، واپڊا پاور ونگ ڪالوني، HESCO حسين آباد، حيدرآباد.

(ظفر علي سومرو) ايگزيڪيوٽو انجنيئر
سول ورڪس ڊويزن HESCO، حيدر آباد

PID(H)353/2025

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي، تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.